نينهن جا نعرا

(سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو)



پروفيسر، ڊاڪٽر عطا محمّد حامي (مرحوم)

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

سچل نيشنل سيمينار ۱۹۸۲ع جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

نينهن جا ذرا

(سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو)

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي (مرحوم)

SOORIH SINDHI ADAB

ڪافي پبليڪيشن

C-79 اسٽاف ٽائون، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

سنڌ

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڇاپو پهريون — مارچ ۱۹۸۳ع
تعداد — هڪ هزار

SOORIH SINDHI ADAB

قيمت پندرهن رپيا

ڇپائيندڙ: سيد محمد محسن علي شاه نائب صدر سنڌي ڪلچرل ايسوسيئيشن، C-96 اسٽاف ٽائون ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
ڇپيندڙ: خرم پريس، ڪراچي.

فهرست

	صفحو
اکر	
ـ ديباچو	۷
ـ مقدمو	۹
ـ مثنوين جو مختصر تعارف	۲۰
ـ ساقي نامو	۴۶
ـ تار نامو	۵۱
ـ راز نامو	۵۷
ـ گداز نامو	۹۱
ـ عشق نامو	۱۰۲
ـ درد نامو	۱۱۰
ـ رهبر نامو	۱۱۱

SOORIH SINDHI ADAB

ٻه اکر

اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي صوفي شاعرن تي خاطر خواه ڪم ڪونه ٿيو آهي. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، شاهه لطيف تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، سو هر لحاظ کان تعريف جي لائق آهي. باقي ٻين صوفي شاعرن خاص طور سچل سرمست جهڙي عظيم شاعر تي هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي، تنهن کي خاطر خواهه سڏي نه ٿو سگهجي. هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سچل سرمست يادگار ڪميٽي ۽ قاضي علي اڪبر درازي (مرحوم) جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن، پر اڃا گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته خيرپور ۾ مسٽر جسٽس سيد غوث علي شاهه صاحب وزير تعليم قانون، رانديون ۽ ثقافت حڪومت سنڌ، سيد محب الله شاهه ڪمشنر سکر ڊويزن، مسٽر غلام محمد ميمڻ ڊي.سي خيرپور، پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي (مرحوم)، ڊاڪٽر تنوير عباسي، مسٽر هادي بخش لاڙڪ ۽ ٻين ڪارڪنن جي ڪوشش سان سچل اڪيڊمي قائم ڪئي وئي آهي. هيئنر اميد نه بلڪ يقين آهي، ته سچل سرمست ۽ ان دور جي ٻين صوفي شاعرن تي ڀرپور نموني تحقيقي ڪم ڪيو ويندو. اها پڻ اميد ڪجي ٿي ته جلد ئي خيرپور ڪيمپس ۾ سچل چيئر قائم ڪئي ويندي ته جيئن سچل سرمست جي فڪر ۽ فن تي گهڻي کان گهڻو ڪم ڪري سگهجي.

منهنجو مهربان استاد سائين ڊاڪٽر عطا محمد حامي، جنهن کي مرحوم لکندي هٿ ڏڪن ٿا، قلم ڪنبي ٿو ۽ دل مان دانهن نڪري ٿي. جيڪو نه فقط هڪ وڏو اديب، عالم، شاعر، نقاد ۽ محقق هو، پر هڪ اعليٰ انسان واريون سڀ خوبيون منجهس موجود هيون جنهن نه صرف بنده راقم تي مهربانيون ڪيون، پر هن هر ڪنهن سان ڀلائيءَ جا پيرا ڪيا سنڌ جي عظيم دانشور سائين راشدي مرحوم جي رحلت وارن ڏينهن اهڃاڻ ڪرنديون ٿي نه ٻڌيون هيون، نه ورڻي هن وڇوڙي ويل ڪري ڇڏيو!

سورن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
آيل اوپارو، ڀانئڙ ڀڏو ٻوڙ وهي! (شاهه)

استاد سائين ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم جون سڀ ادبي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. سندس ڪلام فڪر توڙي فن جي لحاظ کان افضل ۽ اعليٰ آهي، سندس تحقيقي مضمون ۽ مقالا پڻ سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. خاص طور سچل سرمست تي سندن مطالعو تمام وسيع هو. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين جي فڪر جي کين وڏي

SOORIH SINDHI ADAB

جان مان بنده کمترين پيرا کين گذارش کئي، ته پنهنجو کو ڪتاب ڏيو، ته ڪادي پبليڪيشن واران ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي. پر هر دفعي ائين چئي منهنجي ڳالهه ٽاري ڇڏيندا هئا ته "الله بس، باقي هوس" پر مان کين سچڏ تي منٿون ڪندو آيس.

هڪ ڀيري کين گذارش ڪيم ته، "جو نه اوهان جو هڪ اهڙو ڪتاب ڇپرايو وڃي، جنهن ۾ سچل سرمست جي فارسي مثنوين جي منظوم ترجمي سان گڏ هر هڪ مثنوي جو مختصر تعارف به هجي گهرجي ۽ پاڪستان پبليڪيشن پاران ڇپرايل اوهان جي ڪتاب **منصور ثاني حضرت سچل سرمست** وارو مقدمو پڻ ان ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي" بنده راقم جي اها گذارش قبول ڪيائون. سچل سرمست جي هڪ مثنوي "رهبر نامه" جو منظوم ترجمو ۽ ان سان گڏ مثنوين جو مختصر تعارف پهرين فيبروري ١٩٨٠ع جي موڪلي ڏنائون. اڳ ۾ ڇپيل مثنوين ۽ مقدمي جي فوٽو ڪاپي محترم محمدعلي حداد مهرباني ڪري موڪلي ڏني.

مارچ ١٩٨٢ع ۾ سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي مون سائن واعدو ڪيو ته انشاءالله سندن ڪتاب سچل سرمست جي ميڙي جي موقعي تي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو ويندو. الاجي ڇو ڏکويل انداز ۾ چيائون ته "ظاهر جلدي ڪر، ساهه تي ويساهه ناهي، ڪتاب منهنجي حياتيءَ ۾ ڇپجي، ته جيئن مان ان کي اکين سان ڏسي سگهان." مون ڪن چيو ته، "سائين الله اوهان کي وڏي حياتي ڏيندو. اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟ انشاءالله ڪتاب اوهان پاڻ ڏسندؤ، پڙهندؤ، بس ميڙي جي موقعي تائين مهلت گهران ٿو."

هڪ ڏينهن اوچتو اطلاع مليو ته: سائينجن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي، جناح اسپتال ۾ داخل آهن، اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. اسپتال ۾ به اڪثر ڪتاب جي باري ۾ پڇندا رهندا هئا. هڪ ڀيري وري ڏکويل لهجي ۾ اهائي ساڳي ڳالهه ڪيائون، جيڪا سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي ڪئي هئائون. مون اهيئي ساڳيا الفاظ دهرايا ته "سائين ڪتاب اوهان جي حياتيءَ ۾ ڇپجي ويندو، اوهان پاڻ ڏسندؤ ۽ خوش ٿيندؤ." پر شايد کين ان ڳالهه جي ڪا خبر هئي، نيٺ هڪ ڏينهن (٣ جون ١٩٨٢ع) اسان سڀني کي روئندو ڇڏي، پاڻ وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليا.

اڄ ڪانهي سچل نيشنل سيمينار شروع ٿيو آهي ـــــــ ۽ هر سال وانگر سچل سائين جا ڪيترا عقيدتمند به جي ڪنا ٿيا آهن. بازارن جي رونق به اڳي کان اڳري آهي. ظاهري طور هر جي هڪ نظر اچي ٿي، پر منهنجو من اداس آهي، مون کي وڏي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي. پيري سائين ۾ مان پاڻ کي اڪيلو ۽ اباڻڪو محسوس ڪري رهيو آهيان، جو

ته هن جهڙي، مجلس ۽ محفل جو مور اڄ اسان سان ڳنڍ نه آهي. سندن پاڄهاري طبيعت ۽ پيار پريون ڳالهيون هر هر ياد اچن ٿيون. مرحوم ڪيڏو نه صحيح فرمايو آهي ته:

ياد ڪندين هن حامي کي اي يار مرڻ کان پوءِ گهڻو،
قرب جا ڳڻيا ڪڪو ٿو کي ڪلهڪ ۾ به ڀڃائي ٿو.

ٻيو ته ڪجهه منهنجي وس ۾ نه آهي، بس سندن هن يادگار ڪتاب کي عقيدت طور مٿي سان لائي، دردن ڀري دل کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اڄ استاد حامي اسان جي نظرن کان دور آهي، پر هو هزارين دوستن، عزيزن، مداحن ۽ شاگردن جي دلين ۾ آباد آهي. جيئن پاڻ فرمايو اٿس ته:

حامي ٿياسون دور نظر کان ته ڇا ٿيو،
دل کان اسان کي دور رکي ڪير ٿو سگهي؟

ههڙي اعليٰ ڪتاب بابت مون جهڙو ادنيٰ ادب جو شاگرد پنهنجي پاران ڇا لکي سگهي ٿو؟ قدر وارا پاڻيهي قدر ڪندا، ۽ اميد ته منهنجي هن نمائي ڪوشش کي مٿير پري نظر سان ڏسندا. انهن سڀني جو شڪر گذار آهيان، جن هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ هڪ سان هٿون وڙهون مدد ڪئي.

ڪراچي، ٢٠ جون ١٩٨٢ع

نواز علي شوق


محترمي ڊائريڪٽر صاحب
السلام عليڪم - حسب ارشاد مواد موڪليو ٿو
باقي درد نامو نئين زندگي جي ١٩٦٥ع
واري ڪنهن پرچي ۾ شايع ٿيل
آهي جنهن جلد هٿ ڪري ڇڏڻ
موڪليندس - مزيد خير والسلام
دعاگو حامي
١٠ فيبروري ١٩٨٢ع

ڊاڪٽر عطا محمد حامي (مرحوم) جو هٿ خط

نوٽ:- ڪن مجبورين سبب ڪتاب ڇپجڻ ۾ دير ٿي وئي، جنهن لاءِ سخت افسوس آهي. هن ڪتاب جا ڪجهه حصا پاڪستان سلڪشن جي ٿورن سان شايع ڪيا ويا آهن.

ديباچو

ديوان اشعار کان سواءِ سچل سائين جو سمورو فارسي ڪلام قلمي آهي، جيڪو پر اهو ڪنهن به مستند نسخي تان حاصل نه ڪيو ويو آهي. ڪجهه سالن کان محترمي قاضي علي اڪبر درازي ڪجهه فارسي ڪلام شايع ڪرايو آهي. پر ان تي تنقيدي نگاهه وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته اهو ڪلام ڪنهن تحقيق کان سواءِ ڇپرايو ويو آهي. جو ان ۾ علم عروض ۽ زبان جون ڪافي غلطيون آهن. سچل سائين جهڙو عظيم شاعر اهڙيون ۽ ايتريون غلطيون ڪري نٿو سگهي. مان سمجهان ٿو ته اهو ڪلام اهڙن ڪاتبن لکيو آهي، جيڪي فارسي زبان جا ڄاڻو نه هئا، ۽ اهڙن ڪاتبن جي هٿان آثارجي آثارجي موجوده حالت تي پهتو آهي.

١٩٥٠ع ڌاري مون به سچل سائين جي مثنوين جو منظوم ترجمو ڪيو هو. انهن ۾ ڪجهه مثنويون ماهيانه ”نئين زندگي“ ۾ مختلف وقتن تي شايع ٿيون هيون. وري ١٩٦٠ع ۾ پاڪستان پبليڪيشن طرفان شايع ڪرايل منهنجي ڪتاب ”سچل سرمست“ ۾ ”رهبر نامي“ کان سواءِ سمورين مثنوين ڏنيون ويون آهن. مثنوي ”رهبر نامو“ منهنجي ڪتابن ۾ هيٺ مٿي ٿي وئي هئي، جيڪا هينئر هٿ آئي آهي ۽ نقل ڪري محترمي ڊاڪٽر نوازعلي شوق جي اصرار تي سندس حوالي ڪري رهيو آهيان.

مون انهن مثنوين جا ٻه نسخا پيش نظر رکيا هئا: هڪ مرحوم محبوب علي چنا صاحب جو، جيڪو محترمي قاضي علي اڪبر صاحب جي نسخي سان پيڙهل هو، ۽ ٻيو ڪرم علي فقير جو، جيڪو مرحوم محمدپناهه سومري رائيپور واري جي نسخي (١٢٦٠ هجري ۾ لکيل) تان اتاريل هو. انهن ٻنهي نسخن ۾ گهڻي ڦيرڦار ٿيل هئي. مون ڪرم علي فقير واري نسخي تي گهڻو اعتبار ڪيو هو، ڇو جو اهو تيرهين صدي هجري جي پراڻي ۽ مستند نسخي تان نقل ٿيل هو. ان هوندي به مان پنهنجي ترجمي ڪيل مثنوين کي ايترو مستند نٿو سمجهان، جيترو سمجهڻ گهرجي. انهن سڀني نسخن جي ادبي ۽ تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ جي سخت ضرورت آهي.

عطا محمد حامي: ڀرڙ آمبروڙ ١٩٨٢ع

فهرست

حسب نسب ....

خاندان ....

درازا، درگاھ جو سلسلو ....

ميان عبدالحق ....

سخي قبول محمد اول ....

زندگيءَ جو احوال ....

ولادت، نالو ۽ پيشنگوئي ....

ننڍپڻ تعليم ....

بيعت، شادي، حليو ۽ لباس ....

سير سفر، طالب ۽ تصنيفات ....

بيماري ۽ وصال ....

سچل سائينءَ جو زمانو ....

سياسي ۽ مذهبي حالتون ....

فقراهي خانقاهون ۽ ادبي ماحول ....

پيا فاروقي شاعر ....

صاحبڏنو فقير ....

ميان عبدالحق، سخي قبول محمد اول ۽ محمد حيات حاتم
گل محمد ....

عبدالهادي، محمد صالح ۽ باغ علي ....

محمد نشان ۽ پيا شاعر ....

شاعري ....

سچل سائين بابت عالمن جا رايا ....

اصناف - سخن ....

موضوع - سخن ....

مقدمو

حسب نسب

خاندان

سچل سر مست عرب جي مشهور و معروف فاروقي خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس مورث اعليٰ شهاب الدين اول بن عبدالعزيز بن عبدالله بن عمر سنه ۹۳ هجري ۾ سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. ان وقت سپه سالاري جا فرائض محمد بن قاسم انجام ٿي ڏنا، ته عباسي خاندان سان شيخ محمود بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس تي خطبي پڙهڻ جي ڊيوٽي هئي ۽ پيش امامي جو ڪم شيخ شهاب الدين کي سونپيل هو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم شيخ شهاب الدين فاروقي کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو. هي سنڌ جو پهريون مسلمان حاڪم هيو. هن کانپوءِ سندس ڇهه پيڙهيون لڳاتار ديني خواه دنيوي حڪومت جون واڳون سنڀاليندڙ رهيون. آخرڪار سن ۲۱۷ هجري ۾ سلطان محمود غزنوي سنڌ فتح ڪري ان وقت جي فاروقي حاڪم محمد کي پينشن مقرر ڪري ڏني. جيڪا هو سال بسال وٺندو رهيو ۽ تاريخ ۲ رمضان ۲۲۱ هجري ۾ وفات ڪيائين. ان کانپوءِ زماني جي انقلاب سبب هن خاندان جي ڀاتين خداآباد جي پرسان نوريجن جو ڳوٺ ٻڌو، جتي ڪيترا فاروقي ٻه لڏي اچي ويٺا. آخرڪار محمد فاروقي جي اولاد مان اٺويهين پيڙهي مخدوم نورالدين بن وحيدالدين جا ٻه فرزند مخدوم ابوسعيد ۽ مخدوم بدرالدين سنه ٦٦٥ هجري ۾ غوث بهاءالدين جي خليفي مخدوم شاه جمار جا مريد بڻجي صاحب ڪماليت ٿيا. ۽ مرشد جي قرب حاصل لاءِ سيوهڻ ۽ نوريجن کي خيرآباد چئي، ڳاگن واري ڀرڪٽي (ڳاگڙي) ۾ اچي

سڪونت پذير ٿيا. مخدوم شاه جمار جو مقبرو گمبت تعلقي جي شهر گڏيجي جي ڀرسان آهي ۽ مخدوم ابو سعيد جو مقبرو ديهه راڻي پور مڪان مرسيجي ۾ آهي.

مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين مرشد کان فيض حاصل ڪرڻ بعد ڪافي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، ايتريقدر جو جهنگ ۾ گاهه ۽ ڏڏ ڪائي پيٽ جو پورائو ڪندا هئا. شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن ننهين ڀائرن کي ڏوٽيڙن جي لقب سان ياد ڪيائين. انهي مخدوم ابوسعيد جي نائين ڀيڙهي خواجه محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو درازن جي موجوده درگاه جو باني ٿيو.

دراز

درازن جي شهر تي اهو نالو فاروقين جي هڪ نوڪر جي نالي پئيان پيو. اهو هئڻ جو فاروقين مان هڪ شخص ميان احمد نالي سرڪاري ملازمت ۾ هو، جنهن جي ايمانداري سان نوڪري ڏيڻ جي عيوض گمبت ۽ راڻي پور جي وچواري زمين فاروقين کي جاگير طور مليل هئي. فاروقين اها زمين پنهنجي ٻن نمڪ حلال نوڪرن دراز ونڊير ۽ ڪاجن ونڊير کي آبادي لاءِ ڏني، جتي هو ٻنهن جا ڳوٺ ٻڌي ويٺا، ۽ سندن نالن پٺيان دراز ۽ ڪاجن جا ڳوٺ مشهور ٿي ويا. انهن مان ڪاجن جو ڳوٺ ڦٽي ويو آهي. باقي دراز جي عمر هميشه دراز آهي.

درگاه جو سلسلو

درازن جي درگاه سچل سائين جي نالي کان مشهور آهي. پر انهي کي قائم ڪندڙ سچل سائين جو ڏاڏو خواجه محمد حافظ والد ميان عبدالوهاب آهي، جيڪو سنه ١١٠١ هجري ۾ هن جي ملڪ تي آيو. ڪيس صاحبڏنو موراڳي ۽ سوائي جي نالي سان به سڏيندا هئا. ان وقت جي رواج موجب عربي ۽ فارسي علوم ۾ تحصيل ڪري سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو. موره جي ديهه ۾ ڪلهوڙن طرفان فصلي ضابط جو ممتاز عهدو ماڻيائين. هڪ دفعي جڏهن گهوڙي تي سوار ٿي نوڪري تي وڃي رهيو هو، تڏهن ڪوٽڙي ڪبير ۽ ڏيوٽي جي وچ تي هڪ مجذوبه عورت گهوڙي جي واڳ جهلي، سندس رستو روڪي بيهي رهي ۽ ڪجهه بيت ڏيئي چوڻ لڳي: "خدا توکي ڏو ڳولي، تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين". مجذوبه جي گفتگو ٻڌي خواجه صاحب

تي حال ۾ نڇي ويو ۽ نوڪري وغيره ڇڏي ڪري، جهنگل وسائي چله ڪشي ڪيائين. چاليهن چلن ڪڍڻ بعد شاه عبيدالله جيلاني اچي ڪيس مريد ڪيو. اهو قصو سچل سر مست پنهنجي مشهور تصنيف "راز نامه" ۾ هن ريت منظوم ڪيو آهي:

نام جدم مشتهر صاحبدلنه — هم محمد حافظ امت در سلسله
روز يک مي رفت بيرون از شهر — بود خواجه بر تماشائي دگر
درميان - ڪوڙي و ڏيونه — ديد يک ديوانه زن بد برهنه
بيبي بصري بود ظاهر نامه او — کس نمي دانست او را تار مو
ناگهان ديوانه زن پيشش رسيد — گفت با آن خواجه و آهي کشيد
بشنو از من راز اي مرد - خدا — آن خدا در ڪارتو تو تاڪجا
بيشها سنڌي بگفتا از زبان — آن به پيش تو همي سازم عيان.

١- چري ڪري بصري ڪري تا ڪرنانهن
وٺي پرائي وهان تنهنجو هينئڙو تاهئين ٿيو.
٢- جڻان گهٽو جڳ ۾ پر جم نه جڻڻ ڏئي،
باب نه هڙ هج بي هج آلوده الف سان.
٣- ور وجهيو ڪاڻ ڪرسان ڪليو سمهين
آيل هي اهڃاڻ جو ڪن ڇڏي ته ابهين.

از شنيدن خواجه آن بيخود شده — باز پس گرديد عاشق خود شده
پارچه عمامه را از سر ڪشيد — جرعه از ميخانهٔ الفت چشيد
آمده بشگافت جنگل گوشه يافت — جز محبت هرچه بد روئي بتافت
چهل چله اندر آن بيشه کشيد — بعد مدت ثه عبيدالله رسيد
دست بيعت خواجه را داد آن زمان — کشف بخشيداز مڪان تالامڪان.

شاه عبيد الله شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هيو ۽ پنهنجي ٻن پائرن هرهڪ شاه ڪليم الله ۽ شاه عبد الملڪ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. شاه ڪريم بلڙي واري شاه ڪليم الله کان باطني فيض حاصل ڪيو هو ۽ شاه عنايت الله صوفي جهوڪ واري شاه عبدالملڪ جي مريدي اختيار ڪئي. شاه عبيد الله خواجه محمد حافظ سان روح رچنديون ڪري اجمير شريف هليو ويو. سندس مزار به اتي خواجه معين الدين

چشتي جي درگاھ عاليہ ۾ آهي.

خواجہ محمد حافظ جي چله ڪشي واري وقت ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ساڻس ملاقاتي ٿيو هو. اهو مخدوم محمدي جو زمانو هيو ۽ نہ مخدوم احمدي جو. جئن مرحوم مولانا محمد صادق رانيپوراڻي سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام ۾ لکيو آهي. انهيءَ ملاقات جو ذڪر تذڪرہ مخاديم کهڙا ۾ هن ريت آيل آهي: "شاھ صاحب سير و سفر ڪندي اتفاقاً کهڙن جي ٻاهران چنيھ فقير جي ڪوھ تي اچي منزل انداز ٿيو ۽ مخدوم صاحب وٽس دعوت لاءِ ماڻهو موڪليو. شاھ صاحب مخدوم صاحب ڏانهن هيليون بيت چورائي موڪليو.

"اڄ نہ آيس آءٌ صبح ايندس سپرين،
توتي جنهنجو نانءُ ڪٿي بار کهين جو."

صبح سان شاھ صاحب مخدوم صاحب جو مهمان ٿيو ۽ پورو هفتو مخدومن سان رهائيون ڪري درازن ۾ اچي خواجہ محمد حافظ سان ملاقات ڪيائين. چونڪہ تہ شاھ صاحب جي اچڻ وقت خواجہ صاحب هڪ غار ۾ معتڪف هو. شاھ صاحب غار جي مٿان بيهي چيو: "هتي ڦڪل گدڙي جي بوءِ ٿي اچي." پوءِ اندر وڃي خواجہ صاحب سان مليو ۽ چيائين، "يار ڪي لڪائڻ نہ گهرجي،" ساڻس روح رچنديون ڪري ٻاهر لوڙهي ۾ آندائين. تذڪرہ مخاديم ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ شاھ صاحب خواجہ صاحب کي امانت جي صاحب ٿيڻ جي نشاني ڏني ۽ اتي ساڻس گڏجي ڪوهي بہ کوٽيائين. والله اعلم بالصواب.

درحقيقت هي اها ڪوهي هئي جنهن متعلق متواتر روايتون آهن تہ جڏهن شاھ صاحب ۽ خواجہ صاحب اندر هئا تڏهن ڪنهن کي بہ اندر اچڻ جي اجازت ڪانہ هئي. مگر چنيھ فقير اچڻ شرط اچي ٽپو ڏنو. جنهن تي شاھ صاحب کيس چيو: "تنهنجي ڇڪڙي نسوروئي نينهن ٻٽائي ٿا ڇڏيون. فقيري جو ويس اسان ٿا ڏيون ۽ طلب صاحبڏني کان وٺ". انهي وقت کان وٺي چنيھ فقير ۽ سندس خاندان جو ويس نيرو هلندو ٿو اچي. اهو چنيھ فقير مخدوم عبدالرحمان شهيد جي دعا سان ڄائو هو ۽ مخدوم صاحب تنهن ۾ ئي فرمايو هو: "هن ڇوڪر کي طريقت جي امانت فاروقي خاندان مان حاصل ٿيندي."

خواجہ محمد حافظ کي شاہ عبيد الله جي اظر فيض اثر ذري مان آفتاب بڻائي ڇڏيو. ٿوري صحبت ۾ ئي طريقت جا سمورا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب بڻجي پيو. مرشد کان خلافت جو خرقو حاصل ڪري درگاہ جو سلسلو جاري رکيائين.

شاہ عبيد الله موڪلائڻ وقت خواجہ صاحب کي فرمايو تہ درگاہ جو سجادہ نشين لوڙهي ۾ رهي خاندان جو هر فرد سجادہ نشين جي بيعت ڪري ۽ پيو ڪوبہ بيعت نہ وٺي. انهي حڪم جي تعميل اڄ تائين ٿيندي رهي ٿي. ڪتاب "دولهہ درازي" ۾ قاضي علي اڪبر صاحب لکيو آهي تہ گمبٽ ۽ راڻي پور ۾ اڪ ۾ ئي جيلاني بادشاهن جون ٻہ مشهور گاديون هيون. ٻئي بادشاہ (خواجہ محمد حافظ جي) ايتري رجوعات ڏسي تعجب ۾ پيا تہ هي ڪير فقير آهي، جنهن اسان جي وچ ۾ اچي ديرو دمايو آهي. الخ اها روايت بلڪل غلط آهي ڇو تہ خواجہ محمد حافظ جي درگاہ جو بنياد مخدوم محمدي جي ڏينهن ۾ پيو، جڏهن سائين شاہ عبداللطيف جي ملاقات بہ ٿي هئي. گمبٽ ۽ راڻيپور جون ٻئي درگاهون مخدوم احمدي جي وقت سنہ ۱۱۷۱ هجري ڪانپوءِ محمد شاہ ۽ احمد شاہ جيلانين اچي قائم ڪيون. صاحبڏنہ سائين جي درگاہ انهن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي قائم دائم هئي.

خواجہ صاحب ۱۹ سال ناسوتي ملڪ جو سير ڪري ۱۱۹۲ هجري ۾ ابدي وصال ماڻيو. کيس ٻہ فرزند هيا: ۱- ميان صلاح الدين ۲- ميان عبدالحق. منفوظات پير محمد راشد ۾ ذڪر آهي تہ پاڳارن جي درگاہ جو باني پير محمد بقاشاہ مخدوم محمد اسماعيل جي وفات بعد ميان صاحبڏني وٽ روحاني فيض جي اضافي لاءِ آيو هيو.

ميان عبدالحق

ميان عبدالحق خواجہ محمد حافظ جو ننڍو فرزند هو. مگر شاہ عبيد الله مسند نشيني جي سلسلي ۾ وڏي فرزند ميان صلاح الدين جي بدران سندس ئي نالو لکيو هو. تنهنڪري خواجہ عبدالحق مسند نشين ٿيو. مرزا علي قلي بيگ جي اها روايت غلط آهي تہ جڏهن ميان صاحبڏنہ وفات ڪئي، تڏهن سندس وڏي پٽ خوشيءَ سان ننڍي ڀاءُ کي هٿن سان گاديءَ تي ويهاريو ڇو تہ ميان عبدالحق جي گادي نشين ٿيڻ کان گهڻو اڳ ميان صلاح الدين وفات ڪري ويو هو. (ميان عبدالحق)

۱۲۰۰ هجري ۾ هن سني جي ملڪ تي ايو ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات بعد خلافت تي ويٺو. هو پنهنجي زماني جو هڪ وڏو عارف ۽ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس ديني فتوي کي حرف آخر ڪري ڄاتو ويندو هو. ڪيترائي روحانيت جي فيض جا پياسي ڏورانهون ڏيهن تان پند ڪري وٽس اچي پنهنجي پياس پوري ڪندا هئا. سچل سر مست وٽ جيڪڏهن ڪو به ماڻهو مريد ٿيڻ ايندو هو ته کيس پنهنجي مرشد ميان عبدالحق ڏانهن رجوع ڪندو هو ۽ سندس گهڻي عزت رکندو هو. راز نامي ۾ سندس تعريف ڪندي ڪندي آخر ۾ چئي ٿو ڏئي:

مدح او از ماغي گرد تمام   هرچه گفتم آن بود بس والسلام.

ميان عبدالحق دنيا کان بي نياز رهي حقيقت ۽ معرفت جو ملڪ وسائي آخرڪار سن ۱۲۱۳ هجري ۾ برقعو مٽايو. کيس پنج پٽ هئا، جي پڻ وڏا عارف ٿي گذريا آهن. سندن نالا مبارڪ هي آهن: ۱- قبول محمد ۲- زين العابدين ۳- دين محمد ۴- ولي محمد ۵- خداداد.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق ڪانپوء سندس وڏو فرزند سخي قبول محمد اول مسند نشين ٿيو. هو سن ۱۱۸۱ هجري ۾ ڄائو ۽ ۱۲۴۵ هجري ۾ وفات ڪيائين. انهي سخي قبول محمد جي وصال کان ٿي سال اڳ سچل سر مست برقعو مٽايو. هو هڪ وڏو پرهيزگار متقي ۽ متوڪل درويش ٿي گذريو آهي. جيڪي هٿ ايندو هوس اهو في سبيل الله ڏئي ڇڏيندو هو. تنهنڪري کيس هرڪو سخي جي نالي سان پڪاريندو هو. کيس ڇهه فرزند هئا:

۱- خواجه نظر محمد ۲- خواجه محمد حافظ ۳- خواجه محمد سعيد ۴- خواجه سرور علي ۵- خواجه موجود علي ۶- خواجه محمد غوث.

سخي قبول محمد اول کانپوء هيٺيان بزرگ فقيري جي خلافت کي رونق بخشيندا رهيا آهن.

خواجه نظر محمد	ولادت ۱۲۰۱ هجري	وصال ۱۲۵۲ هجري
خواجه نجم الدين	ولادت ۱۲۳۹ هجري	وصال ۱۲۷۲ هجري
سخي قبول محمد ثاني	ولادت ۱۲۶۱ هجري	وصال ۱۳۴۳ هجري

سرڳواسي چيتنمل پرسرام
۽ سنڌس
"سچل سرمست"

رشيد احمد لاشاري
۽ سنڌس
سچل جو رسالو
"سنڌي ۽ سرائڪي"





الحاج قاضي علي اڪبر
روهڙائي ۽ سنڌس
"دولھ درازي"

خواجه صاحبڏنو ثاني ولادت ١٣٠٧ هجري وصال ١٣٥٠ هجري
خواجه قبول محمد ثالث ولادت ١٣٣٢ هجري وصال ١٣٧١ هجري
هن وقت خواجه عبدالحق ثاني مسند نشين آهي. سندس تاجپوشي ٢٥ جنوري ١٩٥٢ع تي ٿي هئي.

زندگيءَ جو احوال

ولادت ۽ نالو

سچل سائين جي ولادت با سعادت سن ١١٥٢ هجري مطابق ١٧٣٩ع ۾ ٿي. هو خواجه محمد حافظ جي وڏي فرزند ميان صلاح الدين جو هڪڙو ئي پٽ هو. سندس نالو ننڍڙي ڏاڏي جي نالي تي عبدالوهاب رکيائون. مگر هو سچل، سچيڏنو ۽ سچو جي نالي سان مشهور آهي. سندس چاچو ۽ مرشد ميان عبدالحق کيس پيار مان انهن نالن سان پڪاريندو هو. پاڻ به سنڌي سرائڪي خواه اردو ڪلام ۾ تخلص طور اهي ئي نالا ڪم آڻيندو هو. باقي فارسي ۾ سندس تخلص آشڪار ۽ خدائي آهي.

پيشن گوئي

سچل سائين جي ٻالپڻ وقت ئي شاهه عبداللطيف خواجه محمد حافظ سان ملاقات ڪئي هئي. ان وقت سچل سائين جي پيشاني ۾ ولايت جا آثار ڏسي خواجه صاحب کي چيو هئائين: "اسان جيڪا عشق جي ديگ چاڙهي آهي، ان جو ڍڪ هي ٻار لاهيندو." اها اڪثر حرف بحرف صحيح نڪتي. مرزا علي قلي بيگ ۽ مولانا محمد صادق رانيپوري پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي ته شاهه صاحب اها پيشنگوئي ان وقت ڪئي هئي جڏهن ميان عبدالحق جي پنجن پٽن سان گڏ سچل سائين کي ڏٺو هئائين. مگر حقيقت ان جي برعڪس آهي، ڇو ته ميان عبدالحق جي مسند نشين ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي شاهه صاحب رحلت ڪري چڪو هو ۽ ميان عبدالحق جو وڏو فرزند ميان قبول محمد ئي شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ سن ١١٨١ هجري ۾ ڄائو هو. شاهه صاحب صرف خواجه محمد حافظ جي وقت ۾ درازن ۾ آيو هو ۽ سچل سائين

سان گڏ ميان عبدالحق کي ڏنو هوندائين، جنهن جي عمر سچل سائين جي ولادت وقت پنجهه سال هئي.

تندرستي ۽ تعليم

سچل سائين اڃا ڇهن سالن جو مس هيو ته سندس والد بزرگوار برقعو مٽائي ويو ۽ هن درٻتيم جي سنڀال خواجه محمد حافظ ۽ ميان عبدالحق ڪئي.

سچل سائين انهيءَ ماحول ۾ پرورش پاتي جيڪو ديني خواه دنيوي لحاظ سان آتم هو. خواجه محمد حافظ خواه سندس جاءِ نشين ميان عبدالحق پنهنجي وقت جا وڏا ولي ۽ جيد عالم هئا. ڏينهن رات ڏينهن ظاهري خواه باطني علوم جي محفل گرم هوندي هئي. انهي ئي فيض جي چشمي مان سيراب ٿيل حافظ عبدالله قريشي صديقي کي سچل سائين جي پڙهائڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڪامل استاد وٽ فهيم طبع واري ذهين شاگرد ڪافي پرايو ۽ ٿوري عرصي ۾ ئي قرآن ڪريم حفظ ڪري ورتائين. عربي ۽ فارسي علوم جي تڪميل ميان عبدالحق وٽ ڪيائين. قرآن، حديث، فقه، منطق، فلسفه ۽ تصوف جون رمزون به پنهنجي چاچي وٽان سکيو.

ڪتاب دولهه درازي ۾ قاضي علي اڪبر صاحب هڪ عجيب روايت پيش ڪئي آهي ته سچل سائين کي سندس استاد عبدالله قريشيءَ نه پڙهڻ ڪري چماٽ هنئي، جنهنڪري سندس ڳالهين سڪي پئي، جيڪا بعد ۾ سچل سائين جي هٿ گهمائڻ سان ٺيڪ ٿي وئي. اول ته حافظعبدالله قريشي جهڙو فاضل ۽ ڪامل استاد، جيڪو ميان عبدالحق جهڙي عارف وٽان ظاهري خواه باطني فيض حاصل ڪري چڪو هو، سو سندس ڀائٽي کي چماٽ ڪئن هڻندو ۽ پر جيڪڏهن خدا نخواسته هن چماٽ هنئي به هجي ته به انهيءَ ۾ سندس نيت نيڪ هوندي. اهڙي نيڪ نيتي جي ڪري ڳالهين جو سڪڻ عجيب ڳالهه آهي.

البته انهيءَ عبدالله قريشي لاءِ سچل سائين جي تصنيف ڪيل قطع تاريخ موجود آهي. جنهن ۾ سرمست سائين کيس محرم راز عارف بالله ۽ واصل بحرذات الاالله تسليم ڪيو آهي. اها روايت ڪنهن به تذڪره ۾ آيل ڪانه آهي. پتو ناهي ته قاضي صاحب ڪنهن وٽان پڙهي پنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي.

بيعت

سچل سائين فقيري جي سلسلي ۾ ميان عبدالحق جو دست بيعت مريد هيو. هن وٽان ئي طريقت جا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب بڻيو. پنهنجي مرشد سان بيحد عقيدت هيس، ايتري قدر جو سندس آڏو ڳالهه به نه ڳالهائيندو هو ۽ هميشه غلاميءَ ۾ گذاريندو رهيو. مرشد جي اولاد جي به حد کان وڌيڪ عزت ڪندو هو. ميان عبدالحق جي وفات کانپوءِ سخي قبول محمد اول جو خاص خليفو ٿي رهيو.

شادي

سچل سائين کي شادي به سندس چاچي ۽ مرشد ميان عبد الحق پاڻ وٽان ڪرائي. بيبي صاحبه ٻه سال حيات هئي، مگر ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو.

حليو ۽ لباس

مرحوم عثمان علي انصاري جي تحقيق موجب سچل سائين جو قد وچولو، رنگ صاف، پيشاني ڪشاده ۽ ڀڪندڙ ۽ وار ڊگها هيس. مٿي تي سائي رنگ جو تاج پائيندو هو ۽ بدن تي اڇو چولو.

سچل سائين ننڍپڻ کان وٺي نهايت بردبار ۽ ماٺيڻي طبيعت وارو انسان هو. گهڻو ڪري صبر سانت ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. عيش ۽ آرام جو خيال دل ۾ ڪين ايندو هيس. ايتري قدر جو حياتيءَ ۾ ڪڏهن کٽ تي نه سمهيو. ڪاٺ جي صندل تي يا هيٺ ڌرتيءَ تي سمهندو هو. گهڻو ڪري ٻيراڳڻ جي ٽيڪ تي ذڪر فڪر ۾ رات گذاريندو هو. عمر ڀر نه ڪنهن شڪار جي ويجهو ويو ۽ نه ڪنهن جانور کي ذبح ڪيائين. نشيدار شين کان دور رهندو هو.

شيخ محي الدين، ابن عربي، فريدالدين عطار، احمد جام ۽ ٻين صوفي بزرگن جي تصنيفات جو مطالعو سندس خاص وندر هئي. راڳ ۽ ويراڳ جو ايترو شوق هيس جو ڪنهن ساز تي هٿ لڳڻ سان بيخود ۽ سرشار ٿي ويندو هو.

مٿين سڀني ڳالهين جي باوجود درگاه جو انتظام سندس هٿ ۾ هو. سمورو ڪاروبار پنهنجن ٻالڪن جي معرفت پاڻ سنڀاليندو هو. پنهنجي چاچي ميان عبدالحق خواه سندس پٽ سخي قبول محمد پنهنجي جو خليفو ٿي رهندو هو. ۽ سندن ٻاران شادي غمي خواه ٻين ڪمن لاءِ پاڻ ويندو هو. وقت جي حاڪمن خاص ڪري مير سهراب

خان ۽ مير رستم خان سان سدا تعلقات هيس. راڻيپور، گمبٽ، کهڙا، پير ڳوٺ ۽ ٻين درگاهن سان چڱا لاڳاپا هيس. ڪن سڄڻن الکيو آهي ته کهڙن جا مخدوم سندس برخلاف هيا. پر اها ڳالهه حقيقت جي برعڪس آهي. ان لاءِ تذڪره' مخاديم جو هي حوالو ڪافي آهي ته هڪ دفعي مخدوم محمد عاقل اول سان سندس پاءُ مخدوم محمد جو جاگيرن جي سوال تي تڪرار ٿي پيو ۽ هو مير سهراب خان وٽ پڪاري نڪجي پيو. پر سندس ڪجهه به نه وريو. آخر ڪار هو سخي قبول محمد ۽ سچل سائين وٽ دانهن ڪٺي ويو. سچل سائين مخدوم محمد عاقل وٽ سفارش لاءِ آيو. ته مخدوم صاحب پنهنجي مهر ڪٺي سچل سائين جي حوالي ڪئي. جنهن فيصلو ڪري ملڪيت جو مناسب حصو مخدوم صاحب جي پاءُ کي ڏياري ٻنهين کي کير کنڊ ٻڌائي ڇڏيو. اهو مخدوم محمد عاقل مخدوم محمد اسماعيل پرياڻلوءَ واري جو داماد هو.

سير سفر

سچل سائين درگاه جي خلافت سبب دور دراز ملڪن جو سير ڪونه ڪيو. البت مرشدن جي ڪم ڪار سان سکر، روهڙي، شڪارپور، ۽ لاڙڪاڻي تائين ڪڏهن ڪڏهن ويندو هو.

طالب

سچل سائين ڪنهن به طالب کي پنهنجو دست بيعت مريد نه ڪندو هو. جيڪو وٽس طلب وٺي ايندو هو، ان کي پنهنجي مرشد ڏانهن رجوع ڪندو هيو. سندس مرشد وري اهڙن طالبن کي ذڪر ڏئي سچل سائين جي صحبت ۾ رهڻ جو حڪم ڪندو هيو. سندس اهڙن طالبن مان هيٺيان مشهور آهن.

١- فقير نانڪ يوسف اگهڙن وارو ٢- فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو ٣- فقير محمد صلاح دونهين وارو ٤- فقير گهرام جتوئي ٥- فقير شير خان پنيرو ٦- جانو فقير شڪارپوري ٧- سيد خير شاه ٨- سيد پير شاه ٩- حاجي عثمان چاڪي ١٠- سيد حسن شاه ١١- فقير محمد صديق ١٢- فقير شير علي ١٣- حيدر شاه.

تصنيفات

سچل سائين وڏو پرگو ۽ بلند پرواز شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ جو ٻيو ڪو به شاعر ڪونهي جنهن مختلف ٻولين ۾ ايترو ڪلام چيو هجي. عام روايت آهي ته

سچل سائين پنهنجي آخري عمر ۾ پنهنجو اهو ڪلام ضايع ڪري ڇڏيو جيڪو شطيحات تي مبني هيو. مرزا علي قلي بيگ جي تحقيق موجب هو پنهنجي انتقال وقت جيڪو ڪلام ڇڏي ويو انجو تعداد نو لک ڇٽيهه هزار ڇهه سو ڇهه بيت هيو. هن وقت سندس مطبوعه ۽ غير مطبوعه ڪلام جو تفصيل هي آهي:

١- سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون ۽ دوهڙا	٢- اردو غزل
٣- مرغ نامه سنڌي	٤- وحدت نامه سنڌي
٥- قتل نامه سنڌي	٦- جهولڻا ۽ گهڙوليون
٧- سنڌي مرثيا	٨- ديوان آشڪار فارسي
٩- راز نامو فارسي	١٠- وحدت نامو فارسي
١١- رهبر نامو فارسي	١٢- عشق نامه فارسي
١٣- گداز نامه فارسي	١٤- وصلت نامه فارسي
١٥- تارنامه فارسي	١٦- ساقي نامه فارسي
١٧- بحر طويل فارسي	

بيماري ۽ وصال

سچل سائين جي صحت هميشه سالم رهندي هئي. مگر پڇاڙي ۾ خوني اسهال سبب بيمار ٿي پيو. ڪيترن ڏي هرت جي پانڊيئڙن ڪي معرفت جي منزل تي پهچائي تاريخ ١٤- رمضان ١٢٤٢ هجري مطابق ١٨٢٩ع ۾ انتقال فرمايائين. بيدل فقير سندس وفات جون تاريخون هڪ سنڌي ۾ ۽ ٻه فارسي ۾ چيون آهن. جي ڏيئي هت ڏجن ٿيون.

سنڌي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
برهه جي برسات جوتنهن وير تي وسڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمار هو
منجهه سخن ان جي الوهيت سندو آثار هو
پانهنجي راءِ پرين نوين وره نروار هو
سن پارهن سو ٻائيتاليهه ۾ تيار هو
قربدارن جي ڪنڪ ۾ مرد منصبدار هو

مست سالڪ شهه سچل عاشق اني اظهار هو
ظاهر ۽ باطن تنهين وٽ درد جو ڏڪار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو
جنگ جذبه جوش مستي ۾ مثل عطار هو
پوءِ وصل جي موج سائي ذوق ڪان ذخار هو
چوڏهين رمضان جي عادي اهو هسوار هو
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو.

قطعه تاريخ فارسي

در بيعنائي ازل تركيد شد مخروج عشق ‌‌ كف زد دريائي محبت كرد بيرون موج عشق
ازخدا بودي صديق و پيش احمد شد سچو ‌‌ از علي صادق يقين و پيشوا مخروج عشق
سال اورا منشي بر لوح تقدير اين نوشت ‌‌ بود مر برج هدا و آفتاب اوج عشق .

قطعه تاريخ فارسي

چون سالك سچو زين طلسم مجاز ‌‌ سوئي آشيان رفت چون شاهباز
زهي صاحب وجد منصور وقت ‌‌ كه بي مثل بوده به سوز و گداز
به هنگام سرجوشي حالتش ‌‌ نگاهش همي بود طالب نواز
به نيم التفاتي كزو يافتند ‌‌ به يك لحظه طئي گشته راه دراز
ز هر دو جهان دست شست آن كسي ‌‌ كه شد محرم راز آن عشق باز
چون شد جان او عازم وصل اصل ‌‌ شنيد ارجعي با هزار عز و ناز
دلم جست سال وصالش ز جان ‌‌ بگفتا كه دريائي ذخار راز .

سچل سائين جو زمانو

سياسي حالتون

سچل سائين انهي زماني ۾ پرورش پاتي جيڪو سياسي لحاظ کان پرآشوب هيو. سياست ماندي وانگر سنڌي رنگ ظاهر ڪري رهي هئي. شاهه عنايت جهوڪ واري ۽ مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن واري جي شهادت جي ياد پراڻي نه ٿي هئي. ڪيترا ماڻهو ۽ جيئرا هيا، جيڪي انهن واقعن وقت موجود هئا. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ۽ سندس پاءُ عطر خان جي ويڙهه، مير بهرام خان جو پنهنجي پٽ مير صوبيدار خان سميت بي دردي سان قتل ٿيڻ، ميان سرفراز خان جو شهيد ٿيڻ ۽ مير بجار خان جو دغا سان قتل ٿيڻ وغيره سمورا واقعا سچل سائين جي وقت ٿيا. انهن کانسواءِ ڪلهوڙن جي ڪمال جو سج لهڻ ۽ ٽالپرن جي اقبال جو آفتاب اڀرڻ سچل سائين پنهنجي اکين سان ڏٺا. هي اهو زمانو هيو، جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ اچي پنهنجي قهر جو طوفان ڪڙو ڪيو هو. مير سهراب خان جو پاءُ مير غلام محمد خان عمرڪوٽ جي قلعي وٽ راجپوتن هٿان مارجي چڪو هو. مير صاحبان راجپوتن، سکن ۽ دائود پوٽن جي بچاءَ کان حربي قلعن ٺهرائڻ ۾ مصروف هئا. مطلب ته ملڪ ۾ جا بجا خوف و هراس جي باهه پڙڪا کائي رهي هئي. هوڏانهن فرنگي سياست جو چار هندستان مان هلي سنڌ ۾ شيطان جي آنڊي وانگر ور وڪڙ کائي رهيو هو.

مذهبي حالتون

سياسي بي اعتداليءَ سان گڏ مذهبي حالتون به نراليون هيون. ڪهڙن جي مخدومن جو ايڏو زور هو، جو ٿوري گهڻي ڳالهه تي هندن کي زوري مسلمان ڪندا هئا.

ان وقت جا حاڪم خواه پير ۽ عالم انهنجو مات ڏيندا هئا. مخدومن جي فتوئي حاڪمن خواه رعايا وٽ حرف آخر جي حيثيت رکندي هئي. انهن ڳالهين جي ڪري اقليت وارا هميشه حڪومت ۽ مخدومن جي خلاف سازشون سٽيندا رهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو هو انگريزن جي اچڻ وقت سندن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا.

فقراهي خانقاهون

سچل سائين جي وقت ۾ سياسي خواه مذهبي ماحول اطمينان جوڳو نه هو. تڏهن به فيض وارن فقيرن جون خانقاهون امن ۽ آرام سان طريقت جي طالبن کي معرفت جي مئي سان مست ڪري رهيون هيون. گمبٽ ۽ راڻيپور ۾ ابراهيم شاه ۽ صالح شاه قادري وڪر وهائي رهيا هئا ته کهڙن ۾ محمد ذاڪر ۽ رازقڏنه فقير درازن جي درگاه کان ورتل نينهن جو نعرو هنيون ويٺا هئا. هنگورجن ۾ سيد محمد عطا ولد سڪيل شاه حسيني فيض ٿي ڏنو ته دونهين (پير لوءِ) ۾ سيد ابراهيم شاه الاهي درد جو دونهون دکايون ويٺو هو. تجل ۾ شاهه عنايت شهيد جي فرزند مخدوم سلام الله ٺرڏني جي گادي مخدوم سلطان علي شاه وسايو ويٺو هو ته ڪنڊڙيءَ ۾ وري روحل فقير جا فرزند ٻره جي بازار لڳايو ويٺا هئا. روهڙي ۾ سيد جان الله شاه ثاني ۽ بيدل بادشاه عشق جو آڪاڙو لائو هو ته نوشهري ۾ پير شهاب الدين ۽ پير عبدالحي نقشبندي نالو نروار ڪري رهيا هئا. پريان لوءِ ۾ سن ۱۱۷۸ هجري تائين مخدوم محمد اسماعيل نقشبندي درگاه قائم ڪئي هئي. پير ڳوٺ ۾ وري پير محمد راشد روزه ڌڻي ۽ سندس فرزند پير صبغت الله شاه تجر ڌڻي قادري ۽ نقشبندي ٻنهين سلسلن جو ميثاق ڪري ويٺا هئا. ان وقت درازن ۾ ميان عبدالحق سجاده نشين هو ۽ سندس خليفو سچل سرمست الاهي موج ۽ مستي سان شعر و شاعري ذريعي وحدت الوجود جو پرچار ڪري رهيو هو. مٿين سڀني درگاهن جو پاڻ ۾ سهڻو سلوڪ هو ۽ وقت جا حاڪم خواه عالم ۽ عام ماڻهو سندن گهڻو خيال رکندا هئا.

ادبي ماحول

سچل سائين وارو زمانو ادبي لحاظ کان سونهري زمانو هو. اڳ ۾ ڪلهوڙن ۽ پوءِ مير سهراب خان ۽ رستم خان جي حڪومت هئي. انهن درٻارين ۾ علم و ادب جو چرچو لڳو پيو هوندو هو. حاڪم پاڻ شاعر ۽ شاعر نواز هئا. تنهنڪري ٻري

پري جا اديب اچي پنهنجا جواهر پارا پيش ڪري خراج تحسين حاصل ڪندا هئا. مير رستم خان جا بيت ۽ ڪافيون سوز ۽ گداز جي ساک پريندا هئا. ازانسواءِ مير عالي خان ۽ مير مبارڪ خان پڻ سٺا شاعر ۽ سخندان هئا. انهن سيني وٽ بيت بازيون ۽ ادبي معرڪا ٿيندا رهندا هئا. آخوند محمد حيات حاتم، محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل لقماني ۽ خان محمد پيرزادو گڏيجي وارو فارسي جا قادرالڪلام اديب ۽ شاعر هئا. پير ڳوٺ ۾ پير محمد راشد ۽ پير صبغت‌الله شاه جي ادبي محفل پنهنجو مٽ پاڻ هئي. خليفي محمود نظاماڻي، آنل فقير، ابوبڪر ۽ عبدالله ڪاتيار سندن درگاه سان منسلڪ هئا. گمبٽ ۽ راڻي پور جا پير ابراهيم‌شاه جيتوڻيڪ پاڻ شاعر نه هئا تڏهن به وڏا فيض وارا ۽ ادب نواز بادشاه هئا. پير غلام محي‌الدين شاه، جو استاد آخوند چنو ڄامڙو، شير خان ميساوو ۽ پير محمد شاه ثاني انهن درگاهن سان واسطو رکندڙ شاعر ۽ اديب هئا. کهڙن ۾ مخدوم احمدي، مقيم مولودي، محمد ذاڪر اچن ۽ رازتڏنه اچن وڏا مداح، مولود خوان ۽ اهل دل شاعر هئا. سکهرن مان صادق شاه گامبٽو، خير شاه پنجابي، الهرکيو مير بحر ۽ بچو فقير پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ازانسواءِ صوفي شاعرن مان محمد شريف فاروقي، عبدالرحيم گروهڙي، پير عبدالحق خاڪي، جان‌الله شاه عاشق، مراد فقير، غلام علي فقير، دريا خان ۽ ٻيا ڪيترا درويش درد جا دفتر کولي رهيا هئا. مطلب ته شعر و شاعري جو ميدان تمام وسيع هو ۽ جتي ڪٿي علم ادب جو چرچو هوندو هو.

ٻيا فاروقي شاعر

ادبي دنيا ۾ سنڌ جو فاروقي خاندان فقط ميان صاحبڏني، پير عبدالحق ۽ سچل سائين جي ڪري مشهور آهي. مگر جيڪڏهن ڳوڙهي نظر سان تاريخ جي ورق گرداني ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن خاندان ۾ ٻيا ڪيترائي عالم فاضل اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن تي سنڌ جيترو فخر ڪري اوترو ٿورو ٿيندو. ڪلهوڙن خواه ٽالپرن جي ڏينهن ۾ وقت جا امير پنهنجا خواه پنهنجي ٻارن جا اتاليق گهڻو ڪري هن خاندان جي ماڻهن مان مقرر ڪندا هيا، ڇو ته هن خاندان ۾ علم فضل ٻين جي نسبت ۾ گهڻو هوندو هو. هن خاندان مان جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، تن مان ٻهريان ذوقي ۽ حقيري فاروقين جا نالا اچن ٿا. افسوس آهي جو فقط سندن تخلص ۽ ذات جو پتو پوي

ٿو. باقي سندن نالن ۽ زندگي جي احوال جي ڪا خبر ڪانهي. سندن ڪلام قلمي بياض عرف ديوان عجائب مؤلف محمد ابراهيم عشق باز مان ڪافي انداز ۾ ملي ٿو. سچل سائين خود پنهنجي مشهور تصنيف ديوان آشڪار ۾ ڪين ياد ڪيو آهي: "بسي شاعر نهان شد آشڪارا، ڪجا ذوقي ڪجا رفتہ حقيري." هتي ذوقي ۽ حقيري جو هڪ هڪ غزل نموني طور پيش ڪجي ٿو.

غزل ذوقي

نڪتہ اسرار حق يا ساغر صهبا است اين	يا دهان دلستان يا گوهر يڪتا است اين
پر تو خورشيد و مہ يا شمع بزم افروز دل	لالہ گل ياسمن يا عارض زيبا است اين
سنبل گلزار حسن و سلسلۂ مستان عشق	زلف زنجير جزن يا رهزن دلها است اين
خازن گنجينہ گل يا دانۂ دام مراد	زنگي درگلستان يا خال پر سودا است اين
عقدِ پروين است يا گوهر خوش آب پرتگال	يا در دندان او يا لؤلؤي لالہ است اين
بلبل دستان سرا يا مست مجنون صفا	عندليب دلڪشا ذوقيؔ ليلا است اين

غزل حقيري

از ازل دل درخم ابروئي جانان بستہ ام	تا ابد بر خاڪ راه يار خود بنشتہ ام
غمزه مژگان او تاجان من بر بوده است	خاڪساري حاصلم شد از خودي وارستہ ام
خال رخسارش بسي موزون و دلڪش شد ولي	زلف مشڪينش چنين بيتاب ڪرد آهستہ ام
نيم جاني خود به شب ميخواستم قربان ڪنم	تا بپرسد گويم اينڪ هر دو دست بستہ ام
مضرعہ خسرو حقيري دل ز دستم برده است	گر بپرسد ڪيستي گو هيچ اينجا ستہ ام

ذوقي ۽ حقيري ڪانپوءِ آخوند عبدالقوي جو نالو اچي ٿو. سندس تخلص طالع ۽ قويطالع هئا. هو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو درباري شاعر هو ۽ ميان نور محمد جي وفات تي هڪ وڏو مرثيو لکيائين، جنهنجو ذڪر صاحب تڪملہ مقالات الشعراء ۾ ڪيو آهي. آخوند عبدالقوي ميان صاحبڏنہ جي سلسلي ۾ ستين ڪڙي مخدوم شهاب الدين ... جي اولاد مان شيخ علاءالدين جو فرزند هو. کيس ڇهہ پٽ هئا. ١. مير گوهر ٢. صفت الله ٣. محمد زاهد ٤. فيض محمد ٥. محمد حبيب ٦. محمد تقي. سندس ڪلام مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

دل زمن رنجيد چون آن دستان رنجيد رفت   طفل را مكتب بود ماتم چو روز عيد رفت
هر كه سر افراخت بر درياي دوران چون حباب   از طلاطم شور شر گرداب وش پيچيد رفت
خوش نفس آن كس كه بهر رنگ و بوي اين جهان   دل نه بسته درچمن مانند گل خنديد رفت
گر رهء ليلي روي مجنون صفت بگذر ز هوش   گرش اين صحرائي چون ريگ روان غلطيد رفت
اي قويطالع به پيش هر كه گفتم درد دل   گوش خود را كردكره حال ماته شنيد رفت

صاحبڏنو

قويطالع كانپوءِ درازن جي درگاه جي باني خواجه محمد حافظ عرف صاحبڏنه سائين جو نالو ٿو اچي. هو هڪ بيظير عالم ۽ با ڪمال بزرگ هجڻ سان گڏ پنهنجي زماني جو هڪ وڏو شاعر به هيو. شعر ۾ ڪٿي صاحبڏنه ڪٿي حافظ نالو آندو اٿس. سندس ڪلام اسلامي اخوت ۽ مساوات جو آئينه دار آهي. جنهن ۾ ذات پات جي ڀيد ۽ فرقه پرستي جي بوءِ به ڪانهي. سنڌ جي هڪ وڏي عارف پير محمد راشد روزه ڌڻي جي ملفوظات ۽ بيدل فقير روهڙي واري جي سندالموحدين ۾ سندس ڪلام ڪي سند طور ڪم آندو ويو آهي. ڪتاب دولهه درازي ۾ قاضي علي اڪبر صاحب جيڪو ڪلام ڏنو آهي تنهن مان اڌ کان گهڻو صاحبڏني شاه بلڙي واري جو آهي. ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو.

١. آدم آهي چوڻ ۾ پر آهي پاڻ الله
سريرٺون ساه صاحبڏني صحيح ڪيو.
٢. الله سڄاڻ سڙو پاڻ سڄاڻ ڏک
تيتر پاڻ ۾ سک جيتر سر سڄاڻين نه پنهنجو.
٣. ڪنين جو نينهن تهر سان ڪنين دپا يادرياه
صاحبڏني جي ساه سارو سمنڊ سمائيو.
٤. ڪي بڌڻ سان بڄي وڃا ڪي چريامنجهه چاه
صاحبڏنه جي ساه سارا ورق ورائيا.
٥. ٻاڻ ٻنهنجو ٻاڻ ۾ جن پسيو نه ٻيو ٻي
صاحبڏنه صورت جي ڪل تنين ڪيڻي
تن وهامي ويئي چپ چڻيندي راتڙي.

ميان عبدالحق

صاحبڏنه سائين ڪانپوءِ ميان عبدالحق پنهنجي زماني جو چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. شعر ۾ ڪٿي پنهنجو سچو نالو ۽ ڪٿي پنهنجو تخلص "خاڪي" آندو اٿس. سنڌي ۽ فارسي ۾ ڪافي مداحون چيون اٿس. ڪڏهن ڪڏهن غزل جي زمين ۾ به طبع آزمائي ڪري هم اوست جو سر آلاپيو اٿس ۽ بين الاقوامي برادري جي دعوت ڏني اٿس. انتخاب طور سندس فارسي مدح مان ڪجهه شعر هت ڏجن ٿا:

اي سرور دو عالم   يا مصطفيٰ مدد شو.
اي برگزيدهٔ آدم   يا مصطفيٰ مدد شو.
بر عرش حق رسيدي   حق را پديد ديدي
قول خدا شنيدي   يا مصطفيٰ مدد شو.
روشن جهان زرويت   خوشتر ز خلد کويت
ظلمت شبي ز مويت   يا مصطفيٰ مدد شو.
دل از فراق ريشم   بردار پرده پيشم
بنما لقاءِ خويشم   يا مصطفيٰ مدد شو.
در گور در قيامت   خواهم ز تو شفاعت
مارا توئي حمايت   يا مصطفيٰ مدد شو.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق ڪانپوءِ سندس وڏو فرزند ميان سخي قبول محمد اول ڪڏهن ڪڏهن سالڪن کي سلوڪ جو سبق سمجهائيندي في البديهه شعر به چئي ويندو هو. سندس ڪلام ناياب آهي. بيدل فقير پنهنجي ڪتاب سند الموحدين ۾ هڪڙو شعر ڏنو آهي، جو پيش ڪجي ٿو:

جامن تي جامان پرين پهري آئيو
ڪامان ڙي ڪامان ڪيڏو ليڪ ڪريم ڪيو.

محمد حيات "حاتم"

توي طالع جو پڙپوٽو محمد حيات ولد محمد واسع هڪ وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص حاتم هيو. هو مخدوم نورمحمد بوبڪائي جو همعصر هو.

هڪ دفعي مير ڪرم علي خان جي دربار ۾ ويٺو هو تہ مخدوم نورمحمد بہ آيو. ادبي محفل گرم هئي. مخدوم صاحب فارسي شاعر هلالي جي شهادت جو واقعو بيان ڪيو، جنهن تي مير صاحب کيس هڪ لونگي عطا ڪئي. وري جڏهن محمد حيات جو وارو آيو تہ مخدوم صاحب جي ذڪر ڪيل بيان مان ڪجهہ غلطيون ڪڍي صحيح واقعو پيش ڪيو. جنهن تي سڄي دربار ۾ واه واه جو شور برپا ٿي ويو ۽ کيس خلعت سان گڏ بہ لونگيون مليون. مخدوم صاحب پڻ پنهنجي لونگي کيس ڏني ڇڏي. اهو ذڪر محمد ابراهيم فاروقي جي قلمي بياض تان نقل ڪيو ويو آهي.

آخوند محمد حيات ان وقت عالم خان نظاماڻي جي فرزندن جو اتاليق هيو. ان کانپوءِ هو مير سهراب خان اول جي فرزند مير مبارڪ خان جو استاد ۽ درباري شاعر ٿي رهيو. هو ميان عبدالحق جو مريد هيو ۽ سن ١٢٥٥ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ غزل انتخاب طور ڏجي ٿو.

تار محبت است کہ بسيار نازک است — از تار جان نزاکت اين تار نازک است
ساقي بہ جام جم چہ مئي ناب مي دهي — مل را بگل فگن کہ لب يار نازک است
در تار مري رشتہ جان بس نزاکت است — ليکن از اين ميان کمر يار نازک است
دلهائي خلق جمع بہ طاق دو زلف تست — هشدار بار شيشہ بہ اين تار نازک است
مشکن دل رقيب خدا را بکوئي دوست — فهميده پا گذار کہ اين خار نازک است
آخر سوال ما بہ جوابي نمي رسد — با تندخــو مناظره بسيار نازک است

گل محمد

آخوند محمد حيات جو وڏو پاٽ گل محمد بہ هڪ وڏو اهل دل ۽ درويش صفت شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر ۾ جا بجا تصوف جو رنگ نظر ايندو. فارسي مدح ۽ غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سن ١٢٦٨ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ غزل پيش خدمت آهي.

يار من آمد با نقش نگاري عجبي — سرمہ سا نرگس سرمست خماري عجبي
برخ آويختہ از آن زلف بلند آغشتہ — هر سر تار سيہ مار قطاري عجبي
تاختہ آورد بہ صد ناز تجمل جولان — اشهب شوخ عجب شاهہ سواري عجبي
کرد يغما دل من آن بہ نگاهي ناگاهہ — چشم سالاس نما شعبده کاري عجبي
گل محمد همہ تن کاسہ شد اندر عشتق — سر خود کرد فدا در رہ ياري عجبي

عبدالهادي

گل محمد کانهوء عبدالهادي ولد صادق علي فاروقي جو نالو اچي ٿو. هو سچل سائين جي وفات جو ضدمو سوي نہ سگھيو ۽ پنهي ڏينهن تاريخ ۱۶ رمضان ۱۲۴۲ هجري ۾ وفات ڪري ويو. سندس هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

در وصف نگنجد کہ چہ سيمين ذقن است آن ✽ بگذشت ز گلبرگ کہ نازک بدن است آن
رويش همہ نور است چون روشن مہ تابان ✽ مويش همہ مشک است و يا آهو ختن است آن
آن زلف کہ آراست خم اندر خم جانان ✽ مار يست سيہ يا ز کمند رسن است آن
با من بہ مقالات بجز تلخ نہ گويد ✽ با مردم بيگانہ چو شيرين دهن است آن
آن تلخ جوابي ز زبانش کہ بر آيد ✽ راحت دل و جان است کہ بس خوش سخن است آن
هادي بہ در خدمت تو سد شد اکنون ✽ ده روز ملک، از خويش کہ يار کهن است آن

محمد صالح

عبدالهادي جو سؤٽي سوٽ محمد صالح ولد محمد اسماعيل بہ هڪ چڱو شاعر هيو. سندس هڪ غزل هت ڏجي ٿو.

گر دورم از تو با تو سوال و جواب چيست ✽ ور با توام هميشہ مرا اضطراب چيست
گر دورم از تو جان مرا راحت از کجا است ✽ ور با توام در آتش هجر و عذاب چيست
از راه معني از آمده در ميان جان ✽ و از راه ظاهرت سبب اجتناب چيست
گفتي کہ صالح از الم عشق فارغ است ✽ از سينہ پر آتش چشم پر آب چيست

باغ علي

عبدالهادي سان گڏ سندس هڪ عزيز باغعلي فاروقي جو نالو شاعرن جي قطار ۾ اچي ٿو. سندس ناصحانہ ڪلام مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

هر کسي صاحب نظر ديدم ✽ بهر لقمہ در بدر ديدم
مرد دانا هلاک جور سفيز ✽ کيسہ نادان پر از گهر ديدم
ساحره هم ز روي نوکي سخن ✽ نزد شاهان عزيز تر ديدم
جاهلان را بہ سيم و زر دستار ✽ عالمان را برهنہ سر ديدم
مطربان و ... ... ✽ جمع نيکان زبون تر ديدم
هر کسي خوشہ با دانش ✽ او بہ غم سوختہ جگر ديدم

محمد نشان

ان ڪانبوءَ محمد نشان ولد ڳل محمد فاروقي پنهنجي زماني جو وڏو عالم اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي . سن ١٢٦٩ هجري ۾ وفات ڪيائين . سندس ڪلام ناياب آهي . فقط ٻه قطع تاريخون ملن ٿيون . جيڪي هن مير سهراب خان ۽ مرزا گل شاعر محمد عالم اول جي وفات تي لکيون هيون . سندس تصنيفات مان هڪ فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي .

ٻيا شاعر

انهن ڪانسواءِ هيٺين فاروقي شاعرن جون تصنيف ڪيل قطع تاريخون ملن ٿيون .

١- خوش محمد ولد محمد ذاڪر وفات ١٢٣٦ هجري .

٢- آخوند خان محمد ولد محمد ضياءالدين وفات ١٢٥٨ هجري .

٣- نور علي ولد مسعود علي وفات ١٢٧٦ هجري .

جيڪڏهن ڪوشش ڪري سندن ڪلام هٿ ڪيو وڃي ته هڪ اديب جو وڏو خال پر جي وڃي .

عالمن جا رايا

۱- منجهه سچل تنهنجي الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستي ۾ مثل عطار هو — بيدل

۲- سچل سائين تي هميشه الاهي عشق جو غلبو هوندو هو ۽ حال ۾ اهو ڪلام چوندو هو. — مخدوم الله بخش عباسي، مؤلف تذڪره مخاديم ڪهڙا

۳- سندس ڪلام تصوف جي متعلق آهي ۽ مضمون رڳو معرفت ۽ حقيقت بابت آهي. — مرزا علي قلي بيگ

۴- شاهه ۽ رازي جي شعر ۾ گهڻو ڪري سندس عشق جا اوچتا آلاپ ۽ الفت جا الست امنگ آهن. — آغا غلام نبي صوفي مؤلف سچل سرمست

۵- سچل جي ڪلام ۾ واڪا ڪري سوليءَ کي سڏيو ويو آهي.

— جيٺمل پرسرام، مؤلف سنڌ ۽ صوفي

۶- جهڙو جوش ۽ جلال، جواني ۽ جمال سندس باڪمال هستيءَ ۾ هميشه نمايان هو اهڙي جوش ۽ جذبي، جمال ۽ جلال سندس شعر ۾ ظاهر آهي.

— عبدالرزاق ميمڻ رفعت، مؤلف گلزار نظم

۷- سچل جي ڪلام ۾ عرفان، حق ۽ تصوف کانسواءِ واردات عشق، هجر و وصال جو ذڪر ۽ عاشقانه پيار الفت جون ڳالهيون به ملن ٿيون.

— اردو شاعر نسيم امروهوي

۸- سچل سرمست دين ۽ بي ديني، ڪفر ۽ اسلام جي وچوارا پردا عشق حقيقي جي آتش سان لٽا ڪري ڇڏي ٿو.

— محمد صديق ميمڻ، مؤلف سنڌي ادبي تاريخ

٩- سچل جو ڪلام معرفت جو شراب آهي، جنهن سان دل مست ٿيو پوي.

—رحيم داد خان مولائي شيدائي

١٠- سچل جو ڪلام عين بي باڪي جو آئينو آهي ۽ منجهانس رندي ۽ مستي پيئي بکي. ائين پيو ڀانئجي ته گويا وجد ۾ اچي نجندي شعر چيو اٿس ۽ ذوق سان پڙهندڙن جي دل تي به اهڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. —ڊاڪٽر دائود پوٽو

١١- ڪلام چوڻ وقت فقير صاحب حق حق سير ۾ مشغول هوندو هو، جتي فقط مستي ۽ محويت آهي. — نمائو فقير هندستاني

١٢- سچل جو ڪلام توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بي نظير خزانو آهي.

—رحيم بخش ميمڻ

١٣- سچل جي ڪلام ۾ بي ڊپائي ۽ بي ڌڙڪي موجود آهي.

—سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي

١٤- سچل سرمست جو شعر اعليٰ خيال ۽ جذبي وارو آهي.

— ميران محمد شاهه، مؤلف گلزار خيال

١٥- سچل جو ڪلام عشق و محبت جي سرمستين ۽ تصوف جي باريڪين سان معمور آهي. —رشيد احمد لاشاري

١٦- (سچل سائين) مدهوشي ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشي جا راڳ آلاپيندو ٿو رهي. —عثمان علي انصاري

١٧- ڪٿي ڪٿي شطحيات به آهن، ورنه سموري سندس تصنيفات سوز گداز، درد ۽ غم سان ڀرپور آهي. — مولوي محمد صادق رانيپوري

١٨- سندس ڪلام جي خاص خوبي اها آهي جو نهايت آساني سان هر خاص و عام جي فهم ۾ جلد اچي سگهي ٿو. — قاضي علي اڪبر، مؤلف دولهه دراز

اصناف سخن

سچل سائين کان اڳ سنڌي شاعري اوائلي ڪبت، دوهڙي ۽ ڪافي يا وائي تي مبني هئي. ڪبت ۾ فقط فقه جا مسئلا، معجزا ۽ مداحون وغيره چيا ويندا هئا جي اڄ ڪلهه متروڪ ٿي چڪا آهن. وايون يا ڪافيون گهڻو ڪري ٻه لسيون

٩- سچل جو ڪلام معرفت جو شراب آهي، جنهن سان دل مست ٿيو پوي.

—رحيم داد خان مولائي شيدائي

١٠- سچل سائين ڪلام عين بي رنگي جو آئينو آهي ۽ منجهانس رندي ۽ مستي بيحد ٽمڪي. انهن پڙهڻ پائڻ تي گويا وجد ۾ اچي نچندي شعر جيو انهن ۽ ذوق سان پڙهندڙن جي دل تي به اهڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. —ڊاڪٽر دائود پوٽو

١١- ڪلام جوڻ وقت فقير صاحب حق جي سير ۾ مشغول هوندو هو، جتي فقط مستي ۽ محويت آهي. —نمائو فقير هندستاني

١٢- سچل جو ڪلام توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بي نظير خزانو آهي.

—رحيم بخش ميمڻ

١٣- سچل جي ڪلام ۾ بي ڊپائي ۽ بي ڌڙڪي موجود آهي.

—سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي

١٤- سنڌي سنعر اعليٰ خيال ۽ جذبي وارو آهي.

—ميران محمد شاهه، مؤلف گلزار خيال

١٥- سچو ڪلام عشق و محبت جي سرمستين ۽ تصوف جي باريڪين سان معمور آهي. —رشيد احمد لاشاري

١٦- (سچل سائين) مدهوشي ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشي جا راڳ آلاپيندو ٿو رهي. —عثمان علي انصاري

١٧- ڪٿي ڪٿي سطحيات به آهن، ورنه سموري بي تصنيفات سوز گداز، درد ۽ غم سان پربور آهي. — مولوي محمد صادق رانيپوري

١٨- سنڌس ڪلام جي خاص خوبي اها آهي جو نهايت آساني سان هر خاص و عام جي سمجهه ۾ جلد اچي سگهي ٿو. — قاضي علي اڪبر، مؤلف دولهه دراز

اصناف سخن

سچل سائين کان اڳ سنڌي شاعري اوائلي ڪبت، دوهڙي ۽ ڪافي يا وائي تي مبني هئي. ڪبت ۾ فقط فقه جا مسئلا، معجزا ۽ مداحون وغيره چيا ويندا هئا جي اڄ ڪنهن متروڪ ٿي چڪا آهن. وايون يا ڪافيون گهڻو ڪري ٻه سٽون

هوندي هون جن ۾ مولود، مناجات يا محبوب جي سراپا وغيره جو بيان ٿيندو هيو. انهن جو مضمون هن وقت جي شاعري جي لحاظ کان اڻپورو هيو. باقي دوهڙو پنهنجي ترقي جا ڪافي مرحلا طئي ڪري چڪو هيو. سچل سائين مٿين سڀني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪبت ۾ سندس وحدت نامو مخدوم محمد هاشم جي زاد الفقير، مخدوم عبدالله جي ڪنزالعبرت خواهه مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جي حقيقت محمدي يا تفسير وغيره کان گهڻو اڳيرو آهي ڇو ته ان جي زبان وڌيڪ سليس سلوڻي ۽ صاف آهي. ازانسواءِ منجهس روزمره جو به گهڻو خيال رکيو ويو آهي. ساڳي ريت قتلنامو ۽ جهولڻا وغيره سنڌي شاعري ۾ پهرئين ڪوشش هجڻ جي باوجود اڄ ڏينهن تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهيءَ طرز ۾ ڪو به شاعر اجا اپترو ڪامياب ڪونه ٿيو آهي.

مرثيه جي ميدان ۾ سچل سائين سنڌ جو پهريون شاعر آهي. هن کان اڳ دوهڙن ۽ بيتن جي زمين ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، احسان فقير ۽ ٻين ڪن شاعرن سر ڪيڏارو آلاپيو آهي مگر مرثيه جي صنف سخن جو موجد اسان جو سچل سائين آهي، جنهن کانپوءِ ثابت علي شاهه عالم ڪربلائي ۽ ٻين شاعرن هن فن ۾ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا آهن. سنڌي دوهڙي جي زمين شاهه عبداللطيف اڳ ۾ ئي هموار ڪري ڇڏي هئي، باقي انجي آبياري ۽ گلڪاري جو ڪم سچل سائين اچي پورو ڪيو. هير رانجهو ۽ روجهن جا داستان جيڪي اڳ ۾ ڪنهن به سنڌي شاعر بيان نه ڪيا هيا تن کي سچل جي زبان حق ترجمان بيان ڪري سنڌي ادب ۾ اضافو آندو. ازانسواءِ سنڌي خواه سرائڪي دوهڙن ۽ بيتن ۾ حسن و عشق جي راز و نياز جون اهي موشگافيون ڪيائين جن جي تقليد مولوي لطف علي ۽ خواجه غلام فريد جهڙن شاعرن کي ڪرڻي پئي. بيدل، حمل ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي شاعر سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿي شعر چوڻ لڳا.

سنڌي ڪافي ۾ سچل سائين جو مقام سنڌ جي سڀني شاعرن کان مٿي آهي. هن صنف ۾ سچل سائين ساخت خواه مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان جيڪي ايجادون ڪيون تن ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪو به اضافو ڪري نه سگهيو آهي.

سنڌي موزون ڪلام ۾ اوليت جو سهرو هالن جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي جي سر تي آهي مگر سندس ڪلام صرف قديم مولودن ۽ مداحن تائين محدود آهي. سچل سائين جون ڪيتريون ڪافيون ۽ غزل به علم عروض جي قاعدن موجب آهن. ازانسواءِ زبان جي صفائي، خيال جي گهرائي خواهه مضمون آفريني ۾ سچل سائين جي ڪلام جو درجو بلند آهي.

سچل سائين اردو ۾ به ڪجهه غزل چيا آهن جي ان وقت جي لحاظ کان هڪ معجزي جي حيثيت رکن ٿا. ڇو ته ان وقت اردو شاعري پنهنجون ابتدائي منزلون طئي ڪري رهي هئي. سراج الدين خان آرزو جي وفات وقت سندس عمر سترهن سال هئي. اردو زبان جو هڪ وڏو عالم ۽ شاعر نسيم امروهوي پنهنجي رسالي ۾ سچل سائين جي ڪلام تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته سچل سائين ان وقت به اردو غزل ۾ اهڙا صوفيانه ۽ اخلاقي مضمون نظم ڪيا جيڪي اڄ به انقلاب - ذهنيت جي باوجود هر طبقي ۾ مقبول آهن.

فارسي ۾ سچل سائين غزل، مستزاد، قطع ۽ مثنوي ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن ميني صنفن ۾ مثالن ذريعي وحدت الوجود جي وضاحت ٿيل آهي. خيال جي بلندي ۽ معنيٰ جي گهرائي سان گڏ صنايع ۽ بدايع به چڱا استعمال ٿيل آهن، مگر زبان جي بندش ۽ صفائي اهڙي نه آهي جهڙي هر هڪ اهل زبان شاعر جي ڪلام ۾ هئڻ گهرجي. ممڪن آهي راوين ۽ ڪاتبن جي غلطين سبب ڪلام جي اصلي صورت سالم نه رهي هجي. بهر حال سندس قادرالڪلامي ۾ ڪوبه شڪ ناهي.

موضوع سخن

سچل سائين پنهنجي زماني جو هڪ بي نظير شاعر ٿي گذريو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪائنوس بوءِ سنڌ سندس درجي جو شاعر پيدا نه ڪري سگهي آهي. هو هڪ مجذوب سالڪ ۽ الاهي اسرار جو عارف هيو. تصوف جو ڪو اهڙو نڪتو ڪونهي جو سچل سرمست نروار نه ڪيو هجي.

هو ٻڌائي ٿو ته هي جهان اصل عدم جي اوڙاهه ۾ هيو مگر جڏهن ذات الاهي پنهنجي صفات جي مظهر ڪي ظاهر ڪرڻ چاهيو تڏهن "ڪن" جي اشاري سان ڪائنات جو ڪتاب جڙي راس ٿي پيو ۽ هي ممموري هنگامه آرائي نستي مان نڪري نروار

ٿيل هستي واري نئين چيز مان پيدا ٿي پئي. سچل سائين اهو سمورو مضمون هيٺين ٻن سٽن ۾ هن طرح ادا ٿو ڪري:

ز نا چيز شده يک چيز پيدا   که او در هردو عالم شد هويدا.

وري جڏهن وحدت جي وادي ۾ اها ڪثرت جي ڪچهري لڳي ته ڏهن هن ساري ڪچهري جو ميرمجلس ۽ روح روان حضرت انسان کي ئي قرار ڏنو ويو ۽ تخليق جو سمورو راز انجي سيني ۾ سمايو ويو.

نديدم سر از انسان بيرون   همه ملک فدا گرديده ام.

صورت سڀ انسان جي انٽي عشق اصل   خلق الله آدم علىٰ صورته جزو تهڙو ڪل الانسان سري و انا سره سچ سچا پيو سل   پڻول نه ٻي تون پڻ هتي هڪ ٿي.

انسان کي ڪائنات جو جوهر ۽ اشرف المخلوقات بڻائي ساري خدائي جون واڳون سونپيون ويون مگر انسان وري ٻي مخلوق تي حڪم هلائڻ بدران انسان تي حڪومت هلائڻ شروع ڪري ڏني. ذات پات جو پيڇ، ننڍ وڏائي جا درجات ۽ دوئي جا طلسمات ان کي وڏي حقيقت جي نقطي تان هٽائي ويا. سچل سائين اها حالت ڏسي هڪ همدرد ناصح جي صورت ۾ هن طرح هدايت ٿو ڪري:

آءُ سالڪ ڪر صحيح تون هن طلسمات کي
پيچ دوئي تان ڪل پوئي دور ڪر درجات کي.

دوئي جا بند ڀڃي ڪثرت جي طلسم ٽوڙڻ بعد وري ساڳيءَ وحدت جي وادي ۾ قدم ٿو پوي ۽ هيڪڙائي جو عالم نظر ٿو اچي. سچل اها هيڪڙائي واري هستي پنهنجو پاڻ ۾ ٿو پسي ۽ سڀ ڪجهه پنهنجوئي مظهر تصور ڪري ببانگ دهل پڪاري ٿو:

پاڻ پنهنجو پاڻهي صورت منجهه سڄاڻ
الله الله چوچوين پاڻ ئي الله ڄاڻ
ناهي شڪ گمان سچو سائين هيڪڙو.

انهيءَ مٿئين منزل ماڻڻ لاءِ ڪيس ڪنهن به اڪتسابي علم ۽ هنر جي ضرورت نٿي پوي. اها شئي شيخن مشائخن وٽان نٿي ملي جو ته اها امانت فقط الاهي عشق جي عطا آهي جنهن لاءِ ڪوبه لڳي جو لام ڪيڏيءَ نٿو ٿي سگهي.

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿيا سي
نڪي قاضي نڪي ملا معلم پير بڻا سي
نڪي ناهم لڳي جا لاهي رنگ رساء رڱيا سي
سچا پاڄهئون عشق الله جي ڪوئي هنر نہ سکيا سي.

سچي ۽ الاهي عشق لاءِ عقل ۽ اختيار جو ڪم ناهي. اتي محبت جي ميخاني مان بيخودي جي شراب جي ضرورت آهي جنهن جي پيئڻ سان خدائي خمار چڙهي ٿو ۽ ان مدامي مستي سان ئي السّتي عشق حاصل ڪري الاهي اسرار جو راز حاصل ڪري ٿو سگهجي.

مست رهي ميخاني اندر منگ وتي سي مستي
مستي سان ناسر سڄائي تنهن جو ڪم ڪم بختي
پيون سي ڪوڙيون ڳالهيون سچا سچو عشق السّتي.

الاهي عشق حاصل ڪرڻ سان سالڪ کي پنهنجي هستي جي سموري حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي. هو عبديت جي اولي کان ٻاهر اچي خدائي رنگ ۾ رنگجي ٿو وڃي. اهڙي حال حاصل ڪرڻ بعد ئي سچل سائين پنهنجي وقت جي غلامانہ ذهنيت خلاف صداءِ احتجاج بلند ڪئي هئي ۽ علامہ اقبال کان هڪ سؤ سال اڳ خودي جو نعرو بلند ڪيو هيو. سندس ڪلام ۾ اها هڪ اهم خصوصيت آهي جو هو تقليدي رسم و رواج جا بند ڀڃي تحقيقي مرحلن طئي ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

تون ئي مالڪ ملڪ جو ٻانهون پاڻ ۾ پاڻ
لا خيرفي عبيدي اهو اٿئي اهڃاڻ
صورت منجهہ سڃاڻ پاڻ پنهنجو پاڻهئي

* * * * *

توڙ رواج ۽ رسمون ساريون مرد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين آهين يار يگانو
ونفخت فيہ من روحي بلڪل ڇڏ بهانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو شملو ٻڌ شهانو

* * * * *

طبل وڃائج وحدت وارو غازي ڇڏ گدائي
هيڏي هوڏي تون ني آهين ڪانهي جاءِ جدائي
الانسان سري و انا سره آهين خاص خدائي
بر بحر ۾ تنهنجو سچا آهي سير سدائي.

* * * * *

ڇوڙ گمان گدائي والا شملا ٻڌ چا شاهي دا.

هو وحدت جو طبل وڃائيندي انساني برادري جي وسيع پيماني تي دعوت ٿو ڏئي. خواه مذهب جي فروئي ۽ منجهيل مسئلن ڪان سندس منزل مٿي آهي. ڪابه گروهه بندي ڪانه آهي، هو هر ڪنهن جي صورت ۾ پنهنجي محبوب جو مشاهدو ٿو ماڻي:

نه بي ديني بندي ۾ نه اسم اسلامي
هندي سنڌي ناهي هو شاهه نا شامي
نڪا حرڪت هن ڪي نڪي آهي آرامي
خواجه خدامي پنهنجي ڪري پاڻ ٿو.

ايتري فراخ دلي ۽ بين الاقوامي برادري جي مبلغ هجڻ جي باوجود سچل سائين ائين ڪڏهن به نه ٿي چاهيو ته ڪا هڪ قوم دغا ۽ دولاب سان ٻي تي غلبو حاصل ڪري وڃي. سندس زماني ۾ جڏهن فرنگي سياست جو ڄار سڄي هندستان ۾ پکڙجي چڪو هيو، جا بجا سندس عياري ۽ مڪاري پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي ۽ خود ملڪ کي حريص نگاهون پنهنجي آماجگاهه بڻائڻ لاءِ سوچي رهيون هيون، تڏهن فقط هن شاعر جي دوربين ۽ موقع شناس نظر پنهنجي وطن واسين کي ايندڙ خطري کان خبردار ڪري رهي هئي ۽ هو وقت جي تقاضا موجب هندو-مسلم اتحاد تي زور ڏئي بار بار پڪاري رهيو هيو:

وقت اها ٿي ويل دوئي دور ڪرڻ جي
ڪڍ مذاهب من مان ساجهر سان سويل
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميل
متان ٿئي اويل، اولهه سج نه اڀري.

* * * * *

اولهه سج نه الهي متان ٿئي اوير
ميڙي ويندئي مغربي تاريڪي ۾ تير

ڇڏي ويندئي ڇورين ڊونئين سدا ڍير
مرد ڏين ٿا مام ۾ ماڻهڪي مٽير
وجهه اٿي وجهه، پڻ ۾ هيڪڙائي جي هير
ناسودي ناخير نيٺ ٿيو نابود ڪر

نه فقط ايترو مگر فرنگين جي درباني تماشي ۽ هنر مندي ۾ خلوص نه ڏسي مٽين اڪيون ٻوٽي ويساهه رکڻ جي خطرناڪ نتيجن کان به قوم کي کولي کولي واقف ڪري ويو آهي.

مڪڙي ڏلم موج ۾ تنهن ۾ مير ملاح
مڇيون مارن اوچتي بانڪا بيپرواهه
لهر بحر جا حاڪم ڇاڻي شوريا وتن شاهه
وائڙا رکن تن مٿان ويچارا ويساهه
آسرا اڙين جا آهن منجهه الله
ڏئي پانڌ پناهه، رکي ولندو راج کي.

مٿين بحث مان معلوم ٿيندو ته هو هڪ بي نظير قومي ۽ بين الاقوامي شاعر آهي ۽ قدم قدم تي انساني برادري ۽ مساوات جي تبليغ ڪندو ٿو رهي.

ان کانسواءِ حسن و عشق جون سموريون ڪيفيتون سندس ڪلام جو حصو آهن. مجاز ۽ حقيقت جون اهي موشگافيون ڪيون اٿس جتي ڪنهن عام شاعر جي رسائي مشڪل ۽ محال ٿيندي. حسن جي حملي جو منظر ڏسو.

چالي چشم چُڙڪ، ماريو محبوبن جي
قاتل فوج حسن جي آئي ڪاهون ڪاهه ڪنڪ
اچي وڌائون اوچتي سيني سيف سنڪ
عاشق ٿيي آئيا الڪجي الڪ
جهٽ پٽ سان جهٽڪ، سر سٽيائون ست ۾.

ساڳي نموني مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪندي ان جي ڪنڌن وصفن جو تصوير ٿو ڪڍي. سندس سنهن کي مصحف سمجهي تلاوت ٿو ڪري ۽ برهه جا سمورا باب ختم ڪري ٿو ڇڏي.

ابرو ڪنڌا قرب جا وار ڪنڌا ڪارا
اڪين ڪنڌيون عجيب جون ماڻڪ موچارا

محرابي مرغول ڪنڍا پيشاني پارا
مٿا موچارا، سدا منهنجا سپرين.

* * * * *

ڪجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي
ڏنگا ونگا ورهه ورهه مصحف جا اعراب
سڌون سيپارن جون پڙهڻ ٿيون ثواب
برهه سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا.

اهو ساڳيو مضمون ٻئي هنڌ ٻئي پيرائي سان بيان ٿو ڪري.

مصحف پاڪ چوان سهڻو محبوبن جو
آيتون منجهه عشق جون مطالع ڪيان
قاري اچي ڪو پڙهي هجي هي روان
حرف سڀ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪو نه ڪو.

محبوب جي ابروءِ خمدار کي قوس قزح سان تشبيهه، ڏئي نيهن جي نظاري کي ڪيئن نه خوش اسلوبي سان بيان ٿو ڪري.

قوس قزح ڪمان ابرو عجيبن جا
ضرب ظلم جي زور سان اچلن الامان
سل هڻن ٿا سيني ۾ پنبڙين جا پيڪان
نيزا نيهن نشان سچل سر سهائيا.

محبوب جي منهن تي پگهر جي پاڻي جي تصوير ڪڍڻ لاءِ ڪهڙا رنگين لفظ استعمال ٿو ڪري.

قطرا آب عرق سونهن سجڻ منهن تي
جرڪن جهلڪن ٿا ائين جئن پني ماڪ مرڪ
داڻا ڪن درڪ دل ۾ دردين جي.

وري محبوب جي منهن تي زلفن جي پکڙجڻ جون تشبيهون ملاحظه ڪيو.

مو پکيڙيا منهن تي ڇيلن ڇلا
سنبل چڻ ڪي سلا صبح ڪڍيا ساجهري.

مو ڪڪيڙيا منهن تي چيلن چلا
واسينگن ولا ورهه وارن تي ڏٺا.

* * * * *

چيلن چلا مو ڪيڙيا منهن تي
نيم شبي مهتاب جان منهن پرن مشعلا
تاريڪي ۾ تيجارا تڪا ڏين تجلا
عاشق ات اجهلا سر ڏين ٿا ست ۾.

يار جي رخسار تي ڪاري تر جو منظر جنهن سچل سائين ڏيکاريو آهي تيئن سيڪو شاعر ڏيکاري نٿو سگهي. سندس حسن بيان ۽ حسن تشبيهه جو اندازو لڳايو.

حبيبن حبشي ڀهرو رکيو پاڻ تي
اندر اچڻ ڪان اڳي ڪاتي تنهن ڪشي
رخ انهيءَ رشي ڪروڙين قتل ڪيا.

مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪرڻ کانپوءِ هن جي مرغنامي ۾ عاشقاڻا خط و ڪتابت جا راز و نيازيءَ عجيب نمونيءَ سان آيل آهن جن ۾ زبان جي سلاست سان گڏو گڏ نازڪ خيالي ۽ بلند پروازي جا اهڙا مثال ملن ٿا جي سڀني جي ڪلام ۾ نه ليندا. سندس ڀرت جي پني جون تمثيلون ڏسو.

پني ۾ پيغام لکي سڪا سڄڻين
سي نه سمجهن عام جي آهن منجهه اشارتين.

* * * * *

الوهيڙو عشق جو سائي ساڻ نيو
ڪاسي پاڻ پيو خوني خط پرينءَ جو.

* * * * *

منجان ڪئين لکي ڪتابت قريب ڏي
سائي وات سڪي ڀڏائي نه پين ڪي.

* * * * *

اجا عبارت لکڻ لڳس پرينءَ ڏي
روئندي پريون رت اوتڻ پئي اکيون.

جارون لکيو جو ڪاغذ قريب ڏي
حقيقت جا حال جي واچڻ ويئو ڪو
پڙهندي پنو سو تنهن ٽکي آنديون آئيون.

* * * * *

پيئر ڪئين پنو هي جو نامو نيهن جو
خط خمار ڏنو جيڪس پڙهندي پرينءَ کي.

سوز و گداز سچل سائين جي رڳ رڳ ۾ سمايل هيو. سندس عقيدي موجب بي درد نامرد آهي ۽ صحبت جي سرحدن طئي ڪرڻ لاءِ درد کانسواءِ ٻيو ڪو به رهبر ڪو نهي.

درد در دل هر که باشد مرد اوست
حرف بيدردان موثر نيست نيست.

* * * * *

ورسو ڏک درد جو تنهن سپ ڪا واٽ وساري
چنڊ ايري آئيو وٺي سپ انڌاري.

* * * * *

گوندر جن گذاريو آءٌ تنين گولي
هينئڙي ۾ هولي هوندي ڏکن وارئين.

سچل سائين هڪ عارف ۽ عاشق شاعر هجڻ سان گڏ فطرت جو به وڏو نقاش آهي. هو قدرت جي نظارن کي اهڙي نموني سان چٽي ٿو وجي جو اهي نظارا ڄڻ اسان جي اکين جي سامهون اچي ٿا بيهن. سر سارنگ ۾ سندس مدائتي مينهن جو منظر ڏسو. ٻه ٻه ڪندا آئيا ٻهر ٻکر وال ڪڪرن جي ڪڙڪات ٺان ويا ٺهي ماٺ آهن ۾ آهي ٿي جونگن سندي جال مندائتي مندل ڪيا جر ال حل ٻهر ٺاٺ دسي بيا ٻنهوارن ٻلال جهري پيون جهوڙيون جهانگيئڙون اجهال سڱ ڪچ نه ٽڏر ني نماٽن ننگ بال جن جا هيڙا حال ٽن ٻروڻ ٽٽ رکيچ آون.

* * * * *

هڪ وسن جو وڄڻ ٿيون ٺهي پيو سيءَ
جهوري وڏاٻين جهوليون چڻ وڏائين چيءَ

رنن جو رڻ ۾ والي وسيلو ٿيءُ
حال جنين جو هيءُ تن پرور رکـ پناه ۾.

مٿين ٻن بيتن ۾ مينهن وسڻ وقت هڪ واهڻ ۾ جيڪو ماحول پيدا ٿئي ٿو ان جي هو بهو تصوير اسان جي سامهون آهي ۽ اها تصوير اهڙن دلڪش مناسب ۽ موزون لفظن ۾ ڪڍي وئي آهي جيڪي سندس نيچرل شاعري جي ساک ٿا ڀرن. ازانسواءِ سندس روجهن جو داستان پڙهبو ته سندس مضمون آفريني ۽ جدت جو اندازو لڳائي سگهبو. مثال طور ٻن بيتن تي اڪتفا ٿي ڪجي.

ڏوڙائي جون ڏٺيون ڏيون ڏولهين
ابر سندي آسري ٽڪر ٽيون ٽولين
ڳوليو ٽيون ڳولين ترايون تر ڀريون.

* * * * *

پانڌوڙيون پهاڙ جون رڙين ڪوهه رهن
لوچي سي لهن جن سچو ٻڌو سندرو.

سچل سائين جي ڪلام جو گهري نظر سان مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ڪيس زبان تي وڏي دسترس ۽ عبور حاصل آهي. الفاظ جي نشست، بندش جي چستي، بيان جو جوش ۽ زبان جو زور سندس قادرالڪلامي جو ڪلمو پڙهيندا نظر ايندا. الفاظ سندس حڪم موجب زبان جي صفائي سان فرمانبردار نوڪرن وانگر پنهنجي پنهنجي مناسب جڳهه تي ازخود ايندا ويندا، محاورا، ضرب المثل ۽ اصطلاح بلڪل روزمره جي مطابق هوندا. مجال آهي جو هڪ حرف بي محل استعمال ٿيل هجي. مطلب ته عرشئي منڊيءَ جي ٽڪ وانگر پنهنجي جاءِ تي جڙيل نظر ايندي. ڪمال اهو آهي جو زبان جي صفائي سان گڏ صنايع بدايع جي سرخي به شامل هوندي آهي ۽ ان ۾ ڪونه ڪو ناصحانه پهلو به موجود هوندو. مثال طور سندس [illegible] جي باغ مان ٻه چار عقيدت جا گل پيش ڪجن ٿا.

مون ۾ آهين تون تو ۾ آهيان مان
بجلي بادل سان آهي جئن سپرين.

* * * * *

هڪ جوءِ ٻي جوءِ چڙي ڪين جوان
اهي سڀ انسان جي نڪن تان نثار ٿيا.

سر سنواريو سر کي سر سنواريو سر
جو آهي سورهيه ور سو ڏين ڪان ڪٿي ڏري.

* * * * *

مور نه محبت ڪان مڙان هتي اچي هاڻ
ڪاڻ ڪنبي جي ڪاڻ ڳٺون چاريندس ڳوٺ جون.

* * * * *

ڪچو سچو ڪين ٿئي توڙي اچي رنگ
سچي سندي سنگ ڪچا سچا ٿي ويا.

* * * * *

حرف حلال هيڪڙو ٻيا سڀ حرف حرام
عاشقن انجام اهو آهي عجيب سان.

* * * * *

ڪاتي ريءَ ڪهي ڇڏيو راٺا تنهنجي رنج
سڪون سڀ سهنج سوڊو ساڻ ڪٽي ويو.

* * * * *

سوڊا هن سڙيءَ جو لهي وڃ سماءُ
ويرين وڏو وچ ۾ آهي وير وڏاءُ
مون تي لڳندو ڪونه ڪو پيارا پاٽي پاءُ
هيڪو هيڏي آءُ ته پير لوي پڌري ٿي.

مطلب ته سچل سائين جي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو درياهه ڇوليون ماريندو نظر ايندو. خيال جي گهرائي، فڪر جي بلندي، ٻولي جي سلاست ۽ بيان جي خوش اسلوبي سندس ڪلام جون اهم خصوصيتون آهن. حاصل ڪلام شاهه عبداللطيف ڀٽائي کانسواءِ سنڌ جو ڪو به شاعر ڪنهن به لحاظ کان سندس مد مقابل ٿي نه سگهندو.

— "حامي"

مثنوين جو مختصر تعارف

ساقي نامو

هن ۾ ڪل ايڪويهه قطعا بحر رمل جي ٻن وزنن تي آهن. پهريان ٻارهن فاعلاتن مفاعلن فعلن تي ۽ باقي نَوَ فاعلاتن فاعلن (يا فاعلات) تي آهن. انهن قطعن ۾ ازل جي ساقي کان معرفت جي شراب ۽ حقيقي عشق جي درد حاصل ڪرڻ جي صدا ڪئي وئي آهي. شاعر وڏي واڪئين انگوري ۽ شراب کان عاري ٿو ٻڌجي ۽ عرض ٿو ڪري، ته اهو شراب مثل دل کي زندگي بخشي نه سگهندو، تنهنڪري سندس التماس آهي ته کيس اهڙو شراب عطا ڪيو وڃي، جيڪو هن کي مٽيءَ جي هيٺان به هميشه لاءِ زنده رکي.

راز نامو

هيءَ هڪ ڊگهي مثنوي آهي، جيڪا بحر رمل مسدس محذوف تي چيل آهي. هن ۾ ڪل اٺ سؤ اٺونجاهه شعر آهن. هن مثنوي متعلق شاعر جو پنهنجو قول آهي ته:

ناهي فردوسي نظامي جو جواب   ڏريڪانو آهي منهنجو هي ڪتاب
هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا   معرفت وارا ٿا سمجهن ماجرا
ڪن آهي هي مسائل جو ڪتاب   منهنجي مرشد جي اڳيان ٿيو مستجاب

تار نامو

هي هڪ سؤ ڇائيتاليهه شعرن جي مثنوي آهي جيڪا بحر رمل مسدس محذوف (فاعلاتن فاعلاتن فاعلن) تي چيل آهي. هن ۾ هڪ طنبوري جي تار جي زباني معرفت جون رمزون بيان ڪيون ويون آهن. تار پنهنجي حقيقت بيان ڪندي ٻڌائي ٿي ته: ڪيئن ڪاٺ مان ڪڍي، ڪوري ۽ ٻچائي، وڏائن ۽ مترڪن جون مارون ڏنيون ويون آهن. ۽ موجوده صورت ۾ آئي ڪاٺ جي طنبوري سان ملايو ويو آهي. طنبوري واري ڪاٺ کي به ڪوري، تڪليفون ڏئي، موجوده صورت ۾ آندو ويو آهي. طنبورو ۽ تار وڄائڻ واري آڱر جا محتاج آهن، ۽ ان جي اشاري سان وڇوڙي جا ورلاپ ڪري درد وارن کي سوايو سوز بخشين ٿا. آخر ۾ مرشد شاعر کي سمجهائي ٿو:

جسم طنبورو ته تار آهي زبان،
ٿي ڪري اسرار سوليءَ جا عيان.
قلب طنبورو ٿيو ۽ تار جان،
آهي ڪاريگر جي آڱر جو بيان.

درد دل جي مان لکيم هي ماجرا،
خود قلم کي حڪم فرمايو خدا
راز نامو آهي منهنجو هي ڪتاب،
جو به پڙهندو سوئي ٿيندو ڪامياب.
عشق جي غم جو منجهس آهي بيان،
جو زبان مان ناهي آهي دل منجهان.

هن مثنوي ۾ خداتعاليٰ ۽ رسول مقبول صه جي تعريف کان پوءِ سڪندر ۽ اوشاه جي تمثيل ۾ ابن عربي جي مشهور وحدت الوجود واري فلسفي جي اپٽار ڪئي وئي آهي. ۽ چيو ويو آهي، ته حقيقي محبوب احد مان احمد جي اوٽ ۾ سفير بڻجي آيو آهي. اهو آقا عبد بڻجي، پنهنجي صفتن جا مختلف روپ ظاهر ڪري رهيو آهي. انهيءَ حقيقت جي خبر عشق جي درد کان سواءِ ڪنهن کي نٿي پوي. تنهنڪري سالڪ لاءِ ضروري آهي ته هو قيل ۽ قال وارا مسئلا ڇڏي، عشق جي جذب ۽ حال واري منزل ۾ اچي ۽ لامڪاني سير ڪري.

ان کان پوءِ مختلف تشبيهن جي ذريعي همه اوست جو سبق سمجهايو ويو آهي. اهو سبق سمجهائيندي ننڍيون ننڍيون حڪايتون بيان ڪيون ويون آهن ۽ اناالحق جي رازن ۽ رمزن جي اپٽار ڪري، منصوري ۽ فرعوني دم جو فرق ٻڌايو ويو آهي.

آخر ۾ معرفت جا نڪتا بيان ڪندي، درازن جي درگاه ۽ فقيري سلسلي جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.

گداز نامو

هي مثنوي بحرمل مسدس محذوف تي چيل آهي. هن ۾ ١٠٣ ٻٽا شعر آهن.

هن مثنوي ۾ به وحدت الوجود جي تبليغ ڪئي وئي آهي. شاعر چوي ٿو ته: "پنهنجي هستي کي فنا ڪري، حق جي هستيءَ ۾ قائم رکڻ گهرجي." هو برف جي تمثيل ۾ سمجهائي ٿو ته: جڏهن برف ڳري وڃي ٿي، تڏهن پاڻي ٿي وڃي ٿي، جنهن مان نرالا ڪم پيدا ٿيندا ۽ گل ڦل لڙي گلذار بڻجي پوندا. اهڙيءَ طرح جڏهن سالڪ پنهنجي جسماني هستي کي فنا ڪندو، تڏهن ئي حقيقي بقا حاصل ڪندو. جڏهن عبد معبود سان گڏبو، تڏهن غير فاني ٿي ويندو ۽ معبود جي هستي وٽي پهچندي.

هو ٻڌائي ٿو ته: هن جسماني ڪاڻي ۾ روح جو نوراني ڏيو روشن ٿو رهي. مگر انهيءَ ڪاڻي جي ڪري، ان جي روشني ظاهر نٿي ٿئي. اهو ڪاڻو پڃندو، ته روحاني ڏيئي جي روشني ظاهر ٿي پوندي.

اڳتي هلي شاعر چوي ٿو ته: حقيقي محبوب پاڻ کي عبد سڏائي پالهپ جي ٻولي ٿو ٻڌائي. اها سندس پنهنجي مرضي آهي ته هلي پاڻ عبد سڏرائي، پر انسان

سنڌس شان کي سمجهڻ تائين انسان کي ڪوبه ساهي سڌ جي ڪا مجال ناهي. وري ڪڪر جي آئي جي تمثيل ۾ ٻڌائي ٿو ته لاهوتي پکي آئي ۾ اڪيلو آهي، پرواز ڪري نٿو سگهي. ڪيس اهو جسماني ڪوٽ پنجي ٻاهر وڃڻو ۽ آزاد ٿيو آهي.

آخر ۾ پنهنجي مرشد جي مهرباني مجيندي ٻڌائي ٿو ته: سندس فيض واري نظر سان "مان ۽ اسان" وارا سمورا حجاب دور ٿي ويا ۽ هر طرف حق ئي حق نظر اچڻ لڳو.

مونکي مرشد راه ڏيکاري چڙهڻ . دل وٺي سڀني خيالن تان ڪٽجي.
هي خدائي دم غلامي جو پري . آن جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري.

عشقنامو

هي مثنوي بحر رمل مسدس محذوف تي آهي. هن ۾ هڪ سو ايڪونجاهه شعر آهن. هن مثنوي ۾ انسان جي عظمت جو بيان ڪيو ويو آهي. عارف سچل سائين ٻڌائي ٿو ته: ڪيس پنهنجي پير عبدالحق وٽان ان حقيقت جي پتو پيو آهي، ته در اصل آدم جو گهر حق جو گهر آهي. هو جو ڪجهه ٻولي ٿا ٻڌي ٿو، اهو حقيقت ۾ حق آهي. ظلم ۽ جهل هيٺي سندس ئي فعل آهن. ظلم مان سندس مراد پنهنجو نفس ڪهڻ ۽ جهل مان مراد پنهنجو پاڻ ڪان ٻاسي ٿيڻ آهي. هو الستي عهد ۽ قالوابليٰ پنهي کي عشق جا گفتا ٿو سمجهي. حق جي ذات انسان ۾ لامڪان جا راز ۽ رمزون رکي عشق جي آڳ لائي ڇڏي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو لامڪان جو شهباز بڻجي پيو آهي. پوءِ انسان کي جنت جا سير ڪرائي، زندگيءَ جون نعمتون عطا ڪيون ويون. ان ڪان پوءِ هن کي مٽيءَ جي ملڪ تي آندو ويو، جتي ڪيس محنت ۽ محبت جي مڪان ۾ رهڻو پيو.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقت بيان ڪرڻ ڪان پوءِ عشق ۽ عقل جو بحث ڇيڙي، عقل کي عشق جو دربان ثابت ڪيو ويو آهي. پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته:

عقل اڪمل ٿو رهي تقليد ۾،
عشق هردم ٿو رهي توحيد ۾.
عقل سان دنيا جو درشن ٿو ڪجي،
عشق سان پسجي ٿو حق جي ذات کي.

درد نامو

هيءَ مثنوي بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل آهي، هن ۾ ڪل ڇهاسي شعر آهن. هن ۾ پنهنجي مرشد وٽان ورتل درد جو سبق دهرايو ويو آهي ۽ عارف سچل جي قول موجب درد کان سواءِ ماڻهو ڪنهن به ڪم جو ناهي. جيستائين هو درد واري بيخوديءَ ۾ رهندو، ته فنا جو ماڳ ماڻي بقا جو حال حاصل ڪندو، اهوئي وحدت جو سچو رستو آهي. اصل ۾ ساري ڪائنات وهم ۽ خيال کان وڌيڪ ڪا هستي نٿي رکي. هستي هڪڙي حق جي هستي آهي، جنهن ۾ "مان اسان" وارا ٻٽائي جا ٻول ختم ٿي وڃن ٿا.

رهبر نامو

هن مثنوي ۾ شاعر شرح-غوثيه ۽ منطق الطير تان مثال وٺي 'وحدت الوجود' جي اظهار ٿو ڪري ۽ همه اوست جو نعرو هڻي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته: جهڙي طرح چنڊ گرهڻ وقت چنڊ آسمان جي برج ۾ اڇي پردي ۾ ٿو رهي، تهڙيءَ طرح انسان به پنهنجي هستيءَ جي ڪڪر ۾ گم ٿي ٿو وڃي ۽ نظر نٿو اچي. سندس عقيدي موجب روحاني نور ڪجهه وقت لاءِ جسماني ڪوٽ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. ان کي انهيءَ خاڪي پڃري کان ٻاهر ڪبو، ته ڪثرت جا سمورا ڪوٽ ڊهي ويندا ۽ وحدت وارو هڪ وجود باقي وڃي بچندو. اهڙي منزل تي پهچڻ لاءِ عشق جي درد جي ضرورت آهي. انهيءَ درد سان معرفت جو در کلي ويندو ۽ عشق جو اعليٰ مرتبو حاصل ٿيندو. انهيءَ درد جي دولت سان طالب ذري مان آفتاب بڻجي ويندو. هن مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جا سمورا واسطا ٽوڙي، جسماني ناتن کان منهن موڙڻو پوندو، ۽ اهڙو درجو حاصل ڪري سگهبو، جو هر شيءِ حق بڻجي ويندي. حق کان سوا ٻي ڪا به شيءِ نظر نه ايندي. ٻيو ته ڇڏيو پر آدم ع، جبرائيل ع، ابليس ۽ حوا به انهيءَ ذات جا مختلف روپ نظر ايندا.

جيڪي آهي سو فقط الله آهه،
هر جڳهه تي پاڻ بيپرواهه آهه.

هن مثنوي ۾ لطيفا بيان ڪري، توحيد جي تبليغ ڪئي وئي آهي. جنهن موجب وحدت ۽ ڪثرت جي ٻٽائي کي ٽوڙي، حقيقي وحدانيت ثابت ڪئي وئي آهي، ۽ ڏيکاريو ويو آهي ته ذات ۽ صفات ۾ ڪو فرق ڪونهي. خالق ۽ مخلوق جو به هڪڙوئي وجود آهي. دنيا ۽ ان ۾ جو ڪجهه آهي، سو فقط الاهي ذات جو عڪس آهي. مثال طور انسان سان ان جو پاڇو هلي ٿو، ته اهو سندس تابع آهي. ان پاڇي کي ٻيو ڪو به وجود ڪونهي.

هن مثنوي ۾ 'قدري' ۽ 'جبري' فرقي جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي، ته قدري پنهنجي مختياري واري عقيدي

جهڙو خوار ۽ خراب آهي، ته جبري ’کي وري پاڻ تي ڪو به اختيار ڪونهي، ان هوندي به ’جبري‘ کي ’قدري‘ تي ترجيح ڏني وئي آهي، ڇو جو ’قدري‘ پنهنجي پاڻ ڀروسو ٿو رکي، ۽ ’جبري‘ پاڻ کان بيزار ٿي خدا ۾ اعتقاد ٿو رکي. ان لاءِ پاڻيءَ تي ڪک جي ترڻ جو مثال ڏنو ويو آهي، ۽ سمجهايو ويو آهي ته ڪک کي ترڻ جي ڪا به طاقت ڪانهي. هو پاڻيءَ جي زور تي ٿي تري رهيو آهي. ان کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته اڳي پوءِ قدري ۽ جبري ٻنهي فرقن کي هڪڙي ڳالهه، چاهي ڳجهي ۽ سمجهڻ کپي ته:

تنهنجي هستي ناهي سڀ ڪجهه يار آهه،
تون نه آهين جا بجا دلدار آهه.

ساقي نامو

ساقيا، ڏي پري کو جام - شراب   ميٽجي جنهن وڃن گناه ثواب
ڀرڙي مئي ڏي هن زماني ۾   دل ڳري ۽ هجي اکين ۾ آب .
معرفت جو شراب ڏي ساقي،   منهنجي "مان مان" وڃي رهان باقي .
ان طرح پاڻ کان ڏي آزادي،   جو فنا مان ملي بقا باقي .
ساقيا، ڏي شراب وحدت مان،   جي ڏسان ڪنهن ڏي، مان ته عبرت سان،
سير مونکي ڪرائي ڪثرت جو،   بيخودي بخش بحر - حيرت کان .
ساقيا، هي شراب ڪين ڪپي،   تنهنجي وحدت جي مئي ملي مونکي،
ذوق ۽ شوق جو پيالو ڀر،   پنهنجي درگاه جي ڪتي کي ڏي .
ساقيا، ٽوڙ قيد - هستيءَ کي،   آڻ شب و روز مونڏي مستيءَ کي .
بيخبر ڪر پنهي جهانن کان،   ڪڍ بلندي کي توڙي پستي کي .
زندگي ٿي خراب، اي ساقي،   ٿيو نه حاصل شراب، اي ساقي! ،
عشق جي مئي بغير جا گذري،   هئي حياتي عذاب اي ساقي! .
بيخودي جو شراب ڏي ساقي! ،   خود نمائي کي ڪر پري ساقي،
نيڪ يا بد بڻايج جنهن چاهين،   پنهنجي در جي غلام کي ساقي .
جام مئي جو پيار اي جاني،   دور ڪر دل جي هي پريشاني،
عمر گذري پئو ٿيس ساقي،   رات ڏينهن آهي بس پشيماني .
ڏي نه ساقي شراب انگوري،   آهي ان کان اسان کي صد دوري،
لازوال آهي جام وحدت جو،   جنهن جي پيتي وڃي ٿي مهجوري .

ڏي پڪو مستيءَ جو حال اي ساقيا،
مون وظيفا ۽ ورد ڪين ڪيا،
مونکي شيشي جي جام ۾ مئي ڏي،
پڙهه ”براين جي ماءُ“ جئين زاهد،
ساقيا ڪول پنهنجو مئخانو،
مست بيخود ٿيان شراب چکي
ساقيا، مونکي ٻڌائيءَ راز دار
سڀ ڪنو پڙهه بيدين ۽ ملحد سڏي،
ساقيا! اڄ عيد ڪئي آهي اسان،
حاضري ٿيءِ جنهن جي سا دل ٿي قربان
ساقيا، ڏي ان جي رسزن جو پتو،
هڪ ۾ هڪ ٻئجي هميشه هو رهيو،
ساقيا هن عشق کان آگاهه ڪر،
بيڪس آهيان تنهنجي آڏو حال ڏس،
ساقيا، ڪر مات منهنجو ننگ نام،
پن جهانن ۾ رهان جئن مست ٿي،
ساقيا، ڏي جام مئي جو ڀرُ ڪري،
يار جي دوري جو درد آهي گهڻو،
اٿ هيٺر محفل ۾ هل ساقي سڏو،
هڪ مٿان ٻيو جام مئي گلفام جو،
ٿي نه ساقي محتسب کان خوفناڪ،
ڏي پيالو زندگي جي آب مان،
جام مئي جو ساقيا ڀڙرو پيار،
ڪوڙ با ٻئي جي ڀڄر کان مئي پلي،

دور ٿئي قيل و قال اي ساقيا،
گهر جي تنهنجو خيال اي ساقي.
دم ۾ ساقي هي درد چڏ لاهي،
سچ نظر ڪين ايندو انڌي کي.
ڏي پري مونکي منهنجو پئمانو،
هوڏ هٽ کان وڃان ٿي بيگانو.
ڪر خدا را خود نمائي کان ٻه ڏار،
آهي دو عالم ۾ عاشق آشڪار.
پنهنجو نالو پيش ٿيو ان جي اڳيان،
عارفن مونکي ٻڌايو هي بيان.
جيڪو واٽهڙو فنا جڳ سان ٿيو،
ماڻهو هڪ جي عيوض چاتو نه پيو.
سور سان ۽ سوز سان همراهه ڪر،
درد ۽ الفت جو مونکي شاهه ڪر.
مهرمان مونکي پري ڏي مئي جو جام،
غرق ڪر وحدت جي وادي ۾ مدام.
جنهن جي خوشبو سان طبيعت تر ٿئي،
شمع جهڙي ديد سان دلبر ملي.
گل جي موسم آهي چڏ مستي سکهو،
ڪيترو هن منڊ ۾ ڏئي ٿو مزو.
مئي مثل دل کي ڪندي چا ڻيڪ ڻاڪ،
جئن رهان زلده هميشه زير ـ خاڪ.
زاهدن واري ريا کان آهي عار،
پنهنجو منهن مئخاني ڏي ڪر آشڪار.

★

SOORIH SINDHI ADAB

تار نامو

مان ٻڌايان ٿو ٻيو هڪ داستان، محو ٿين جنهن جي ٻڌڻ سان جسم جان.
يار فرمائي ٿو چئو هڪ مثنوي، راز وارا بيت ٿورا معنوي.
پاڻ اشارو ٿو ڪري هو پاڻ ڪي، ان جي ڳجهه جي ڳالهه ڪر سستي ڇڏي.
پاڻ ٿو ٻولي نتا ٻوليون اسان، پاڻ ٿو ڳولي نتا ڳوليون اسان.
جڻ ويس هڪ رات ٻئو ميخاني ڏي، اوچتو پئي ديد هڪ ديواني تي.
هٿي هٿن ۾ ڪيس هڪ سهڻي ستار، جنهن جي نغمن ۾ هيو هو مست يار.
مست هو مدهوش هو رقصان هيو، بيخوديءَ جي ماڳ تي بيجان هيو.
پڇي ويو گردش ۾ ميخانو سڄو، مون کي هن "هٿي هٿي" ڪري پاڪر وڌو.
ويڄهڙو جيئن جو ڪيائين پاڻ سان، محو ٿيا ان وقت منهنجا جسم و جان.
جان و دل کي اهڙي مستي ٿي عطا، دين دنيا جا سڀئي ڀولا لٿا.
پنهنجي آگر سان وڄايائين ستار، راڳ سان مون کي ڪيائين بيقرار.
ذوڙ منهن کي مون ملي دستار وئي، ٿيو گريبان چاڪ ۽ سڌ سار وئي.
مون کي ان حالت ۾ آندو هن صدا، جو گهڙي کن حوصلا ٿي ويا خطا.
بعد مدت جڻ جو آيس هوش ۾، اوچتو ٻيهر ٻه آيس جوش ۾.
تار ڪان هي حال ورتم سربسر: "ڪيئن سياڻن کي ڪرين ٿي بي خبر.
هيترو هي درد ڪنهن ڪان تو ورتيو، يا ته ڪنهن آگر هٿي توکي ڦٽيو.
مون کي بيخود ٿي ڪري تنهنجي صدا، دل کي سؤ سوجون ٿي بخشي برملا.

SOORIH SINDHI ADAB

تنهنجو هر آواز مستي ٿو ڏئي، ڪنهن کي تنهنجو ڪجهه نه ٿو حاصل ٿئي.
رقص ۾ آواز آئي ٿو ڪڏهن، لامڪان تائين اماڻي ٿو ڪڏهن.
تنهنجي رڙ ماتم مچائي ٿي ڪڏهن، دانهن ديوانو بڻائي ٿي ڪڏهن.
ساري محفل کي چريو چٽ ٿي ڪرين، دور دانائي کي جهٽ پٽ ٿي ڪرين.
دل ۾ درد و غم وڌائي ٿي ڇڏين، هٿ قلم جو سر ڪٽائي ٿي ڇڏين.
ڪاش توسان ڪم پيو آخر اچي، جا بجا موں سان رکين شل دوستي.
اڳ ٿي جڏهن تنهنجو واڄو ٿو وڄي، غير جو هر وهم دل تان ٿو ڪڇي.
ننگ ۽ ناموس واري ٿي ڇڏين، جام سڄي سان جيئڻ پياري ٿي ڇڏين.
جس هجيئي تون ٿي وڏائين حال کي، مرحبا تون ٿي مٽائين قال کي.
هيءَ صدا تنهنجي پريشان ٿي ڪري، ڇا پريشان بلڪ بي جان ٿي ڪري.
ڏي ٿي دل جي ديگ کي جولان جوش، ٿي کڻي صبر و قرار آرام هوش.
منهنجي دل ورد و وظائف کان ڀڳي، جڏهن وڃي تنهنجو ترانو ويو رسي.
ڪنهن وٽان موں لاءِ آند ٿي ورد کي، تنهنجي رڙ ٿي جان و تن ڳاري ڇڏي.
دوستي هاڻي ٿي توسان ڏينهن رات، منهنجي دل مان دور ٿي غيرن جي تات.
هن جڳهه تي تنهنجي آمد ٿي ڪٿان، آئي آهين ڪنهن متاهين ملڪ تان؟
ماجرا ماضيءَ جي سڀ موں کي ٻڌاءِ، صاف ڏس اڳ ڪٿي هئي تنهنجي جاءِ؟
ڪهڙي حالت تو تي نازل ٿي وئي، تنهنجي رڙ موں لاءِ قاتل ٿي وئي.
تون هلي آئين غمن جي ملڪ تان، يا وري عشاق جي مجلس منجهان؟
ڪنهن پريشان حال ماڻهوءَ کي ڏٺئي، يا ڪو گفتو عارفن وارو ٻڌئي؟
تن جي حالت کي ڏسي پر درد ٿئن، درد ان جي ۾ برابر فرد ٿئن؟"
نار تنهن دم رڙ ڪري ڪئي قيل و قال: "ٻڌ ته مان تو کي ٻڌايان پنهنجو حال.
ڪاڻ اڳ مان هيس ٻڙن ۾ پال، ڪٽ جڙ عمل مي رنگ ڏاتوءَ جي مثال.
پيرمن استاد آخر اوچتو، موں کي ٻڙن مان ڪڍي ٻاهر ڪيو.
پاڻ پالن اٺي جبل جي پاڙ مان، موں کي هٿ آندائين منهنجي ملڪ تان.
پوءِ ڪوري ۾ وڌائين اي جوان، غير جهڙڪي هو ڪڍيائين موں منجهان.

آت رجي ۽ خشڪ نيس آرام ۾، شڪل ڪرسيءَ جهڙي ورتم بام ۾.
لوهرن جي هٿ ۾ آيس هڪ جٽي، آگ ۾ اچليو ٿي جن هر هر ڪٽي.
پئي جليس ڪيئي ڏهاڙا بام ۾، مار ڪاڏي مون گهٽي آرام ۾.
ڏڪ ڏکن تي صبر سان مون پئي سٺا، موچڙا اهڙا نہ ڪنهن پئي ڪي لڳا.
اڪ جبل ۾ ٿولهہ مونکي هئي گهڻي، هٿ اچي هيٺي نيس جائي ڏني.
گوشمالين ۽ ڏکن ۾ دائما، حال ڪان نڪتس هزارين ڦٽ ٿيا.
پوءِ پرندڙ بام مان ٻاهر ڪڍي، اڻ ڳڻيا ڏڪ مون ڪي مارياٿون وري.
ڪيترن ماڳن تي ٿيو منهنجو مڪان، پر نہ ڪا ٻولي پڌي ڪنهن مون وٽان.
پوءِ مر پاڪيزه تن ڏوٺي ڏڪي، نيٺ هن صورت ۾ آندائون چڪي.
هاءِ هن ڪان اڳهر سؤ صدمان سٺم، زخم ڪاڏم، ڏڪ جهليم ۽ غم ڏٺم.
بار غم جا پئي سٺا مون بار بار، جيستائين پنهنجي هٿ ۾ آندو يار.
مون هزارين ڏک ڏٺا آهن جڏهن، يار جي هٿ ۾ پڳي آهيان تڏهن.
يار جي هٿ ۾ رسڻ جو ٿيو سبب، جيڪو مونکي ٿو وڄائي روزشب.
هٿ ۾ آندائين حياتي ٿي عطا، منهنجي جان آهي سندس هٿ ۾ سدا.
درحقيقت مون ۾ هئي سختي گهڻي، هن جي هٿ، اي مهربان، نرمي ڏني.
هو ٿو ڳائي ۽ وڄائي، مان ڪٽي! هو ٿو چوري ۽ چوائي، مان ڪٽي!
حال ڪان بي حال ٿي آهيان جڏهن، پين ڪي بيخود ٿي بڻايان مان تڏهن.
هڪ ڏهاڙي پور پيو استاد ڪي، درد پهچايان ڪو هن بي درد ڪي.
جڳ ۾ هر هڪ جنس جو نر ماد آ، هيءَ اڪيلي چو سدا ناشاد آ.
ڪيس ساٿي ڏيان تہ هم صحبت ٿين، پاڻ ۾ گڏجي غم ۽ راحت وٺن.
حال محرم پاڻ ۾ هردم هجن، يڪ تن و يڪ جان ۽ همدم هجن.
مون ۾ ويچاريو تہ راحت ناهہ ڪا، ويئر ڏکڙجي درد مون ڪان جا بجا.
هاءِ جن ڪان رنج و غم مونکي رسيو، عيش ۽ آرام جن مون ڪان ڪسيو.
هڪ سڪل وڻ مان انهن ڪاٽي ڪپي، جنهن ڪي چلجڻ ۾ گهٽي زحمت رسي.
اڳهر سا چيري ڪيائون چاڪ چاڪ، پوءِ وري وبهي ڳنڍيائون ڦاڪ ڦاڪ.
پيٺ ڦاڙيائونس ٿي سالم صفا، غير ڪان ٿي وئي سندس رڳ رڳ رها.

سل ڪڏهن سهخون هنيائون ان ۾ ڪوڙ ، قرب سان قابو ڪيائون جوڙ جوڙ .
ان جي رڳ رڳ جي مٿان ميخون هڻي ، رنج و غم وارو قدم وڌنا ڪٿي .
هڪ ٻه ڇا ان کي مليون سؤ زندگيون ، حال چاٽن ٿيون دليون عشاق جون .
ان جي خالي پيٽ اندر پيو شراب ، ويجهڙي ٿي يار وٽ ڪائي عذاب .
ان ۾ اوتي عشق واري مٺي گهٽي ، منهنجي خاطر جاءِ جوڙ يائون ڪٿي .
منهنجي غم سان هن جو غم همراز هو ، ٻن دلين جي درد جو آغاز ٿيو .
هاءِ هن کان اڳ ڪادم غم هزار ، مون تي هر ڪنهن ڪئي ٿي هئي بار بار .
پوءِ هڪ غمناڪ سان گڏجي رهيس ، درد جي درياهہ ۾ داخل ٿيس .
هم وطن ٻئجي ٿياسون هم ڪنار ، پاڻ ۾ گڏجي رهياسون رازدار .
منهنجي هن جي دوستي ٿي وڌي گهٽي ، مان ٿيس مجنون ته هوءَ ليليٰ ٻڻي .
مان ۽ هو گڏجي رهيون سين آس پاس ، ٻئي نه ميلي ۽ وڇوڙي جي شناس .
منهنجو توڙي هن جو نالو ڪم ٿيو ، مان ڪٿي ۽ هو ڪٿي هر ڪو ويو .
ٻئي گڏيون سين پاڻ ۾ آرام ويو ، ڪاٺ ۽ فولاد وارو نام ويو .
هر ڪو طنبوري جو نالو ٿو وٺي ، ٻن منجهان هڪ ، هڪ منجهان ٿو هل ٿئي .
اڳ هو پاتو پوءِ پولينڊڙ ٿيو ، هر ڪو عاشق ٿيو سندس آواز جو .
گڏ رهياسون غمزده ٻئي عمگسار ، پاڻ ۾ هڪ ٿي وياسون آشڪار .
هو ڪٿي هئي ۽ ڪٿي منهنجو مڪان ، مان جبل جي پاڙ مان هوءَ جهنگ مان .
مان ۽ هوءَ آيو نسين ڪهڙيءَ جاءِ تان ، هت پتو ناهي پڇيون آهيون ڪٿان .
پاڻ ۾ الفت رکيسون دم بدم ، نينهن جي ناتي ڪيو پنهنجو هي ڪم .
ٻن منجهان هڪ تن ٿيو ويراڳ ۾ ، وحده واحد ٿو ٻولي راڳ ۾ .
ڇا خبر آواز هي آيو ڪٿان ، مون وٽان آهي يا ان ڪائي وٽان ؟
ڀو پتو آخر ته ان ۾ راز آهہ ، منهنجو يا ڪائيءَ جو هي آواز ناهہ .
منهنجو ناهي يار جو آواز آهہ ، هو وڃائي ٿو هي سڪٿو ساز آهہ .
يار جي هٿ ۾ اچان ٿي بار بار ، سؤ صدائون ٿي ڪيان اي آشڪار ."
تار طنبوري جي بخشيو هي فراق ، دل ۾ يارن لئي وڌي ويو اشتياق .
سچ ته مون سان تار اهڙي ڪار ڪئي ، ڪفر ۽ اسلام جي سڌ سار وئي .

تار جو اهڙو اثر ٿيو مون مٿان ، جيڪو پڌندو دل وڃائيندو هتان .
جان و تن ڳاري ڪيائين دل ڪباب ، تار آندو شوق وارو اک ۾ آب .
تار ڪان دل ۾ سوين موجون چڙهيون ، سر تي سورن جون سوين فوجون چڙهيون .
تار سان دل ميڻ وانگر نرم ٿي ، جان و تن ويا سوز ۾ سرگرم ٿي .
تار دل کي ميڻ جيئن ماري ڇڏيو ، جسم توڙي جان کي ڳاري ڇڏيو .
تار چانديءَ مثل دل ڪئي پاڪ صاف ، روز شب پئي ٿي ڪري پنهنجو طواف .
تار سان غم جون سوين موجون چڙهيون ، دل تي غمزن جون سوين فوجون چڙهيون .
ديگ دل واري تپائي تار وئي ، عقل و دانش کي گهٽائي تار وئي .
تار منهنجي تن جي قاتل ٿي پئي ، ان جي دانهن تي چري دل ٿي پئي .
تار آندو مون تي بي حاليءَ جو حال ، بعضي ليليٰ بعضي مجنون جي مثال .
ڪل نئي پئي ڪنهن جو هي آواز آ ، ڪجھ ته سوچ ۽ سمجھ، ڪهڙو راز آ .
مست و بيخود ٿي بنائي هيءَ صدا ، هوڏ هستي ٿي هٽائي هيءَ صدا .
هيءَ صدا ڪيئن ٿي ڪري بي اختيار ، هن اکين مان ٿا وهن ڳوڙهن جا نار .
هن صدا ۾ سوز سازو سور آ ، سربسر منصور جو مذڪور آ .
عارفن لئي هيءَ صدا بهتر بٽي ، جيڪي سوريءَ تي وڃن ٿا سر ڪٽي .
هيءَ صدا سوريءَ چڙهائي ٿي ڇڏي ، دم انالحق جو هٽائي ٿي ڇڏي .
هيءَ صدا ڳالهيون ڪري ٿي عشق جون ، عاشقن تي جي اچن ٿيون آفتون .
تار جي رڙ جوش ۽ جولان ڏنو ، هن اکين ۾ موجزن طوفان ڏنو .
تار جي رڙ درد لائي ٿي ڇڏي ، در بدر ناچو بٽائي ٿي ڇڏي .
تار جي هي رڙ رسائي ٿي اتي ، جسم سان گڏ جان ٿئي ٿي گم جتي .
تار جي رڙ ڪان مليا غم بيشمار ، رنج ڪائي گنج ورتم بار بار .
تار جي رڙ ڪان ملن ٿا غم هزار ، رمز چائيندڙ ٿي ٿيندو راز دار .
تار جي رڙ سان هليو آرام ويو ، ڪفر ويو ۽ دين ويو، اسلام ويو .
تار جي رڙ آه دردن جي دوا ، ڪنهن يگاني کي ٿي پوندي ڪل اها .
تار جي رڙ سان ٿو اوريان پنهنجو حال ، زهر غم جو ٿو پيان شربت مثال .
تار جي رڙ ڪان عطا ٿي بيخودي ، هي، خودي گم ٿي ته آئي هو خودي .

جو خودي کان مرد زنده ٿو رهي،
تار ڇڻي ٿي مون ته ڪجھ ناهي ڏلو،
هي وڄائيندڙ جي هٿ جي آهه ڪار،
جڻ وڄائيندڙ ڇوي ٿو مونکي ڇڻو،
ڪير آهي جيڪو دانهون ٿو ڪري،
ڪو پتو ناهي اچي ٿي رڙ ڪٿان،
هن سبب مونکي تعجب ۾ وڌو،
مان هجان جيڪر ته پٺي کي پڻ ڏسان،
جڻ مٿي تي هٿ رکي ٿو منهنجو يار،
جيستائين يار جو هٿ هو پري،
ڪي ڏهاڙا توڙي ڪوري ۾ رهيس،
حرف مون کان ڪين نڪتو هاءِ هاءِ،
وصل ۾ افسوس ايڏو اشتياق،
وصل سان ٿئي ٿو وڇوڙو ڪيئن ڪٿو،
هجر ۾ آواز هرگز ڪين هو،
پوءِ ڇا لئي وصل ۾ چيخ و پڪار،
مٿي جي منشا ۾ لڪل آهي نشو،
پير پنهنجي کان پڇيم آخر خبر،
"وصل ۾ ڇا لئي وڇوڙي جي پڪار،
وصل پڄجي ويو وڇوڙو ڇا سبب،
پاڻ فرمايائون "ظاهر ڇا ڪجهو،
غور ڪر خاموش ٿي مون ڏي نهار،
تار سان آواز ڪافي ٿو اچي،
جسم طنبورو ته تار آهي زبان،
قلب طنبورو ٿيو ۽ تار جان،
تار جي ساري حقيقت ٿي تمام،

توڙي پندو آهه شاهي ٿو ڪري.
ڪو پتو ناهي انهي آواز جو.
يار کي پيغام ڏئي ٿو پاڻ يار.
تڻ چوان ٿي مان چڱو توڙي مٺو.
هجر ۽ غم کان جو آهون ٿو ڪري.
مونکي حيرت ٿي اچي مان ڇا چوان.
منهنجو ڪو آهي وڄائيندڙ پڇو.
جيڪو ڳائي ٿو اهو آهي نه مان.
سؤ صدائون ٿي وڃن ٿيون آشڪار.
رڙ نٿي نڪتي رهيس ٿي چپ ڪري.
پڙڪ پولڻ کانسوا ان ۾ جليس
دم ڪٿڻ جي ڪين هئي مون لاءِ جاءِ.
حيرت آهي ڪيئن ته آئي ٿو فراق.
حيرت آهي درد هي ڪهڙو ٿيو.
ڪو ادب ۽ ناز هرگز ڪين هو.
درد جون دانهون ٿين ٿيون بيشمار.
ان جو آواز آهي ناهي ساز جو.
جيڪو ڪولي ٿو پڌائي دل جو در:
جا ٻٽائي ٿي ڇڏي بي اختيار؟
ڇو وڇوڙو ٿيو وصال آهي عجب؟"
تون نه آهين آهي هو ڄاڻين نٿو.
دل جي ڪن سان ڳالهه پڌري آشڪار.
پر نٿو سيڪو سڃاڻي راز کي.
ٿي ڪري اسرار مولا جا عيان.
آهي ڪاريگر جي آگر جو بيان"
مات ۾ آئي زبان بس والسلام.

راز نامو

مون هيٺ پنهنجا غزل پورا ڪيا، دل ۾ ليڪن راز ڪجهه رهجي ويا.
تنهنڪري هڪ مثنوي پيهر لکان، جنهن کي پوئين وقت ۾ ظاهر ڪيان.
حڪم آن جي سان لکان تازو ڪتاب، راز رمزن سان ڀريل خاصو ڪتاب.
عزم ناهي منهنجو آهي يار جو، تنهنڪري معنيٰ جو دروازو کليو.
هي ڪتاب آخر زماني ۾ لکيم، پنهنجي مخفي راز کي ظاهر ڪيم.
حال وارو ڪو ڏسي منهنجو ڪتاب، جو ڀئي توحيد جو خاصو شراب.
هن رسالي جي خبر ڇا خام کي، علم عارف کان سوا ڇا عام کي.
حڪم ٿيو مان راز نامي کي لکان، پنهنجي پوئين وقت ۾ ڪجهه ڪم ڪيان.
جو پڙهي سو هٽ ڪٿي اسلام تان، دور ٿئي هر مذهب ۽ ايمان کان.
راز رحماني هتي ظاهر ڪري، هي "سچو" خود کي "خدائي" تو سڏي.
حال واري ڪانسوا منهنجو ڪتاب، جو ٻه پڙهندو سو وڃائيندو رباب.
هن رسالي کي سڃاڻ ڇاڻي خدا، ڪير پڙهندو حال واري ڪانسوا.
هر ڪو اهڙو راز مخفي ٿو رکي، شابس آهي ان کي جو ظاهر ڪري.
عشق سان ٿمتار آهي هي ڪتاب، ڏس منجهس معنيٰ جا موتي بي حساب.
جيڪو واقف ٿيندو منهنجي حال کان، حال کان بيحال ٿيندو بي گمان.
غير واقف ٿي نه پڙهه منهنجو ڪتاب، پر پڙهڻ سان راز حاصل ڪر شتاب.

ڪير اهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

راز رمزن سان ڀريان ٿو هي ڪتاب، ڪڻن ڪڍان ٿو دل جي شيشي سان شراب.
ڪشن نه قدرت سان خدا آهي ڪريم، حي ۽ قيوم، رحمان ۽ رحيم.

پاڻ مولا آهي قادر ڪار ساز، شاهه مالڪ ملڪ جو ۽ بي نياز.
تون زبان سان اڳ بسم الله ڪر، پوءِ محمد شاهه جي ساراهه ڪر.
جنهن خدا مان ڏيو عيان نام - رسول، تنهن رسالت ۾ اچي سو پيو قبول.
ويس بدلائي سڪندر ٿيو سفير، پاڻ نوشاهه آڳيان آيو امير.
خود چيائين، "موڪليو مونکي امير، مان سڪندر شاهه جو آهيان سفير".
نيٺ نوشاهه سڃاتو شاهه کي، با ادب بيهي رهي ان جاءِ تي
خود چيائين، "تنهنجي ٻانهي مان ٿيان، روز و شب تو شاهه جي خدمت ڪيان
جو تو پردي ۾ ڇپائين پاڻ کي، جو تو رنجن ۾ رهائين پاڻ کي".
درحقيقت پاڪ مرسل ۽ خدا، جيڪڏهن چاڻين ته ٻئي آهن ڪٺا.
ناهي احمد ۽ احد ۾ ڪوئي فرق، ميم آهي عشق جي مستي ۾ غرق.
جيڪي پيدا ٿيا زمين و آسمان، يا منجهن سج چنڊ آهن نور سان.
آهي سيني ۾ سدا حق جو حضور، ظاهر و باطن انهيءَ جو آهي نور.
آهي موجودات ۾ مولا جي ذات، جو ڏسين ٿو آهي سا ان جي صفات.
هر وکي ۾ هو رهي موجود ٿو، پڻ ڪڏهن پهري، ڪڏهن ويڙهي ڪٿو.
مختلف رنگن جو هڪ خيمو هٽي، شاهه و ٻنو آهي ماري ... چانوٽي.
اندران سٺو حڪم جاري ٿو ڪري، گاهه قادر، گاهه زاري ٿو ڪري.
هڪ چٺو ڏس سٺو تماشا ٿو ڪري، پاڻ ٿو نعرو اناالحق جو هڻي.
آهي بيرنگي هميشه رنگ ۾، پاڻ آهي صلح ۾ ۽ جنگ ۾.
هو ڪڏهن فرعون يا موسيٰ ٿيو، هو ڪڏهن مريم، ڪڏهن عيسيٰ ٿيو.
پاڻ ئي دنيا تي شاهي ٿو ڪري، پاڻ ئي خود کي سپاهي ٿو ڪري.
خود سمع آهي سدائين خود بصير، خود عليم آهي ڪليم آهي قدير.
درد سان پوندي سموري هي خبر، درد ڌاران بي خبر آهي بشر.
عشق وٽ ڇڏ پاڻ پيريءَ جي پچر، درد ريءَ آهي اجايو شور و شر.
عشق ۾ اچ دين ۽ اسلام ڇڏ، عشق ۾ اچ پنهنجو ننگ ۽ نام ڇڏ.
عشق ۾ اچ سڀ وساري ڇڏ سبق، تو مٿان روشن ٿي ويندا نوطبق.
عشق ۾ اچ ڇڏ مسائل جي پچر، جو ٿو ويڳاڻو وتين پچ بي خبر.

عشق ۾ اچ ڇڏ حڪايت جو حصو، ڪرڻ دارا ۽ سڪندر جو قصو.
پاڻ کي ڇڏ ڪر اميري عشق جي، آهي شاهي ڇا وزيري عشق جي.
عشق آهي ذات حق جي سربسر، درد ڌاران ڪين پوندي هي خبر.
عشق وٺ ۽ ترڪ ڪر تدبير کي، جان ودل سان ڏس انهيءَ تاثير کي.
عشق وٺ ڇڏ پاڻ پيريءَ جي پچر، رند ۽ سرمست ٿي رهه بي خطر.
عشق ۾ اچ ڇڏ گناهه ۽ ڇڏ ثواب، تنهنجي دل ڪاري ڪندا تنهنجا حجاب.
عشق جو شهباز جنهن کي ٿو ولي، نيڪ و بد کان ان کي واري ٿو ڇڏي.
دور آهي عشق جي منزل ڪٿن، ڪيترائي بحر وچ تي ٿا وهن.
عشق جي منزل پسائي لامڪان، عشق واري کان پري سود وزيان.
عشق جي سنئين راهه ۾ طالب ٿي شاد، آهي بي هر راهه ۾ مڪر و فساد.
دوجهان ۾ عشق شاهي ٿو ڪري، لامڪان تائين رسائي ٿو ڇڏي.
درد آڏو عقل جي کهڙي مجال، درد وارو مرد آهي باڪمال.
مرد بڻجي درد سان ٿي همڪنار، عشق وارو ٿي وظيفن کي وسار.
عشق وٺ اي يار اهل درد ٿي، جي پڇين مونکان ته ڪامل مرد ٿي.
عشق وٺ ۽ پنهنجي هستي کي وسار، يار جي رستي ۾ جان ۽ تن کي گهار.
عشق وارو بحر آهي بي ڪنار، دل کي لهرين ۾ ٿو لوڙهي بار بار.
عشق جو هي بحر آهي موجزن، ان جي موجن جو شمار آهي ڪٿن.
عشق آهي حق جو رستو بي گمان، "لي مع الله" آهي مرسل جو بيان.
عشق سبحاني جي خاصي قيل و قال، عشق ۾ چوغو جنيدي حق جو حال.
عشق ظاهر ڪئي انا احمد جي حد، ميم جو پردو هٽائي ٿيو احد.
لوڪشف جي گفتگو ڪئي مرتضيٰ، عشق جون رمزون ٿيون انکان عطا.
اول ۽ آخر اهو موجود آهه، باطن ۽ ظاهر اهو موجود آهه.
هيءَ حقيقت عشق جي آهي ڪري، سر ڏئي حاصل ڪري وٺ سروري.
ڪر مصلي کي ۽ چوغي کي تباهه، پهلوان ٿي ڪوٽ هستي جي کي ڊاهه.
خود پرستي ۾ برابر بند ٿيئن، ڪفر جو ڀاتي جٿيو خورسند ٿيئن.
خاص مردن جو يقين آهي اهو، ڪفر توڙي دين کي ڪن ٿا قٿو.

سڀ ڪي ناهي عشق جي رستي جي ڄاڻ، جيڪو عاشق آهي سو ڄاڻي ٿو پاڻ.
عشق جو مهراڻ آهي موجزن، جنهن ۾ ڪارونيار ڪن ڪڙڪا ٿا ڪن.
جي وڃي مسجد ۾ ڇپن يا خانقاهه، عشق ريءَ حاصل نه ٿيندي حق جي راهه.
درد دل سان پڙهه ڪلام ۽ ڪرڻ لڳ، جيڪڏهن بيدرد آهين تون ته ڀڄ.
جيڪڏهن ڪجهه درد آهي تو ۾ يار، ڪن ملائڪ تو مٿان موتي نثار.
پاڻ سان جي درد کي شامل ڪرين، من گهر ٿي محبوب سان محفل ڪرين.
عشق جي دوجڳ ۾ آهي سروري، عشق سان حاصل ٿئي ٿي برتري.
عشق هر ڪنهن کان رهي ٿو بي نياز، مان ڏسيان ٿو توکي پنهنجي دل جو راز.
انت ناهي عشق جو ڪنهن کي ادا، ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.
عشق جي نااهل کي ڪهڙي خبر، ان کي عارف ٿا سڃاڻن سربسر.
بي دليا ڇا عشق جي غم سان رهن، عشق وارا سر مٿس قربان ڪن.
هو ڪٿي وحدت جي دريا ۾ لهي، "مان ۽ تون" کان جلد وٺ آزاد گي.
جي اڃايو "مان ۽ تون" ۾ ٿڙڪندين، عشق جي رمزن کي حاصل ڇا ڪندين.
سئو ڪتابن جا ڀنا ڇو ٿو پڙهين، علم منطق ۾ اڃايو ٿو ڪڙهين.
ڇو رهين ٿو مست مڪتوبات ۾، پاڻ کي ڇو ٿو وجهين آفات ۾.
عشق جي ڪانهي ڪتابن ۾ هوا، آهي ان جي عشق جو رستو جدا.
هر ڪتابي بحث کي تون باهه ڏي، عشق ڀڄائيندو تو وٽ يار کي.
پيٽ وارو علم شيطاني ٿيو، علم منطق جو پريشاني ٿيو.
ظاهري علم آهي سارو قيل و قال، جنهن ۾ حاصل ڪين ٿيندو حق جو حال.
ظاهري علم آهي يوناني سڄڻ، ڇو پڙهين ٿو جنهن ۾ ناهي ڪو لڄڻ.
عاشقيءَ جو علم پڙهه ڪر عاشقي، پيو سمورو علم آهي فاسقي.
عاشقي جو علم پڇ تون سربسر، پر نه پڇ مونکان ڪو منطق جو اکر.
جٿن هتان آيس هلي هن جاءِ تي، جيڪي آندم سو وڃايان ٿو ڪٿي.
پاڻ مولا عشق جو تحفو ڏنو، عاشقي جو علم سيني ۾ وڌو.
علم ظاهر جي ذري ظاهر نه ٿي، هجر واري باهه ساڙيندي رهي.

٦١

عاشقي جو علم آندو هت سچو، جو ٻچو باقي سو شيطاني ٿيو.

علم ظاهر آهي بي حاصل سچو، عاشق آهين تون تہ ڪر تہ جهہ حوصلو.

پاڻ چئين ٿو عالم آهيان بي مثال، علم ظاهر سان نہ هٿ ايندءِ ڪمال،

علم جون ڊاڙون هڻين ٿو بي حساب، قاف تائين ناهي جن تنهنجو جواب.

هي سمورو علم يوناني ٿيو، سربسر هي علم شيطاني ٿيو،

علم يوناني سچو مڪر ۽ فساد، عاشقي جي علم ۾ ڪر اجتهاد.

علم اهڙي کان اسان پاسو ڪيو، گرچہ سارو بوعلي سينا لکيو.

عاشقيءَ جو علم آندو مصطفيٰ، پر ڪيو ظاهر زبان مرتضيٰ.

مڪتب آهي علم يوناني جي جاءِ، ڇڏ انهيءَ کي وسوسا پنهنجا وڃاءِ.

علم ظاهر ۾ رڳو جهيڙو جهڳڙو، علم عشاقيءَ ۾ ناهي ڪو اَڏو.

فلسفو جادو طبابت يا رمل، آهي هر ڪو علم شيطاني عمل.

عشق تيزيءَ سان اچي ٿو اوچتو، علم ان کان ٿو ڀڄي، ترسي نٿو.

عاشقي جو علم ڇاتو صادقن، پيو سڃاتو عاشقن ۽ طالبن.

عشق ان جي ڪانسواءِ سڀ ڪجهہ خراب، فهم رک و الله اعلم با الصواب !.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،

پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ناهي فردوسي، نظاميءَ جو جواب، در يگانو آهي منهنجو هي ڪتاب.

هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا، معرفت وارا ٿا سمجهن ماجرا.

ڪين آهي هي مسائل جو ڪتاب، منهنجي مرشد جي اکيان ٿيو مستجاب.

درد دل جي سان لکيم هيءَ ماجرا، خود قلم کي حڪم فرمايو خدا.

راز نامو آهي منهنجو هي ڪتاب، جو بہ پڙهندو سوئي ٿيندو ڪامياب.

عشق جي غم جو منجهس آهي بيان، جو زبان مان ناهي آهي دل منجهان.

تون خيال آهين وٺي ڇڏ هي خيال، جئن پئين توحيد جي مئي بي مثال.

عاشقن هن راهہ ۾ ماريو مٿو، ڪين سوچيائون ڪتابي مسئلو.

پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ گم ڪري، شاهہ شاهن جو ڪري ڇڏ پاڻ کي.

مرد ٻئجي اچ انهيءَ ميدان ۾، "مان ۽ تون" کي ڇڏ انهيءَ چوگان ۾.

مرحوم ميرزا علي قلي بيگ
جو سنڌس "رسالو
سچل سائين"

مرحوم آغا صوفي
شڪارپوري جو سنڌس
"سچل سرمست"

باب ٻيو

سچل سرمست جو اصل نسل

"عمر عادل" (Umar the Just).

محمد مصطفيٰ (سنڌ)

سرڳواسي نمائو فقير
جو سنڌس "سچل
جو ڪلام - عرف
عاشقي الهام"

تڙ تڪڙ ۾ پاڻ کان بيزار ٿي، عشق ۾ رمزن جو واقفڪار ٿي.
پاڻ ۾ هوندين ته حق هوند ٿي جدا، پاڻ کان ويندين ته ڳڏ ٿيند ٿي خدا.
دور دوئي کي ڪري دلدار ٿيءُ، هڪ رهي اي يار تون سردار ٿيءُ.
ڪنهن کي ڳوليندو وتين تو سچ ٻڌاءِ، در بدر ڊوڙين ڇ ڪين تو ڪنهن جي لاءِ.
تو ٻگاڙي پنهنجي حالت پاڻ آهه، تو کي دوئي جي سڄي ڇڪتاڻ آهه.
جيڪڏهن پنهنجي حقيقت ڄاڻندين، غير کان هر حال ۾ پاسو ڪندين.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ تو رهان.

اي سڄڻ، تون عشق واري شمع ٻار، ڪم ڪري وٺ اڄ، سياڻي کي وسار.
مڃ اها منهنجي نصيحت اي ادا، پاڻ کان ٻاهر هجڻ جي گهر دعا.
وٺ سڌو رستو ٻري رهه پاڻ کان، ورنه گمراهي ۾ ايندين بي گمان.
ڪم نه ڪر رستو اهو توحيد جو، هڪ رهي حق ساڻ هل ڪر غم نه ڪو.
هَل هليو طالب متان ويهي رهين، جيستائين راز سڀ حاصل ڪرين.
تون حباب آهين، حباب آهين، حباب، پاڻ ماري بحر ٻڄجي وڃ شتاب.
بحر جو نالو پيو پاڻيءَ متان، ان منجهان نهرن جا نالا ٿيا نوان.
موج ڪاڏي بحر سٿو لهرون ٿيون، مي وري ساڳيون منجهس گم ٿي ويون.
اول ۽ آخر اهو موجود آهه، باطن ۽ ظاهر اهو موجود آهه.
پاڻ کي توحيد جي رستي ۾ ڳار، پنهنجي هستي ٿوڙ "مان، مان" کي وسار.
تنهنجي "مان، مان" آهي ابليسي عمل، ناهي ابليسي عمل جو نيڪ ڦل.
ڄاڻ دوئيءَ کي وڏي ڪافر جو ڪم، هن طريقي سان هنيو شيطان دم.
ڄاڻ هردم پاڻ کي حق سان ڪٺو، حق جو تو سان تنهنجو حق سان واسطو.
غير حق ناحق ٿو سمجهين پاڻ کي، ٻاهه ۾ وجهه هر ڪتابي ڄاڻ کي.
هن جو تو تي تنهنجو هن تي ٿيو مدار، واٽ وٺ "مان، مان" جي وائي کي وسار.
آهي "مان، مان" جو اهو پردو وڏو، سچ پڇين مون کان ته سڀ آهي ڦڏو.
جسم توڙي جان ۽ دل سڀ يار آهه، وچ ۾ ناهي غير سڀ دلدار آهه.

هي سچو ڪثراڳ ڇڏ موران مٽي، — پاڻ کان ڪر هي پريشاني پري.
هن پريشانيءَ کي ٽاري ڇڏ صفا، — پنهنجي هستيءَ کي وساري ڇڏ صفا.
دهي نشاني آهي شيطاني قدم، — بيخودي ۾ آهي رحماني قدم.
رواهه رحماني ۾ آهي بيخودي، — بيخودي ۾ تون ٻـ سڀ ڪجھ، پاڻ ٿي.
پاڻ حق ٿي مار سبحاني جو دم، — آهي سبحاني ۾ سلطانيءَ جو دم.
هت هميشه آهي حيرت ۾ رهڻ، — هڪ هجڻ، دوئي ڇڏڻ، يڪتا ٿيڻ.
جاڻ هر دم هڪ هميشه هڪ سڃاڻ، — هن عقيدي ۾ نہ ڪوئي وهم آڻ.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

مصطفيٰ جي راهه وٺ دل صاف ڪر، — غير کان بيزار ٿي اچ بي خطر.
مصطفيٰ کان ٿي هدايت جي سخا، — مرتضيٰ کان ٿي عنايت جي عطا.
مصطفيٰ ٿيو انبيا جو پيشوا، — مرتضيٰ ٿيو اوليا جو رهنما.
مچ يگانن ۾ يگانو مصطفيٰ، — ان جي رمزن جو خزانو مرتضيٰ ع.
سمجهندو رهه هڪ علي توڙي نبي، — ڪر نہ احمد ۽ احمد ۾ ڪا وٿي.
هيڪڙائيءَ سان رهيا اصحاب خاص، — دور دوئيءَ کان رهيا احباب خاص.
هڪ نہ سمجهڻ آهي بس بيگانگي، — هڪ هجڻ سان ٿي رهي مردانگي.
هڪ ڇٽي جا روپ آهن ڪيترا، — هڪ گهڙي بدلائي ٿو ڪيڏا وڳا.
هي سخن منهنجو نہ هرگز تون وسار، — مرد بڻجي حوصلو مردن جو ڌار،
مرد ٿي ڏيکار موسيٰءَ جو مثال، — عشق جي رستي ۾ حاصل ڪر ڪمال.
عشق جي اسرار کان رهه باخبر، — عشق سان حاصل ڪندين حق جي نظر.
عشق در کولي ڇڏيو اسرار جو، — عشق سان هر راز پڌرو ٿي پيو.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

ڏس پڙهي تون حرف هڪڙو جسم جو، — جنهن ۾ خاڪو آهي حق جي اسم جو.
جيڪڏهن سمجهين تہ سڀ ڪجهه اسم آهه، — درحقيقت اسم جمله جسم آهه.

اسم ڏاران جسم آهي ڪجهه به ڪين،
پاڻ حاصل ڪر اهو پورو يقين

حرف جي معنيٰ کي حاصل ڪر سگهو،
عاشقن آڏو جي مائين مرتبو.

جو ڏسي. تو آهي ٻوليندڙ اهو،
جو ٻڌي تو آهي ڄاڻيندڙ اهو.

حرف جي معنيٰ انهيءَ جي ذات آهه،
پاڪ وصفن جي منجهس اثبات آهه.

ڏس اکين آڏو سڀئي اسرار-حق،
هر ذرو پيو ٿو ڪري اظهار-حق.

هر طرح سان يار چالا ٿو ڪري،
ڪيترا دلدار گفتا ٿو ڪري.

هر زبان تي آهي انجي گفتگو،
جا بجا دلبر جي آهي جستجو.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

جسم توڙي جان و دل دلدار آهه،
هر طرح سان هوش وارو يار آهه.

ماهه ماهي عشق واري بحر ۾،
پئي جهان لوڙهي ڇڏيا جنهن لهر ۾.

عشق واري بحر ۾ ماري ٽٻي،
وڃ هميشه لاءِ هستيءَ کان ڇٽي،

پاڻ ڦوٽو آهي پاڻي بي گمان،
جو وڏائي ٿو ڪري پاڻيءَ مٿان.

پيو ڦسي ڦوٽو ته ازخود آب ٿيو،
موج ٿيو درياهه ٿيو گرداب ٿيو.

نام ٿيو درياهه سڀني جو ٻيڪو،
ان ۾ آهي بي گمان مطلب اهو.

ڪيتريون چيزون ڪيون پيدا ڪمند،
جا بجا ڏس ڳڙ مٺائي کنڊ قند.

ڪڻ ٿيو داڻي منجهان پيدا شجر،
جنهن ڪڍيا پن ڏار ٽاريون ۽ ثمر.

ڏس ڪٿي مان وڻ سندس وحدت ڪيو،
ڪڻ سمورو ڪم اهو قدرت ڪيو.

ميڻ مان ٺاهن ٿا ماڻهو مورتون،
اٺ ڳئون گهوڙي گڏهه هاٿي سنديون.

جي ملائي ميڻ پيهر مهٽبي،
مورتون ويندون سموريون ميٽجي.

ٺاهجن ٿا سون مان زيور هزار،
مختلف جن جا نمونا بي شمار.

هن مٽيءَ مان ٺانوَ ڪيئي ٿا ٺهن،
ڪنهن کي ڪونرو ڪنهن کي لوٽو ٿا چون.

ٻج ٻٽائي ڪجهه ڪٿا ٿا پوکجن،
برگ و گل سرسبز ٿنجي ٿا ڦٽن.

مون ٻڌايو صاف گدري جو بيان،
آهي ان هڪڙي جو سارو داستان.

ڏس ته ڪڪڙي سان ٿي نڪري ڪئن ڪپاه،
رنگ ڪپڙا ٿو ڪڍي سبز ۽ سياه.

کوٽ چوغو ھوتڙو دستار ڏس، ٽوپ چولو يا اڳٿ سلوار ڏس.
ناھ ڪپڙي جي نمونن جو شمار، جن سڀن جو آھي ڪڪڙي تي مدار.
ھي سمورا چاڻ وحدت جا مثال، وحدت ۽ ڪثرت جو ھڪڙو آھي حال.
اصل ۾ وحدت منجھان ڪثرت بڻي، سربسر ڪثرت وري وحدت بڻي.
پاڻ تي پنھنجي نظر تون پاڻ ڪر، ڪين ڪجھ الله ريءَ ايندئي نظر.
مون ٻڌايو آھي وحدت جو بيان، آھي وحدت ۾ ئي ڪثرت جو بيان.

ڪير آھيان ڪير آھيان ڪير مان،
پاڻ جا آھيان عجب ۾ ٿو رھان.

ھيئن جيئو ڪافور ھيڪر فخر سان، مان ھوا ڪي ٿو وڃي قابو ڪيان.
جئن اٿيو تئن پاڻ ٻجي ويو ھوا، پنھنجي ھستيءَ ڪان ھميشه ٿيو جدا.
ڏاڙ ھنئي پاڇي ته سچ جي روشني، سيگھ ۾ آئي ڪيان ٿو ھٿ ڪٽي.
پاڻ ليڪن روشنيءَ ۾ ٿيو فنا، پنھنجي ھستيءَ ڪان ھميشه ٿيو جدا.
مرد ھڪڙي ڪي مليو ماڻھو عجيب، جنھن چيس، ”اي يار اچ منھنجي قريب.
ڏي ڏيو پاري ته ٻڄان ڪامياب، جئن ڏسان ٻنھنجي اکين سان آفتاب“.
ھن چيس، ”درويش ديوانو نه ٿيءُ، بي خبر بي ھوش بيگانو نه ٿيءُ.
ڪير آھي جو ڏئي سان سچ ڏسي، سچ فقط سچ سان ئي ڏسجي ٿو سگھي.
ڪنھن ڪي ھستي سان نه حق حاصل ٿيو، جنھن ڇڏي ھستي اھو واصل ٿيو.
پاڻ ڪان ويندين ته ٻڌبين پاڻ حق، تنھنڪري ھر حال ۾ تون ماڻ حق.
ياد ڪر مونڪان ٻڌي نڪتو اھو، رھ خدا جي راھ ۾ صوفي سچو.
درد ھٿ ڪر درد آھي دلپزير، ورنه رسوائيءَ ۾ رھندين اي فقير“.
خود پرستن ڪي ملي ڪئن دڪ سڌو، ڪڏ ۾ گھليائون ڏڍو شيطان جو.
غار ۾ ديرو دمائيندا رھيا، خلق سان حيلا ھلائيندا رھيا.
جو ڪري ٿو خود پرستيءَ جي نگاھ، سو ٿئي ٿو سخت رسوا ۽ تباھ.
خود پرستيءَ جا اطيفا دور ڪر، ڇڏ خودي اچ بي خودي ۾ سربسر.
آھي ذڪر ۽ فڪر وارن جو ڪمال، جي ھميشه ٿا رکن دم جي سنڀال.

عشق وارن عارفن جي راھ ڏس، دم سنڀالڻ سان انهن جو چاھ ڏس.
درحقيقت دم سنڀالڻ دمبدم، طالبن ۽ صادقن جو آهي ڪم.
دم سنڀالڻ جو ڪندو رھ انتظام، پاڻ کان ڪم ٿي رهين جئن تون مدام.
دم سنڀالڻ سان ظاهر عشق ٿيو، دم زدن ۾ ڪوٽ هستيءَ جو ڀڳو.
عشق جو مهراڻ آهي موجزن، وٽ سڏو رستو پڌي منهنجو سخن.
ڪنهن مهل عاشق مقام - ذڪر ۾، ڪنهن مهل آهي مقام - فڪر ۾.
ڪنهن مهل هن وٽ مقامات - شهود، ڪنهن مهل هن وٽ مقامات - وجود.
جي سندس عظمت تجلي ٿي ڪري، ذڪر ان جو ڪين باقي ٿو بچي.
جي وري عزت تجلي ٿي ڪري، بس شهود ان دم نٿو آڏو رهي.
جي تجلي ڪبريائي ٿي ڪري، اس گهڙيءَ ۾ فڪر فاني ٿو ٿئي.
جي تجلي ٿي ڪري خود ذات پاڪ، ڪين باقي ٿي بچي هي ڪائنات.
"مان اوهان جو رب" ٿي ڀولايو خودي، "مان سراسر حق" چوايو بي خودي.
پاڻ کي فرعون سڀ جو رب سڏيو، پنهنجي هستي کان اهو نعرو هنيو.
دم "انا الحق" جو هنيو منصور شاھ، بيخودي ۾ پاڻ آيو بادشاھ.
هن خودي فرعون تي آندو عذاب، نفس جي خواهش ۾ ٿيو خوار ۽ خراب.
بيخودي منصور کي برتر ڪيو، دو جهان ۾ انجو عشق اظهر ڪيو.
ديناري ۾، برابر شاھ هو، قرب هو منصور تي الله جو.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

جيڪڏهن ڪو ٻار پيدا ٿو ٿئي، ڪيئن نہ دائي جي هٿن ۾ ٿو پلي.
دم سنڀالڻ آهي دائي جي مثال، جنهن منجهان حاصل ٿئي ٿو هر ڪمال.
فڪر وارو ٻار پلجي ٿو پوي، نوجوان هڪ ڏينهن بڻجي ٿو پوي.
پالنا ۾ ٿي ڪري دائي ڪمال، خود بلندي تي ٿي پهچائي خيال.
رهنمائي ٿي ڪري دم جي سنڀال، جو خدا ڏي ٿو وڃي ڪجي خيال.
هن طرح هي ٻار ڪامل ٿو ٿئي، ڪيس دائي جو نٿو اونو رهي.

بن ۾ آخر هيڪڙائي ٿي اچي، ڪم ڪري ٿي جان، دل ۽ جسم کي
سڀ وڃن ٿا يار باقي ٿو بچي، دم انا الحق جو دمادم ٿو لڳي.
هر طرح هر حال ۾ حق ٿو رهي، حق هڪالي ٿو ڇڏي هر غير کي.
راز وحدت جو کلي ٿو بي گمان، هن حقيقت جو گهڻو آهي بيان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چنڊ جي چانڊاڻ آهي جا بجا، پر اهو پاڻي ۾ ڏسجي ٿو صفا.
جي پوي ٿي عڪس تي پنهنجي نظر، هو بهو پاڻيءَ ۾ ڏسجي ٿو قمر.
آهي دل عارف جي پاڻيءَ جي مثال، جنهن ۾ ظاهر ٿئي ٿي ذات - ذوالجلال.
ڇڏ وساري علم تون دعوات جو، جو نه هن ۾ ناهي ڪو رستو سڌو.
ترڪ ڪر هي علم تسخيرات جو، پنهنجي همٿ سان ٽوڙ لالچ جو ٽڳو.
ڇڏ خدارا خلق ساري جي پچر، يار جي زلفن ۾ دل کي قيد ڪر.
يار سان رهه غير جي هر ڪار ڇڏ، غير سان هرگز نه رهندو يار گڏ.
ڪنهن جي همتي ناهي دلبر ڪانسوا، آهي دلبر جا بجا جلوه نما.
اي سڄڻ مولي جو طالب ٿي گذار، پنهنجي دل جا وهم سارا تون وسار.
تنهنجي چوڌاري ٿيا ماڻهو ڪئا، وهم شيخي جي ۾ آهين مبتلا.
اي سڄڻ تون وهم شيطاني نه ڪر، ڇڏ انهيءَ پيريءَ بزرگي جي پچر.
غير جي هر ڳالهه کان بيزار ٿيءُ، هيڪڙائي ۾ رهي هوشيار ٿيءُ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

اي سڄڻ وٺ جلد مسڪيني جي راهه، ٿي وڃين جيئن دو جهان جو بادشاهه.
راهه - مسڪيني خدا جي راهه ڄاڻ، ٿي فنا توحيد جي رستي ۾ پاڻ.
پاڻ ٿي مسڪين مڃ منهنجي صلاح، آهي مسڪيني جي ۾ فلاح.
جي هلڻ چاهين خدا جي راهه سان، من جو مطلب پاءِ مسڪيني منجهان.
راهه - مسڪيني نه آهي راهه - عام، ڄاڻ وارا ڄاڻندا ان جو مقام.

راهه مسڪيني ٿي وحدت سان گڏي، شاهه شاهن جو ٻڌائي ٿي ڇڏي.
وڃ خدا جي راهه مسڪيني منجهان، خودکي روشن‌ڪر انهيءَ خورشيد سان.
مصطفيٰ مسڪين ڪوٺيو پاڻ کي، ٻڌ سچي دل سان انهي اهڃاڻ کي.
پاڪ مرسل پاڻ کي مسڪين چئي، خود فقيرن کي هدايت ٿي ڪئي.
آهي مسڪينن جو اعليٰ مرتبو، جنهن ۾ آهي راز وحدت جو سچو.
هر طرح هر حال ۾ مسڪين ٿي، اچ خدا ڏي واٽ وحدت جي وٺي.
پاڻ مسڪيني جي منزل ماڻ تون، هڪ احد احمد کي هر دم ڄاڻ تون.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ تو رهان.

ڇڏ طلب جنت جي مولا کي سنڀال پنهنجي دل سان دور ڪر ديگر خيال.
جو رهين تون غير جي فڪرات ۾، پنهنجي دل کي چو وجهين آفات ۾.
خواب ٿو جنت جي حورن جو لهين، حسرتن جا داغ دل تي تون سهين.
جنت ۽ دوزخ جو خالي آهي نام، رند عاشق مست ٻنهي رهه مدام.
دوزخ آهي ڏار دلبر کان ٿيڻ، جنت آهي يار سان يڪجا هجڻ.
ڄاڻ پڌرو راهه جو دوزخ جي باهه، هن سخن تي ڪر حقيقت جي نگاهه.
جو ٿئو محبوب جو منهن هت ڏسي، سو هميشه هت به اندو تو رهي.
جو هتي هستي ٿئو مازي سکهي، سو هتي دوزخ ۾ داخل تو رهي.
رک يقيني طور هي خاصو خيال، دور ڪر وهم ۽ گمان وارو خيال.
عشق ريءَ آهن سڀئي ڪوڙا قصا، راز ڄاڻن ٿا هي ديوانا پڪا.
هي کهاڻيون ڪوڙ وارا ٿا ٻڌن، صدق وارا پاڻ پاسي ٿا رهن.
يار جو جلوو نٿا عامي پسن، عشق وارا ٿا اهو ديدار ڪن.
عشق جي رستي ۾ ڇا بزدل جو ڪم، معرفت وارا رکن ٿا هت قدم،
عشق جي دولت ڪيو دل کي غني، سون چانديءَ سان نہ سا آباد ٿي.
درد دلبر جو ولي ايثار ڪر، صدق دل سان يار جو ديدار ڪر.
عشق بيشڪ تو ٻڌائي با ڪمال، عشق سان وسري وڃي ٿي قيل و قال.

گفتگو سان ٿي وڃي ٿي دل سياه، عشق ڌاران ناهي ٻي ڪا حق جي راه.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

رهه يگانو معرفت رک، دل جي پاڻ، هن مٽيءَ مان دل جي رمزن کي سڃاڻ.
پاڻ کي جاڻي يگانو پڌ بيان، معرفت جو راز ظاهر ٿو ڪيان.
موجزن دريا ۾ ڪشتيءَ جو مثال، درحقيقت آهي هستي جو مثال.
واقعي احوال پنهنجي جي خبر، پنهنجي مرشد کان لڌي مون سر بسر.
چوطرف کان آهي بحر - بي ڪران، جنهن ۾ هڪ ڪشتي ڦري ٿي بي گمان.
پاڻ کي سمجهي ٿي ڪشتي ڪوه قاف، خود سري کان ٿي هٽي لاف و گزاف.
پر اها ڪشتي ٿي پاڻيءَ ۾ پڌي، بحر مان پيهر نٽي ٻاهر اچي.
بحر ۾ ٻيڙي وڃي ٿي غرق ٿي، ان منجهان موجون اٿن ٿيون هر گهڙي.
موجزن هڪ بحر بڻجي ٿو وڃي، جو ڪجهه آهي جهٽ ۾ هڪ ٿي ٿو وڃي.
آهي ڪشتي مثل هن هستي جو حال، ڪم ٿيئي سان ٿو اچي مستي جو حال.
پنهنجي هستي کي فنا ڪر پاڻ تون، ”مان ۽ تون“ ۾ هيڪڙائي آڻ تون.
حق چايو ”مان ۽ تون“ واري حجاب، ڪر هي پردو دور، وٺ راهه - صواب.
عشق آيو، جنهن اهو لاٿو حجاب، عشق آيو، جنهن بڻايو ڪامياب.
عشق آئي پنهنجي آتش ۾ وڌو، راز مخفي کي ڪٽي ظاهر ڪيو.
عشق پنهنجي راهه ڏيکاري ڇڏي، خود بخود حاصل ٿي دولت عشق جي.
درد دل جي ڳالهه پڌ وٺ نيڪ راهه، خود نمائيءَ سان مبادا ٿيئن تباهه.
هن خودي کان خود ڪيو بيزار عشق، دل بڻائي قابل - ديدار عشق.
عشق ميٽي ٿو ڇڏي باطل خيال، شير آڏو جانور جي چا مجال.
عشق جي ٻن شير وانگر آهي چال، جو هڪالي ٿو ڪڍي هر هڪ خيال.
جانور ان جهنگ کان رهندا پري، شير جنهن ۾ جاءِ پنهنجي ٿو ڪري.
حال جي هي ڳالهه آهي ڪر خيال، قال جو ناهي قصو ڇڏ قيل و قال.
جنهن جي دل ۾ عشق خيمو ٿيو هٽي، پنهنجي هستي تان اهو هٽ ٿو ڪٽي.

عشق ٻوڙها ٿو بڻائي نوجوان، ناتوانن کي ڪري ٿو پهلوان.
پنهنجي هستي کان ڇڏائي ٿو ڇڏي، بينوا حاڪم بڻائي ٿو ڇڏي.
سان ٻڌايان ٿو ته آهي عشق شاهه، عشق آڏو چاڻ هر هستي تباهه.
هن سخن کي شعر ڪوئي تون نه ڄاڻ، آيتن وانگر مڃس ايمان آڻ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

سر وڃي تنهنجو ته ڏي ۽ شاد ٿي، پنهنجي هستي کان، مگر آزاد ٿي.
راز ذات جو سراسر کول تون، هل سڌو حق ٻول ۽ حق ڳول تون.
عاشقن کي خاص آگاهي ملي، عالمن کي ڇا خبر اسرار جي.
آهي هي رستو سڌو ڪر اعتبار، هن حقيقت کي نه هرگز تون وسار.
آهي موليٰ جو قسم هي حق جي راهه، ويجهڙو آهي انهي رستي ۾ شا .
ڪين ملندي راهه ٻي هن کان سوا، هي سچو رستو ٻڌايو مصطفيٰ.
عشق پڌرو ٿو ملامت سان رهي، شان و شوڪت کان سدائين ٿو ڊهي.
ڪين رهندي عشق جي هستي لڪل، ڏس پڌرپٽ ۾ سندس خيمو لڳل.
ڪيئن پڌرپٽ ۾ اهو خيمو لڪي، جو سڄي دنيا ۾ ظاهر ٿو رهي.
عشق بيشڪ هڪ تماشاگاهه آهه، جنهن نه ڄاتو ان کي سو گمراهه آهه.
هر طرح ان ۾ ملامت ٿي رهي، ٻڌ سخن ۽ سمجهه ساري راز کي.
ڪين ڇڏ هرگز ملامت جي پچر، ڇو ته ٿيندين ان منجهان تون ٻهره ور.
ري ء ملامت عشق رهندو ڪٿ به ڪين، هن حقيقت ۾ بلاشڪ رک يقين.
عاشقن هر نيڪنامي ڪئي ڦٽي، تنهن ڪري ڪونين ۾ ويا ڪٽي.
تن جي آڏو ڪجهه به ناهن ٻئي جهان، هن حقيقت ۾ ڪندو ڪوڙو گمان.
تن جي آڏو آهي هي دم جو جهان، آهي سو دم جو جهان غم جو جهان.
عشق وارن لاء جڳ آهي فنا، ترڪ دنيا سان جي ماڻن ٿا بقا.
چاڻ حق جو نور سڀ ارض و سما، اڪ پٽي ڏس ان جي قدرت جا لقا.
آدمي جي روپ ۾ بي روپ يار، مصطفيٰ جي نام سان ٿيو آشڪار.

جنهن نہ ڄاتو ان کي سو گمراهہ ٿيو، ڄاڻ واري سان خدا همراهہ ٿيو.
”من رآني“، پاڻ فرمايو نبي، جنهن سڃاتو ان کي تنهن هستي ڇڏي.
پر فلڪ احمد احد ٿيو عرش تي، هت سڏايائين محمد فرش تي.
فرق احمد ۽ احد ۾ تون نہ ڪر، ڄاڻ ساڳيوئي محمد سربسر.
مصطفيٰ مخلوق جو سردار آهہ، ان جي قدمن ۾ سڄو سنسار آهہ.
مصطفيٰ جي راهہ حق جي راهہ آهہ، جنهن ڇڏي هي راهہ سو گمراهہ آهہ.
ٻن جهانن ۾ محمد نامدار، شاهہ اعظم آهي بيشڪ شهسوار.
خود ولي آيو احد احمد جو نام، ٻن جهانن جو ڪيائين اهتمام.
ڇا ٻڌايان حال ڪنهن بيدرد کي، ڇو تہ هي رستو وڃن ٿا مرد ڪي.
جي اچا آهين خودي سان محترم، رک نہ هڙ درياهہ ۾ پنهنجو قدم.
اچ عدم جي بحر ۾ ٿي بي مثال، پَسُ هميشه پنهنجي جانب جو جمال.
مون آتان پنهنجو ڪيو شوريده حال، بند ٿي منهنجي هميشه قيل قال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڄاڻ ٻن کي هڪ هميشه پاڪباز، جلد منهنجي گفتگو جو سمجهہ راز.
مرد مولا جا پيائي کي وسار، يار سان هڪ ٿي هميشه گڏ گذار.
هڪ نبوت جو اکر آندو هتي، هڪ ولايت جو وکر آندو هتي.
هڪ ٿي آيو انبيا جو رهنما، هڪ ٿي آيو اوليا جو پيشوا.
هي سمورو آهي هڪڙي جو بيان، سمجهہ واري وٽ نہ رهندو ڪو گمان.
هو ٿو ٻولي ناهي منهنجي گفتگو، ٻول هڪ ۽ ڳول هڪ اي راهرو!.
جو چوي ٿو يار سوئي ٿو چوان، حڪم جي تعميل ويٺو ٿو ڪيان.
گفتگو منهنجي سراسر راز آهہ، اصل ۾ ان يار جو آواز آهہ.
مان ڪٿي مونکي نہ معلومات آهہ، ظاهر و باطن خدا جي ذات آهہ.
بادشاهي پوش پهري ٿو ڪڏهن، گودڙيءَ ۾ لعل ٻجهي ٿو ڪڏهن.
پٽ ڪڏهن پهري ڪڏهن پائي ڪٿو، چپ ڪڏهن آهي ڪڏهن ماري مٿو.
آهي آدم خود حوا سان هو ڪڏهن، آهي بلقيس ۽ سليمان سان هو ڪڏهن.

هو ڪڏهن ڪريان ڪڏهن خندان رهي، هو ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن عمران رهي.
هو ڪڏهن خاص و صحابي ۽ رسول، هو ڪڏهن ٻنهي جو اولاد ـ بتول.
هو ڪڏهن آهي عبيدالله پير، هو ڪڏهن صاحبڏنو روشن ضمير.
آهي ان هڪڙي جي سڀ ذات وصفات، جاڻ هڪڙي جي جڳهه هي ڪائنات.
هيڪڙائي ۾ رهي تو پاڻ هڪ، تون به ان هڪڙي کي هردم جاڻ هڪ.
سمجهه، ڏس ۽ چئو هميشه يار هڪ، ظاهر و باطن ٿيو دلدار هڪ.
ڏس به هڪ ۽ چئو به هڪ ۽ جاڻ هڪ، جئن رهي هردم ڪٿو تو ساڻ هڪ.
آهي ٿو تو پاڻ پاليءَ جو شريڪ، اصل ۾ الله جاڻي تو وڏيڪ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڇڏ انهن لاهن ۽ چاڙهن جي پچر، عشق جي مستي ۾ اي دل ڪر گذر.
جلد اي دل دوجهان کي ڪر ٽٽو، جئن لڌسين تون لشق جو عالم ڇٽو.
پير عبدالحق اسان جو رهنما، جنهن اڳيان هڪ شخص آيو پارسا.
با ادب ٿي ان چيو: ”اي شاه ـ دين، مونکي سمجهايو اوهان ”عين اليقين“.
پير فرمايس ته ”ٻڌ اي نيڪ فال، تو پڇيو مون کان اهو سهڻو سوال.
هن طرح علم اليقين آهي عيان، باهه جئن معلوم ٿئي دونهين منجهان.
صاف دونهين مان حقيقت ٿي ملي، باهه مان نڪري هوا ڏي ٿو هلي.
تو اهو علم اليقين سمجهيو صفا، ٻڌ هينئر عين اليقين جي ماجرا.
هن طرح عين اليقين حاصل ڪجي، باهه کي ويجهو وڃي ۽ جاچجي.
جي ڪيئي عين اليقين کي دل نشين، غور سان ٻڌ تون هينئر حق اليقين.
پاڻ پنهنجو آڳ ۾ اڇلا ٿجي، پنهنجي هستي کي سراسر ميٽجي.
هي ٿيو حق اليقين تحقيق جاڻ، ٿي فنا، ان مان بقا جو ماڳ ماڻ.
تن بدن فاني ٿيا هڪ ذات ۾، نور ظاهر ٿي ويو ظلمات ۾.
پنهنجي هستي کي ڪري ڇڏ ڪر صفا، بيخودي سان ڪر اناالحق جي صدا.
دم اناالحق جو اچي ٿو حق وٽان، هي حقيقت جاڻ تون ويساهه سان.
جيڪڏهن دل سان وٺين هن راهه کي، بيگمان حاصل ڪرين الله کي.

عشق ڏس طرحين تماشا ٿو ڪري، | ڪيئن نه آئي ٿو نرالي جاءِ تي.
جيئن جو پنهنجو پاڻ ڏيکاري ٿو عشق، | جان و تن کي جلد ۾ ڳاري ٿو عشق.
نور کي ڳولن ٿا پا ڇا جا بجا، | ۽ ٿين ٿا نور جي آڏو فنا.
من طرح جيڪو به ڳولي ٿو خدا، | سو خدا آڏو ٿئي ٿو خود فنا".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

هڪ ڏهاڙي هڪ سچي سالڪ صفا، | منهنجي مرشد وٽ اچي ڪئي هي صدا:
"هت اچي حاضر ٿيان ٿو هر گهڙي، | ڇا هتي ٻن ٿيندي منهنجي رهبري.
ڇا هتي ٻن هٿ ۾ دامن کي ڪبو، | پنهنجي مرشد سان سدا رهبو ڪئين؟"
پير مشڪي ۽ چيو اُن مرد کي، | "مان اسان ڪان هوءَ جڳهه آهي ٻئي.
پاڻ پنهنجو جاڻ ۽ مونکي سڃاڻ، | منهنجي دامن کي ولي رک منهنجي جاڻ.
هيڪڙائيءَ ۾ سدا هجبو هتي، | هيڪڙائي ۾ پيو آهي ڪٿي!
هن حقيقت تي برادر غور ڪر، | پيچ سڪندر واري پٽ کي سربسر.
تنهنجي هستي پٽ سڪندر جي ٻٽي، | باخبر ٻئجي انهيءَ کي پيچ ڪٽي.
پٽ پيچن ڌاران نه ملندو دڳ سڌو، | ناهي سڀ ڪنهن کي پتو هن رمز جو".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڇڏ ڪٿي ڪشف ۽ ڪرامت جي پچر، | هي دعائن جا دلاسا دور ڪر.
راهه مولا جي لطيفن ۾ نه آهه، | عشق وارو غم وظيفن ۾ نه آهه.
قلب، روح ۽ نفس وارو ذڪر ڇڏ، | پر نه درد - عشق وارو فڪر ڇڏ.
اصل ۾ سارو لڳيءَ جو ناهه آهه، | راهرو هر دم هتي گمراهه آهه.
ذڪر قلبي ۾ ٿوڏن ٿا وسوسا، | عاشقن جي راهه ٻي آهي صفا.
ڪاسبي هي راهه ڪن ٿا اختيار، | جنهن تي ناهي واقفن کي اعتبار.
هي سراسر آهي شيطاني عمل، | بيخودي ۾ آهي سبحاني عمل.
ڇڏ لطيفن جي نمائش جي پچر، | هي نمائش آهي ذلت سربسر.
عام ليکي هو ولي الله آهه، | ۽ اها جور و جفا جي راهه آهه.

ورد ييشڪ آهي، ليڪن درد ناهه، درد ڏاران ڪوبه ڪامل مرد ناهه.
ڏوهه سان حيلا بهانا ٿو ڪرين، ٻني سبب مڪر ۽ دغا ۾ ٿو مرين
جو پيائي ڪي چڙي هوشيار ٿيو، جان و دل ڏئي يار کي خود يار ٿيو.
حق بنا دنيا ۾ ناهي ڪو پيو، باخبر ٿي رک پتو هن راز جو.
حق بنا ڪونين ۾ ڪونهي پيو، آهي فرمودو اهو توحيد جو.
ڪيئن ڪٿين مان ڪيچ بنجي ٿا پون، ڏس وري سي ساڻ ۾ ٿا ماپجن.
ڪيئن خدائي ۾ خدا گم ٿو رهي، بادشاهي ٿي گدائي ۾ ڇپي،
بحر ڪيڏو موج ۾ مخفي ٿيو، آهي پاڻيءَ جي مٿان پردو پيو.
بحر کان ٻاهر ٿيو پاڻي ڦڙو، بحر سڏبو بحر جي اندر اهو.
بحر توڙي نهر سارو آهي آب، هر ذري جو مرڪز آهي آفتاب.
موجزن درياه دل ۾ ٿو رهي، هي قلم ٿو ’راز نامي‘ کي لکي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مان نٿو ٻوليان اهو ٻولي ٿو پاڻ، مان نٿو ڳوليان اهو ڳولي ٿو پاڻ.
مان نڪي مسلم نڪي ڪافر ڪٿو، منتر ۽ جادو منجهان ڄاڻان نٿو.
ملحد ۽ زنديق ناهيان بي گمان، دور آهيان انت ۽ بي انت کان.
مان نه آهيان ڪو بزرگ ۽ شيخ پير، فقر جي تڪميل ۾ آهيان فقير.
عابد ۽ زاهد گدا مون کي نه ڄاڻ، پيشوا ۽ پارسا مون کي نه ڄاڻ.
مفتي و ملا نڪي قاضي ٿيس، هر طرح هر حال ۾ راضي ٿيس.
مان نڪي نوڪر نڪي آقا غلام، سڀ کي سچ پچ دور کان آهي سلام.
دور آهيان دين ۽ اسلام کان، ويجهڙو حق ٿو رهي هن رمز سان.
هن طلسمي رنگ ۾ رهجي ويس، عشق جي ميدان ۾ پهچي ويس.
ٻڌ سراسر راز وارو هي سخن، دور ڪر سڀ ”مان،اسان“ ۽ جان تن.
دل ۾ هڪ درياهه رهي ٿو موجزن، غرق آهن ”مان،اسان“ ۽ جان تن.
جيڪي دروازا هيا، تن کي چڙيم، يار پنهنجي شهر مان حاصل ڪيم.
دم انا الحق جو هڻان ٿو دار تي، جنهن جو غوغا ساري دنيا ٿي ٻڌي.

عشق جون موجون رهن ٿيون بي ڪنار، راز عالم ۾ ٿين ٿا آشڪار.
مثل - حيدر فتح ڪر خيبر جو ڪوٽ، هل هنئين سان هوت ڏي غازيءَ ٿي گهوٽ.
پيچ ڪٿي هي ڪوٽ خيبر جي مثال، دو جهان ۾ جيئن ڪرين حاصل ڪمال.
صدق دل سان علم سک توحيد جو، پيٽ وارو /علم ڪر سارو ڦٽو.
دوش تي منصور جو جهنڊو رکيم، ان جي بيرق کي مٿان ڪولي چڙهيم.
مان ڪيان ٿو ان جي رمزن جي پچار، جئن ٿئي دنيا سڄي تي آشڪار.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مٿي وٺي توحيد جي مخمور ٿيس، ملحدن ڄاتو ته مان مشهور ٿيس.
هر هميشه پي شراب ۽ پي شراب، لاهه تسبيح ۽ مصلي جو حجاب.
پاڻ ڪان شيخي بزرگي دور ڪر، ڇڏ اميري ۽ وزيري جي پچر.
ماءُ پيءُ پٽ زال وارو ميل ڏس، ڪئن نه پڙريو آهي قدرت کيل ڏس.
عام کي ان ڳالهه جو ناهي پتو، حشر ڇا ٿيندو انهي احوال جو.
ڇڏ انهن وردن وظيفن جي پچر، عشق ڌاران ڪجهه نه ٿيندو ڪارگر.
ٽوڙ تسبيح ۽ مصلي کي وسار، پاڻ تان چوغو بزرگي جو اتار.
پنهنجي ڦاٽل گودڙي کي باهه ڏي، هر طرح سان ڇڏ ٺڳيءَ جي ڳاهه کي.
ڇسٽ ٿي ڪيڏيون نمازون ٿو پڙهين، سُست مولا جي طلب ۾ ٿو رهين.
خلق جو خادم ٿي مخدومي وسار، خوءِ فرعوني ڇڏي ڏي هوش ڌار.
جو رهيو مخدوم سو محروم ٿيو، جو رهيو محروم سو مخدوم ٿيو.
ناهي مخدومي ۾ رندن جو گذر، آفتون آهن انهي ۾ سر بسر.
ڄاڻ اڪ ۾ اصل تنهنجو ڇا هيو، ڪئن فرشتن تو اڳيان سجدو ڪيو،
هت اچي غافل غلامي ٿو ڪرين، عبد ٿي سڀ جي سلامي ٿو ڪرين.
بادشاهي مان ٻڌايئون غلام، سخت حيرت ۾ رهان ٿو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

جي منور ٿو ڏسين شمس و قمر، تن کي خود روشن ڪيو تنهنجي نظر.

ڏس وري هي برگ - گل شاخ ۽ شجر، ڀڄو، جن کي ڪيو تنهنجي نظر.
آسمان تي تنهنجي اک جو نور آهه، ڇا ڏسي جيڪو نظار ڪان دور آهه.
تنهنجي اک هر راز کي ظاهر ڪيو، پر نٿو توکي پوي پنهنجو پتو.
تيز تلوار آهي مستن جي نظر، پيچ پري مونکان هٽي وڃ ڪر حذر.
آهي مستي سان ڀريل منهنجي نگاهه، هٽ پري زاهد مبادا ٿئين تباهه.
بسر آهي اها خوني نظر، غير واصل کي ڪندي زير و زبر.
آهي مستي سان ڀريل منهنجي نگاهه، دور ٿي ان کان هميشه گهر پناهه.
ناهي هرگز منهنجي معمولي نظر، وٽ خزانو عشق جو ڏي جلد سر.
شينهن جي اک ڏي ڏسڻ دشوار آهه، پر ڏسي سو جنهن کي حاصل يار آهه.
منهنجي اک ديدار جي قابل بڻي، ڪيئن نه هر ڪنهن واسطي قاتل بڻي.
آهي منهنجي اک مثال - ذوالفقار، جنهن کي چڻ هٿ ۾ ڪنيو حيدر ڪرار.
ڪير سهندو عاشقن جي اک جو تاب، پنهنجي هستي کي وڃائيندو شتاب.
آهي صورت ڪانسوا منهنجي نظر، پاڪ اعليٰ ذات بيشڪ سر بسر.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اک ۾ پنهنجي ماءُ مان پيدا ٿئين، پوءِ دائي جي هٿن ۾ تون وئين.
پرورش ڪئي تنهنجي دائي چار ڏينهن، تو لڳايو آهي ان سان پنهنجو نينهن.
ڇڏ انهي دائي کي مادر کي سڃاڻ، ڪر پري هي غير جي پوشاڪ پاڻ.
تنهنجو خلقيندڙ خدا آهي پيو، معجزو سمجهين متان تون ماءُ جو.
جسم جي دائي جو واري ڇڏ اکر، جسم توڙي جان و دل جي ڇڏ ڀڄر.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ٿو ڙ پاڻي اگر ٿئي تو روان، موج دريا ۾ هٽي تو زور سان.
دم هٽي دريا تو سمجهي پاڻ کي، جا بجا پنهنجو ٿي غوغا تو ٻڌي.
جيڪڏهن پاڻي کي ڪجهه رستو ملي، موج سان مهراڻ ٻجي سو وهي.
راهه جاري ٿي ته جهٽ دريا ٿيو، ان جي لهرين جو لقاء پيدا ٿيو.

هڪ جڳهه تان سير ٻئجي ٿي وڃي، جا گهٽون ٻوڙين جا تختا ٿي پچي
پڻ خود هڪ موجزن دريا ٿي چڙهي، هٿ لٿا آهيون مٿيءَ جي ملڪ تي.
ٻن جڳن ۾ ڪج ڪا آهي نا ڪيون، خود ڪڏا هوندي ۽ شاهي تا ڪيوپ.
جا بجا آهي سدا هڪ سڀ حق، خود اناالحق جو پڙهايائون سبق.
بحر معنيٰ جو ڪليو منهنجي مٿان، "لا" چڙهي "الا" ۾ آهي عشق سان.
اصل ۾ تون بحر آهين بي ڪنار، سو منجهان موجون اٿن ٿيون بي شمار.
فرق ناهي موج ۽ مهراڻ ۾، سچ ته سڀ ڪجهه آهي پنهنجو پاڻ ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

آهي موجودات موجن جي مثال، جنهن ۾ حق جي ذات جو آهي ڪمال.
اي سجڻ تون پنهنجي دل کي صاف ڪر، پاڻ اگ ۾ جا هئين انصاف ڪر؟.
هي سڀئي قانون رسمي ڪر ڦٽا، پنهنجي ننگ و نام کي تون ڇڏ صفا.
رسم جي ڦندي ۾ هئين ڦاسي نه وڃ، غرق ڪر رسمن کي منهنجي ڳالهه مڃ.
ڪيترا پاڻيءَ جا چشما ڏار ڏار، چنڊ جي چهري کي ڪن ٿا آشڪار.
آهي چشمن ۾ سندس فاني مڪان، روشني قائم رهي ٿي چنڊ سان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

خلق جي هر رسم کان آزاد ٿي، ياد ڪر هڪ يار کي آباد ٿي.
هر طرح جي رسم کي تون ڏي ڏنو، پاڻ وڪڻي هن محبت جو سئو.
رسم جي هر راه شيطاني ٻڌي، خود شناسي راه رحماني ٻڌي.
رسم جي هر ڪار دجالي رهي، دل الاهي عشق کان خالي رهي.
دور ٿي دجال کان تون دور ٿي، عاشقي جي راه ۾ مشهور ٿي.
ريت رسمن ۾ رهي ٿي ڪافري، آهي ساري بت پرستي آذري.
ڪفر ۽ اسلام جون پاڙون پٽي، مون مسلماني ڇڏي پنهنجي سٽي.
هر طرح سان مون مسلماني ڇڏي، مذهب و ملت پٽي پنهنجي مڏي.
مذهبن سان ناهي منهنجو واسطو، مان انهيءَ ڪتراڪ سان جانان تتو.



مولانا محمد صادق
راڻيپوري ۽ سندس
سچل سرمست جو
"سرائڪي ڪلام"

سرڳواسي
لالچند امر ڏنو
مل جڳتياڻي
۽ سندس
"سونهارو سچل"



مرحوم عثمان علي انصاري
۽ سندس "رسالو
سچل سرمست"

بت پرستي آهي رسمن ۾ صفا، هيءَ حقيقت آهي ڄاڻي هڪ خدا.
روڪ رسمن جو ٻري ڪر پاڻ کان، عشق رک لولاڪ واري شاه سان..
ڄاڻ رسمن کي صفا زنجير دام، جن ۾ ڦاسي ٿا وڃن ماڻهو مدام.
اي سڄڻ! هن دام کي ٽوڙڻ کپي، منهن زماني کان صفا موڙڻ کپي.
جي زماني کان قدم ٻاهر ڪرين، راز حاصل سربسر هر هڙ ڪرين.
سڀ ڪي سوگهو ٿو ڪري رسمن جو دام، جو ٻچيو ان کان سو آهي شاد ڪام.
مرد سو آهي جو ٽوڙي دام کي، هي جهان ڇا؟ هو جهان هڪدم ڇڏي.
عشق جون رمزون ڪيان ٿو آشڪار، دين ۽ دنيا جي جهڳڙن کي وسار.
ننگ و نام ۽ ريت رسمن کي وسار، ڪافري ڇڏ تون موحد ٿي گذار.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

آهي ان جو اسم، اسمن ۾ نهان، سڀ فنا آهي، اهو آهي عيان.
اسم ايڏا ڇا ڪندين اثبات ۾، محو ڪر اسمن کي ان جي ذات ۾.
آهي اسمن ۾ سمورو اختلاف، ڄاڻ معنيٰ کي ته سڀ ڪجهه آهه صاف.
تون فلاڻو پٽ فلاڻي جو نه چئو، پاڻ تون آهين اهو ناهي ٻيو.
بحر گم موجن ۾ پنهنجو پاڻ ٿيو، نيٺ موجن مان وري مهراڻ ٿيو.
گم ٿيون موجون ته دريا دم هنيو، سڀ ڪجهه آهيان مان نه آهي غير ڪو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

مون کي طنبورو بنائي پاڻ يار، ڪيئن وڄائيندو وتي ٿو آشڪار.
مون منجهان نغما ٿا نڪرن بيشمار، سي ٻڌي وٺ قرب سان اي قربدار.
سر ڪڏي ٿو سوز مان هي ساز ٻڌ، هر نموني جا اچي آواز ٻڌ.
يار جي هٿ سان وڄي ٿي ان جي تار، راز قدرت جا ٿين ٿا آشڪار.
هجر جي يا وصل جي ٻولي ڪڏهن، حال مستي جي ڪري هولي ڪڏهن.
ڪجهه نٿو ٿئي حڪم ان جي کانسوا، پنهنجي هستي کي مٽائي ڇڏ صفا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

مُنهنجو ڏاڏو مشتهر صاحبِ نور،
هڪ ڏهاڙي شهر کان ٻاهر ٿيو،
ڪوٺڙي ۾ ڏيوٺي جي درميان،
اصل ۾ "بصري" انهيءَ جو نام هو،
ويجهڙو خواجہ جي ٻيهي پاڪباز،
"ڏس ته تو کي ڪٿ نہ ساري تو خدا،
بيت سنڌي ۾ ٻڌايائين ٻہ ٽي،
"ڇري کري بصري کري تا ڪر نانهن،
جٿان گهٽو جڳ ۾، پر جم نہ جنٿ ڏٿي،
ورسان وجهٽو ڪاڻ خرسان ڪليون سمهين،
هي ٻڌي خواجہ صفا بيخود ٿيو،
پنهنجو پٽڪو پاڻ اڇليائين مٿان،
بس محبت ذان سوا سڀ ڪجهہ ڇڏي،
ڇهل چاليها ڪڍيا جئن مرد۔راهہ،
پاڻ خواجہ کي ٻڌايائين مريد،
راز۔وحدت جو مليس مرشد هتان،
آهي الفت جي اهائي شاهراهہ،
بس عبيدالله اسان جو شاهہ هو،
هو سراپا نور هو مرد۔ڪمال،
خضر خادم هو سندس درگاهہ جو،
ان جو هر دربان سڪندر جي مثال،
ڪيترا خاقان و خسرو و قيقباد،
جن هيا "شبلي" "جُنيد" ان جا مريد،
هر ملڪ ان جو ثنا گو بي گمان،
پاڻ هو آل۔محمد مصطفيٰ،

جو محمد حافظ اعليٰ شان هو؛
سير خاطر واٽ ورتيون ٿي ويو۔
هڪ اگهاڙي مست عورت ڏي عيان۔
جنهن جي حالت کان نہ واقف عام هو۔
درد واري دانهن ڪئي هڪ دلنواز:
تون خدا کان ڇو ٿيو آهين جدا۔"
پيش خدمت ڏوکيان تن کي هتي:
وڏي پرائي وهائن تنجو هنڙو تاهي ٿيو۔
باب نہ پڙهج بي هج آلوده الف سان۔
آيل هي اهڃاڻ جوڪڻ ڇڏي تہ ابرين۔"
سر بسر عاشق بڻيو الله جو۔
مئي محبت جي چکيائين چاهہ مان۔
جهنگ ۾ ويهي رهيو گوڏا گڏي۔
پوءِ هلي آيو عبيدالله شاهہ۔
لا مڪان تائين پڄايائينس ديد۔
حسن۔جانان جلوه گر ٿيس دل مٿان۔
رکي طلب هڪ يار جي ٻئي کي نہ چاهہ۔
هر طرح هر حال ۾ همراهہ هو۔
کوڙ، جنهن پيدا ڪيا عيسيٰ مثال۔
هر ولي جڻ هو سپاهي شاهہ جو۔
ڇٽ ولايت جو هيس سر تي بحال۔
جسم ڄا دارا نوڪري ۾ شادہ شاد۔
معتقد "ذوالنون" توڙي "بايزيد"۔
غوث توڙي قطب هر هڪ مدح خوان۔
جنهن جو ڏاڏو هو علي المرتضيٰ۔

سو عبيدالله هيو نور - خدا ، خواجه حافظ راهنما جو پيشوا .

تنهن عبيدالله هادي سرفراز ، خواجه حافظ سان رکيا راز و نياز .

پنهنجو مرشد پير "عبدالحق" سچو ، جنهن جو اعليٰ مرتبو مولا کيو .

پير عبدالحق سخا جو بحر ٿيو ، جڳ ۾ جنهن کوليو خزانو فيض جو .

وصف انجي ڪين ٿي سگهندي تمام ، جو چوان سو ڪجهه نه آهي والسلام .

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان ،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟ .

هي سمورا اسم ٿيا هڪ ۾ فنا ، هڪ ٿيا سارا برابر هڪ ٿيا .

هڪ منجهان پيدا ٿيا نالا لکين ، هڪ منجهان ٿيون صورتون اعليٰ لکين .

"الف" پڙهه "بي" "تي" جي وائي کي وسار ، بت پرستي آهي "بي" ، "تي" جي پچار .

الف مان پيدا ٿيا هي باب سڀ ، تون ڦٽا ڪر تن سندا آداب سڀ .

پهرين وحدت پيو ادب جو سر پچي ، دور ٿيا آداب وحدت کي ڏسي .

اوچتو وحدت جو خيمو جڏهن کتو ، خودبخود اڏريو پکي آداب جو .

ٿي ادب کانپوءِ وحدت مستقيم ، جو نه چاهيو سو ڪيو سڀ ڪجهه ڪريم .

لعل وحدت کي ادب کي آب ڄاڻ ، هٽ ڪري هي لعل هر ڪنهن کي سڃاڻ .

ڇڏ وظيفا اسم وٺ الله جو ، غير ڪڍ، وٺ جابجا نالو اهو .

ناهي ڪجهه موليٰ جي نالي کانسوا ، ڪاهلي آهي وظيفن ۾ صفا .

هوش سان هل ڇڏ وظيفن جي پچر ، دربدر ڇو ٿو رلين اي بي خبر .

راز رحماني جي ساري لهه خبر ، ڪر وظيفن کان پري پنهنجي نظر .

فڪر - حق جي ذات وارو رک مدام ، پاڻ تي پيون لذتون سڀ ڪر حرام .

بس انهيءَ هڪ فڪر ۾ هر گاهه رهه ، ان جي وحدت کان سدا آگاهه رهه .

تون نه آهين يار آهي ياد رک ، پاڻ پنهنجو غير کان آزاد رک .

"قل هو الله" آهي "الله الصمد" ، ڄاڻ معنيٰ باليقين آهي "احد" .

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان ،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟ .

ها بجا جڳ ۾ جو ڏسجي ٿو عيان، سو سراسر عشق آهي بيگمان.
عشق از خود ڏس اناالحق جو ڏنو، جنهن جو هر نقصان آهي فائدو.
عشق ثابت ڪئي خدا جي ڪ ذات، محو، جنهن ۾ ٿي سموري ڪائنات.
بس هيو هڪ خاص عاشق معتبر، پنهنجي هستي کان سراسر بي خبر.
وصل جي مئي سان صفا سرشار هو، رمز روحانيءَ جو واقفڪار هو.
عام سڏبو جيڪو آڪيداس هو، پرت وارن ۾ هميشه پاس هو.
اصل ۾ نالو هيس "عاقل فقير"، مست ۽ مجذوب هو روشن ضمير.
رمز اثباتي ۾ هو هوشيار هو، "لي مع الله" جو به واقفڪار هو.
جان تي ظاهر ۾ پاتائين جٺيو، هرڪو ان جي حال کان واقف ٿيو.
هي خبر قاضين جي ڪن تي پئي جڏهن، گڏ ٿيا مُلان ۽ مفتي سڀ تڏهن.
جلد عاشق سان لڙڻ لئي ٿيا تيار، صبر جو دامن ڪيائون تار تار.
اڳ ۾ هڪ سالڪ اچي ان کي چيو، "پاڻ کي تو قرب جو قيدي ڪيو.
تنهن ڪري قاضين ۽ مفتين جو سپاهه، توکي مارڻ ٿو اچي اي مرد راهه."
رڙ ڪري عاشق ڏنس ورندي اها، "جو چيئي پيهر به چئو تون مرحبا.
جي حقيقي عشق کي حاصل ڪرين، پنهنجي هستي کي صفا واري ڇڏين.
عشق جي تلوار آهي چيلهه سان، ڪيئن نه ان جو سير حاصل سان ڪيان.
عشق جي تلوار جي قابو ڪندس، خوف اڳتي جو رکي ڪٿن وبهندس.
يار جي قدمن ۾ سر قربان ڪندس، عالمن کي هر طرح حيران ڪندس.
يار جي رستي ۾ قرباني ڪبي، محب منڙي جي هي مهماني ڪبي.
راز سڀ منصور جئن ظاهر ڪبو، عشق سان سولي تي سر پنهنجو ڏبو.
عاشقن جي صف ۾ جيڪو بيهندو، پنهنجو سر سولي اڳيان حاضر ڪندو.
دل ۾ آهي بحر غم جو موجزن، موج ان جي موج ۾ آئي ٿي من.
عشق منهنجو خون هاريندو بجا، تيغ ان جي سان ڪسڻ آهي روا.
سر ڏيڻ هن راهه ۾ آهي پنو، راز ظاهر ٿئي زبان سان عشق جو.
يار جئن چاهي خوشيءَ سان تئن ڪيان، سان سندس قدمن اڳيان قربان ٿيان."
اوچتو ملن اچي ڪڙڪو ڪيو، جن جي آڏو پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو.

دوبدو ٻيهي ڪيائين هيءَ صدا: "مرحبا صد مرحبا صد مرحبا.
خوش هجو اي قاضيو! اي مفتيو! پنهنجي دل جي مدعا پوري ڪيو.
جي شريعت حڪم ڏني ٿي قتل جو، سيگهه ۾ هي ڪوٺ هستي جو پڄي."
حق جو ڪلمو سڀ ٻڌي حيران ٿيا، جوش ۾ تن ڪي وڏا جولان ٿيا.
عالمن فتويٰ ڏني: "رسوا ڪجيس، منهن مٿان ڌانگي ملي گهمرائجيس."
ڪيس چاڙهيائون گڏه تي خار مان، لپ مٽيءَ جي ٿي هنيس خورد و ڪلان.
هر طرف هي هُل ٻڌو ٿي خاص و عام، شير هو سيني جي وچ ۾ شاد ڪام.
عام ماڻهن ڪيس طعنا ٿي ڏنا، هر طرف کان ٿي پٿر اُن کي لڳا.
ڏاند ان کي هو چڙهيءَ جي واسطي، سو کهي ڪاڻ لڳا ماڻهو آتي.
هي ٻڌي عاشق صفا سڀ کي چيو: "هن ڪڏي ڪم ڪان اوهان توبهه ڪيو.
گوشت کائيندو جو منهنجي ڏاند جو، پڪ انهيءَ کي موت ايندو اوچتو.
موت جي تلوار ايندي تن مٿان، قتل ٿي ويندا هي قاضي ناگهان."
نيٺ هن بانڪي بهادر کي ڇڏي، ويو هليو هر ڪوئي پنهنجي جاءِ تي.
گوشت سؤ چاليهه ماڻهن ۾ هليو، جن به کاڌو تن جو سڀ کي هو پتو.
اوچتو تن جي مٿان آئي قضا، جن به کاڌو ڏاند هو سيئي کنا.
جي هيا ملا ۽ مفتي سڀ مئا، نيٺ ان عاشق به پورا دم ڪيا.
مون انهيءَ بابت گهڻو ماريو مٿو، جڳ ۾ هر ڪو ناهي طالب راز جو.
هاءِ مخفي راز ڪيئن رهجي ويا، مان ٻڌايا، پر نه جڳ ظاهر ڪيا.
ڪيستائين پيو ٻڌائيندس ڪلام، اي برادر بس ڪيان ٿو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

سڀ سچا عاشق وڃي رستي لڳا، مان هتي افسوس ڪاوان ٿو ڏڪا.
عشق وارا ويا ڇڏي هن حال ۾، جو اچا تائين رهان ٿو قال ۾.
عشق وارا ويا هليا حيران ڪري، جن جي خاطر جيءَ منهنجو ٿو جلي.
عشق وارا ويا هتي حيران ڪري، سو: جن جي ۾ ٿي دل سڌ ڪا پري.

ڏوستن وٽ عاشقن ڏيرا ڪيا، — ٻئجي ٻي گھر مون هتي ڦيرا ڪيا.
عشق وارا ويا ڇڏي هٿ واءِ واءِ؟، — حال پنهنجي تي ڪيان ٿو هاءِ هاءِ؟.
مونکي هن حالت ۾ حيراني ڏئي، — عشق وارا ويا پريشاني ڏئي.
عشق وارن کان سوا لاچار ٿيس، — دربدر دانهون ڪري بيڪار ٿيس.
عشق وارا جڳ ڇڏي آزاد ٿيا، — جا ودائي عيش سان آباد ٿيا.
دوڙ واريون ڪيتريون دانهون ڪندس، — عشق وارن واسطي آهون ڪندس.
دل ۾ تن جي درد جي جاگير آهه، — بس انهن ڳالهين جو هي تاثير آهه.
سرتي آيو عشق وارن جو فراق، — مونکي ماري ٿو انهن جو اشتياق.
عشق وارا ويا انهيءَ جي راهه ۾، — سڀ دعاگو ٿيا سندس درگاهه ۾.
غم جي رمزن کي سڃاڻي ڪر نظر، — جيئن پوي توکي حقيقت جي خبر.
پير عبدالحق اسان جو يار ڏس، — حق جي رمزن جا لکين اسرار ڏس.
حق ڏنيون جنهن کي هزارين حڪمتون، — هر گهڙي آهن مٿس لک رحمتون.
پاڻ هادي رهنما، جنهن جو ٿيو، — حق جي رمزن جو پتو آن کي پيو.
جنهنکي بخشيائين پيالو فقر جو، — آن جو پارس سان وڃي پاسو لڳو.
عشق جي جوهر کي حق جي ذات ڄاڻ، — آيتون حق جون ڏسي ان کي سڃاڻ.
هر صفت موليٰ جي هٿ آيو ڪٿي، — غير ناهي آهي ساڳيو ئي ڏٺي.
جڳ جي شاهي ۽ بزرگي ڪان مٿي، — هن خدائي کي پڇايائين ڪٿي.
ڏک ونڊايائين سڏو درويش کي، — مٿي محبت جي پياريائين سڏي.
ڪوڙ مون جهڙا سندس درتي مريد، — سر ڏين ۾ جيڪي سمجهن پنهنجي عيد.
پنج پٽ هن عشق جي سلطان جا، — گنج آهن دين ۽ ايمان جا.
ڇا ڪري سگهندي زبان تن جي ثنا، — پاڻ آهن پنهنجو مٽ عارف سچا.
منهنجو پهريون پيرزادو با اصول، — مرحبا آهي محمد وٽ قبول.
خود صفا تحقيق جا گوهر ڪري، — غير جي تقليد کان ٿئي ٿو پري.
دين ۾ دائم رهيس هڪ مشغلو، — معرفت جي ذڪر جو ۽ فڪر جو.
آهي هادي رهنما بيشڪ ڀلو، — مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو دادلو.
اوليا ۽ انبيا جو پيشوا، — حق جو بندو خاص جڳ جو رهنما.

جنهن جي آڏو ٻئي جهان آهن ڦڙو، عرش ڪرسي، جنهن اڳيان هڪڙو ذرو.
آهي معنيٰ جو خزانو هي فقير، جو بزرگي ۾ رهي ٿو بي نظير.
پير زين الدين پير والا صفات، آهي هر هاديءَ جي زينت جنهن جي ذات.
آهي سڀ کنهو سر انهيءَ هڪڙي ۾ پاڻ، تون ٻه هڪڙي ۾ اهوئي سر سڃاڻ.
دين محمد آهي ثاني دلربا، عشق واري سلسلي جو رهنما.
پيشوا چوٿون محمد جو ولي، فخر دنيا جو سچو عاشق سخي.
بعد ۾ خاصو خدا داد آهي پير، عشق واري راهه ۾ روشن ضمير.
هي سمورا نام ٿيا هڪ نام جا، يار هڪڙو آهي بيشڪ جا بجا.
هڪ منجهان هر هڪ لقا پيدا ٿيو، عقل ڪي هن حال حيرت ۾ وڌو.
هڪ اهوئي سر هتي آيو هلي، اصل ۾ آهي حقيقت هيءَ پڪي.
تون انهيءَ ڪثرت ۾ وحدت کي سڃاڻ، سچ ته وحدت آهي ڪثرت پنهنجو پاڻ.
هت قلم جو سر صفا ڪنجي ويو، جو هيو لکڻو اهو لکجي ويو.
هي خدائي ٿيو سندس در جو غلام، "راز نامو" ختم ٿيو بس والسلام.
حڪم ان جي مان ڪلي پيهر زبان، جيئن چيو مونکي سچو تيئن ٿو چوان.
مختصر آهي برابر هي ڪلام، فائدو حاصل ڪري هر خاص و عام.
خون مان ٻوڙي قلم کي بار بار، هن رسالي کي ڪيو مون آشڪار.
عشق جا اسرار ظاهر ٿو ڪيان، محو آهن ذڪر ۾ دل ۽ زبان.
ڪنهن کي طاقت ناهي جو خطرو ڏئي، حڪم انجي ساڻ هلچل ٿي رهي.
عام ماڻهن کان پري ڪن ۾ اچي، يار مون سان ڳالهه ڪئي اسرار جي.
کي ڏهاڙا بند هئي منهنجي زبان، اوچتو هي بار آيو دل مٿان.
فرض سنت مستحب کي خاص و عام، نفل واجب سان پڙهن ٿا صبح و شام.
ياد هر ڪو ٿو ڪري قرآن کي، پر وظيفن سان نٿو مولا ملي.
هو پڙهن ٿا جيئن اجو رو ڪو ملي، جيءَ سندن جهوري انهيءَ ۾ ٿو جهجي.
نفس پنهنجي کي ڦٽو ڪر وٽ خدا، جسم ڪر مولا جي رستي ۾ فدا.
پڌ ذرا سالڪ سخن منهنجو سچو، دل ۾ ان جي عشق جو ديرو لڳو.
حال ۾ هر هڪ سخن چاڙهو بجا، حال ڏاڙان آهي هر گفتو خطا.

ڪيفيت ڇاتي ڪنهن هن حال جي ، آهي سا ڳالهه حال ۽ قال جي .
ديداريءَ کي صفا واري ڇڏيم ، هن مصلحتي کي مساري ڇڏيم .
بس پڙهي ويا زهد، علم ۽ قيل و قال ، ويو زماني تان ڪڍي منهنجو خيال .
آگ ۾ اڇلائي ڇڏ سارا ڪتاب ، پڙ "خدائي" جي حڪايت لاجواب .
عقل جان ۽ دل ۾ آهي سڀ لڳي ، غيب ڪان اهڙي خبر موڪلي ملي .

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان ،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟ .

ڪجهه ته ماضيءَ جو تصور دل ۾ ڪر ، پنهنجي گذريل صورتن تي ڪر نظر .
تنهنجي پيري ۽ جواني جو مثال ، جڻ ته هڪڙو خواب هو يا ڪو خيال .
خواب غفلت جو ڇڏي بيدار ٿي ، حال پنهنجي کان سچڻ هوشيار ٿي .
پاڻ ساريون صورتون خواب ۽ خيال ، پڙ ذرا ويساهه سان منهنجي مقال .
سمجهه هن صورت جي هستي کي فنا ، پاڻ کي هردم انهيءَ کان رک جدا .
جيڪي وهمي صورتون سمجهي ٿو پاڻ ، هي نه تن ٿي صورتن وانگر سڃاڻ .
پاڪ معنيٰ سان ڪري ڇڏ پاڻ کي ، هل سدائين تون سڌو هن راه تي .

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان ،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟ .

اسم ذاتي جو هميشه ذڪر ڪر ، ذڪر ۾ مشغول رهه ۽ فڪر ڪر .
ذڪر جي تمثيل آهي سؤ سپاهه ، فڪر آهي جڻ ته ان جو بادشاهه .
شاهه لشڪر کانسواءِ لاچار آهه ، شاهه ري لشڪر وري بيڪار آهه .
شاهه جي عزت وڌائي ٿو سپاهه ، ياد ڪر هي خاص نڪتو خير خواه .
ذڪر سان ٿي پنهنجي هستيءَ کي وسار ، جسم کان بيهوش رهه ليل و نهار .
ذڪر جو فرمان موليٰ ٿو ڪري ، تنهن ڪري هي فرض پنهنجي ٿو رهي .

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان ،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟ .

آهي ڪن پڙن ۾ هڪ مشهور وڻ ، جنهن کي چندن ٿا چون سڀ اي سڄڻ! .
ان جي ڪل شاخون ۽ پن سڀ سربسر ، هر هميشه ٿا رهن خوشبو ۾ تر .

ان جي پرسان پيا ٻہ آهن اي سڄڻ! ڪنواٽي مختلف جنسن جا وڻ.
جيئن هتي هر دم هوائون ٿيون گهلن، وڻ سڀئي چندن جي خوشبوءِ ٿا ولن.
ان جي ٽاليءَ ۽ سمورا ٿا اڄن، اصلي ٽالا تن جا ڪم ٿي ٿا وڃن.
هر شجر اهڙيءَ طرح چندن ٿيو، جن تہ چندن آهي چندن مان ڦٽو.
هر شجر چندن ٿو سڏجي هر گهڙي، ان منجهان خوشبوءِ اچي ٿي مشڪ جي.
آهي ہر اسرار هي وڻ ايترو، ڪنهن بہ ان کي ناهي ظاهر ۾ ڏٺو.
جو اچي ويندو اهو ٿيندو فنا، سر وڃائيندو انهيءَ وڻ ۾ صفا.
جانِ هڪڙي ذات هر شئي ۾ عيان، هي مڪان آهي برابر لامڪان.
اڳ ۾ پنهنجي هوڏ هستي کي وسار، پوءِ بلاشڪ ڪر انا الحق جي پڪار.
خاڪ جو پتلو نہ آهي تنهنجي ذات، تنهنجي هستي کي ڪڏهن ايندي نہ مات.
هي پراڻو پوش ٿي ويندو فنا، تنهنجي هستي کي سدا هوندي بقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

تو فقط هڪ دم منجهان آندا ٻہ دم، ٻن دمن توکي ڏنا هت ڪيئي غم.
وٺ فقط هڪ دم ڇڏي ٻن جي پچر، هٿ ڪري وٺ خاص وحدت جي خبر.
ٻن دمن مان جانِ هڪڙو دم ڀلو، علم هر ڪنهن کي نہ آهي راز جو.
ظاهر ۽ باطن انهي جو آهي گنج، پاڻ هڪ آهي نہ آهن چار پنج.
ڪفر ۽ ايمان ۾ ڪانهي وٿي، آهي ساڳي ڳالهہ نيڪي ۽ بدي.
پاڻ کي نيڪي بدي کان رک جدا، وٺ طريقت جو سڌو رستو صفا.
پاڻ کي نيڪي بدي کان پاڪ ڪر، بس پنهي کي تون ملائي خاڪ ڪر.
ظاهر ۽ باطن جڏهن آهي خدا، پوءِ ڇو نيڪي بديءَ جو آهي ڇا؟
پاڻ کي پڪڙي وري رهندين ڪٿي، جاءِ بجا دلدار ڦيرا ٿو ڪري.
مان نہ آهيان آهي ان حاڪم جو ڪم، آهي دو عالم مٿان منهنجو قدم.
پنهنجي هستي تان ڪڍي سارو خيال، مون ڪيو منصور جو جهنڊو بحال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

روز شب تون راڳ سان همراز رهه، ساز جي آواز سان دم ساز رهه.
جي رڳن ۾ عشق جي دل ۾ اغار، پڌ ذرا مون کان جدائي جي پڪار.
راڳ جو آواز عاشق ٿا ٻڌن، سوز وارا ان جي ويجهو ٿا وڃن.
جلد اي عاشق مزو وٺ راڳ جو، يار پنهنجي سان وڃي ٿي ويجهڙو.
راڳ کي معراج سمجهن ٿا ولي، روز شب ان کي ٻڌن ٿا متقي.
غير جو هر فڪر ميٽي ٿو ڇڏي، وسوسا ۽ وهم ريٽي ٿو ڇڏي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

وٺ سبق هي معرفت جي راهه جو، فرق ڇڏ هادي جو ۽ گمراهه جو.
نيڪ و بد کي بحر وحدت ۾ وجهي، ڇڏ شڪايت ۽ گلا شيطان جي.
هو ڪڏهن هادي ڪڏهن همراه آ، راهرو هن راز کان آگاه آ.
رهنما بڻجي ڪڏهن پلجي پوي، هو ڪڏهن غنچو ڪڏهن گل ٿو ٿئي.
ياد ڪر "مجنون" جي ۽ "ليليٰ" جي ڳالهه، يا ٻڌي وٺ "وامق" ۽ "عذرا" جي ڳالهه.
اک ملي مجنون کي ليليٰ واسطي، جنهن کي گهايو هڪ نظاري نينهن جي.
ان جي صورت جو سدا حقدار هو، روز شب مفتون متس هر بار هو.
ڪجهه ڏٺائين ڪين ليليٰ کانسوا، جنهن جي الفت ۾ رهيو ٿي مبتلا.
راهه ۾ ان جو ڪڍبائين انتظار، ان جي غم جي مئي چکيائين بار بار.
غير کان مجنون وڌو منهن تي نقاب، صرف ليليٰ کي ڏٺائين بي حجاب.
راز کان آگاه ٿي اچ راهه ۾، هڻ ٽٻي توحيد جي درياهه ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

شهر قندار ۽ هرات آڏو عيان، آهي قلعو هڪ "قلايش" نام سان.
چو طرف قلعي جي آهي ڪوهسار، عام سڏجي ٿو تڏهن تڪشير غار.
وقت پنهنجي ۾ عجب اسرار سان، هن کي جوڙايو هيو نوشيروان.
ان ۾ هڪ مخفي جڳهه آهي جڙيل، جنهن ۾ هڪ پارس پٿر آهي پيل.
چار ديوارون آئي آهن عيان، ان جي چوڌاري ڦرن ٿيون هر زمان.

ور وڪڙ ڏک ۾ وڃڻ آهي محال، مون گهڻائي ڪئي اڃا آهي مقال.
هر طرح سان بند ٿيا رستا پيا، در تي تلواريون ڪليل آهن سدا.
جيڪو پارس واسطي ويندو آتي، پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو آتي.
جسم سان ڪوئي نه ٿيندو ڪارگر، هيءَ حقيقت ٿو پڌايان سربسر.
جو به ويندو ان جو سر ٿيندو قلم، ڪير تلوارين مٿان رکندو قدم.
قتل ٿي ويا هت بهادر ڪيترا، جن ڪٽايا پير بازو ۽ مٿا.
جيڪڏهن ايندو ڪو پارس جي قريب، پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو غريب.
جي ڪرين حق جي طلب جو حق ادا، ڪر انهيءَ جي راه ۾ سر کي فدا.
جان و تن سان ڪيئن ملي تو کي خدا، ڪر انهيءَ جي راه ۾ خود کي فنا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

آهي سڀ ڪنهن ۾ سمايل ان جي ذات، مان پڌايان ٿو صفا انجون صفات.
حسن ـ ڪامل سان ڪليو هو گل مثال، پاڻ پن پن ۾ پسائي ٿو جمال.
سبز گاڙها ۽ اڇا ڪارا هزار، رنگ رنگي ٿو پسائي بي شمار.
جيڪڏهن گل جي پنن کي مهٽبو، صرف پاڻي تن منجهان پيدا ڪبو.
هي سڀئي گل جا پتا ٿيندا فنا، آب خوشبوءِ دار کي رهندي بقا.
ڏس زمين ۽ آسمان جي ويڪراڻ، پاڻ ۾ ڪيئن ٿو سمائي يار پاڻ.
ڪيتري دلڪش ٿي ڏسجي ڪائنات، آهي اندر توڙي ٻاهر ان جي ذات.
سير سلطاني ڪري جو ڪجهه ڏٺم، سربسر ان جو پتو سڀ کي ڏنم.
جو ڏسين ٿو سو سندس آهي جمال، آشنا ٿي پنهنجي هستي ڪر حلال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

آهي هڪڙي ٻيٽ ۾ هڪ ڳئون عجيب، جا پڇي ٿي پڪ لکڻ سان بدنصيب.
بحر ۾ بي خوف ماري ٿي ٽٻي، جهٽ اچي ٿي بيبها موتي کڻي.
چنڊ جهڙن چمڪاٽ موتي ٿو ڪري، هوءِ تڏهين ٿي چاه سان چارو چري.
دور اونداهي کي موتي ٿو ڪري، روشني ۾ جا تڏهين هوءِ ٿي چري.

اڄتو موتي جا طالب ٿا اچن، ان مٿان پردو مٿي جو ٿا وجهن.
روشني پدران- ٿي اونداهي ٿئي، بدحواسي ۾ ٿي هوءِ دوڙي ڊڪي.
سخت حيران ٿئي ٿي موتيءَ واسطي، غور ڪر اي راهرو هن ڳالهہ تي.
آهي ناداني سچي ڪٿون جي عيان، جا مٿي ڪان پٺي طرف ٿئي ٿي روان.
خود مٿي ڪي ڪين جاچي ٿي ڏسي، خاص موتي جنهن ۾ مخفي ٿو رهي.
بحر ۾ پيهر اچي ڏئي ٿي ٽپو، ان منجهان آئي ٿي هڪ موتي پيو.
غور سان پڙهي قصو ڪر ڪجهہ خيال، بي خبر ٻڪين مٿان ڪٿون جي مثال.
خاڪ جو پتلو پري ڪر سربسر، شاه شاهن جو صفا ايندئي نظر.
هي مٿي جو بت پري ڪر پاڻ ڪان، بي بها گل هٿ ڪري وٺ ان منجهان.
ڇو ڪٻي ساڃي اجايو ٿو رلين، خود آهو آهين تہ پوءِ ڇو ٿو پلين؟

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

دم خدائي جو هڻان ٿو مان ڪڏهن، ڪڏ گدائي سان رهان ٿو مان ڪڏهن.
جسم سان آهيان تہ ٻڄان ٿو گدا، پاڻ ۾ ناهيان تہ آهيان خود خدا.
ان کهڙي پرواز اعليٰ ٿو ڪريان، پنهنجي سر ڪٻي پاڻ بالا ٿو ڪريان.
مان نہ آهيان آهي ان جي ذات پاڪ، جا ڪري ٿي وسوسا ۽ وهم خاڪ.
گم ٿيا سڀ روزشب ارض وسما، اصل توڙي نسل جا ٿالا ويا.
ڇا مصلو ڇا مٿيو توڙي ڪتاب، گم ٿيو ڏوهن ثوابن جو حساب.
شڪ عقيدا خوف بالڪل دور ٿيا، دين، ايمان، ڪفر سڀ ڪافور ٿيا.
غم خوشي ۽ جان و تن سارا ويا، ذڪر جا ۽ فڪر جا وارا ويا.
دور ٿيا هر ريت سجدا ۽ سلام، ختم ٿي ساري عبادت صبح شام.
رد رياڪاري جا سڀ رستا ٿيا، لڙ لڦا لاهي ۽ چاڙهي جا صفا.
گم ٿيا اوري پري هجر ۽ وصال، ناهي ڪٿ ڪنهن جو تصور يا خيال.
ڪو: قلبي يا زباني ذڪر ناهہ، هت عبادت ۽ سخا جو فڪر ناهہ.
ناهي مسجد ۽ مڙهي جو ڪو نظام، رد وظيفا، رد جماعت، رد امام.
برج سڀ سج چنڊ تارا ٿيا تمام، ناهي اڀرڻ ۽ لهڻ جو انتظام.

گم ٿيا ڪشف ۽ ڪرامت جا قصا، ــ ڪين آهن هت حڪومت جا قصا.
ناهي ڪوئي جو ڪري ڪنهن جو سلام، ــ گم ٿيو نيڪي بدي جو انتظام.
حج زيارت جي غنيمت دور ٿي، ــ عقل ۽ تدبير جي هستي ڇڏي.
پنهنجي هستي کان جڏهن پاسو ڪيم، ــ اندر ۽ ٻاهر سمورو حق ڏٺم.
هو ڪڏهن ناسوت مان ملڪوت ٿيو، ــ هو ڪڏهن جبروت مان لاهوت ٿيو.
عشق ۾ پرواز مون ايڏو ڪيو، ــ راز محرم ناهي ڪو هن حال جو.
ڪم نه ايندو علم جو چرچو هتي، ــ ناهي ڪو بازار جو سودو هتي.
علم مان عالم جو ٿيندو احترام، ــ پير ڪوئيندا انهيءَ کي خاص و عام.
تون اگر مولىٰ جو طالب ٿي پوين، ــ پاڻ تسخيرات کان پاسو ڪرين.
عشق جي تلوار کڻ ۽ مرد ٿي، ــ مرد ٿي، ٻر درد ٿي ۽ فرد ٿي.
آهي شيخي جا بزرگي رهزني، ــ هي لڳي جا ٿاه ناهي ٿي خودي.
هي طريقو آهي ڏاڍو پرخطر، ــ بيخبر هن راهه کان رهه باخبر.
نور مرسل جو ڪيو مولىٰ عيان، ــ معرفت جا بحر نڪتا جنهن منجهان.
جنهن به ٽوبي بحر ۾ ماري ٿپي، ــ سو اتان هرگز نه ٿيو واپس وري.
بحر گوهر ۽ شناور گم ٿيا، ــ حال جي مستي پسايو هي لقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

صوف جو وڻ صوف پيدا ٿو ڪري، ــ انب مان ٿي انب جو وڻ ٿو ڦري.
ٻن کي ٻيشڪ نام هڪڙو ٿو ڏجي، ــ هن کي ميوو هن کي وڻ ٿو چائجي.
آهي ساڳي ڳالهه آدم ۽ خدا، ــ سمجهه ”الانسان سري“ کي صفا.
ٻر تڙالو آهي ميوي جو سواد، ــ ڪاٺ ٻن ٽاري ۾ ناهي ڪو سواد.
وڻ ۾ ناهي شاخ ميوي کان جدا، ــ آهي ميوو شاخ مان محڪم سدا.
جڏهن جو ساڳئي ماٽي وٽ ٻڌا، ــ سچ نصيحت سنهنجي، پس پنهنجو لڱا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

مرد آهين تون نه واري جڏ حساب، ــ حج زڪواتن مان نه ٿيندين ڪامياب.

عبد ٻجهڻ جي عيوض عارف ٿجي، عبد واري وهم کان واقف ٿجي.
هو ٺٺا ڇاڻن ته ڇا ھي "يعرفون"، تنهن ڪري زاهد چون ٿا "يعبدون".
عبد جي معنيٰ تي پردو ٿا وجهن، معرفت کي ڪين سمجهي ٿا سگهن؛
پاڻ ۾ رهجي ته چئجي "يعبدون"، پاڻ کان ٻاهر ٿي پڙهجي "يعرفون".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

استقامت "اهدنا" جو راز آهه، بينيازي جو اهو آواز آهه.
"اهدنا" جو راز سمجهايو علي، جنهن سڄي دنيا کي بخشي روشني.
اڳم پڻ پنهنجو هيو اعليٰ خيال، بينيازي ۾ ٿيو بالا خيال.
مان پهاريدار موليٰ جو غلام، نوڪري ڏيندو رهان ٿو صبح شام.
مصطفيٰ جي درجو سگ ٻجي رهيس، جان و دل سان ان جو طالب ٿي رهيس.
مانِ ڪمينو ڪير جو دعوا ڪيان، ڪٿن انهيءَ جي دوستي جو دم هڻان.
يا خدا درگاه ۾ مونکي رساءِ، ان جي ادنيٰ خادمن سان گڏ رهاءِ.
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو مان غلام، آل - اطهر تي پڙهان ٿو سئو سلام.
مان نبي جي آل تان قربان ٿيس، ان جي قرباني منجهان سلطان ٿيس.
شاهه جي گهوڙي جي پيرن جي مٽي، شل پوي منهنجي لڱن تي هر گهڙي.
عشق آهي مصطفيٰ جي اسم سان، مرتضيٰ جي نام تان صدقو وڃان.
پاڻ فرمايو محمد مصطفيٰ، آهي بربادي محبت کانسوا.
راز وحدت جو ٻڌايائون صفا، مون گدا کي بادشاهي ٿي عطا.
مهر ڪئي مون تي رسولن جي امام، عاشقن جي صف ۾ آيو منهنجو نام.
دم نه هڻ هستي جو، سوچي ڪڻ قدم، ياد ڪر موليٰ کي بيشڪ دمبدم.
غير جو هر وهم دل تان دور ڪر، مشورو منهنجو اهو منظور ڪر.
پنهنجي آڏو غير کي هرگز نه آڻ، ماسوا ڇڏ حق جي هستي کي سڃاڻ.
رک پتو ويساهه سان هن راز جو، جنن وٺين هر دوجهان جو فائدو.
خود ڪيائون مهر جي مون تي نگاهه، حق بنا هر شئي جي هستي ٿي تباهه.
هي "خدائي" ٿيو غلامن جو غلام، راز ناسو ختم ٿي ويو، والسلام.

گداز نامو

جا بجا موجود آهي هڪ خدا ، سر بسر مشهور آهي هڪ خدا .
هر جڳهہ تي آهي هو جلوه نما ، ظاهر و باطن سندس آهي لقا .
ان جو نور آهن زمين و آسمان ، پاڻ ذاڪر، آهي پنهنجي ذڪر سان .
ڪائنات اندر خدا جي آهہ ذات ، ٻيون سڀئي ان ذات جون آهن صفات .
پاڻ ظاهر ۾ ٿي آيو مصطفيٰ ، پر حقيقت ۾ اهو آهي خدا .
پاڻ ٿي ويٺو شريعت جو ڏٺي ، خود بخود قرآن ڪي آيو ڪٺي .
هڪ محمد ۽ خدا ڪي ڄاڻجي ، هن عقيدي ۾ نہ ڪو شڪ آڻجي .
چپ چپاتي يار جو ديدار ٿيو ، منهنجي آڏو گنج معنيٰ جو کليو .
هڪ اٿل آئي انهيءَ درياهہ مان ، جنهن منجهان اسرار ظاهر ٿو ڪيان .
گفتگو منهنجي نہ آهي ان جي آهہ ، جستجو منهنجي نہ آهي ان جي آهہ .
هن ڪتابت جي ڪيان ٿو ابتدا ، جان و دل محبوب تان آهن فدا .
هن جو نالو ٿو رکان نامہ گداز ، جسم و جان ڳاري ٿو ان نامي جو راز .
برف آڏو منهن ڪڍي ٿو آفتاب ، سا ڳري پاڻي ٿي ٻنجي پئي شتاب .
اصل پاڻي هو، اهوئي برف ٿيو ، برف مان پاڻي ٻئيو جو تو ڏٺو .
برف هئي جيستر منجهس هستي رهي ، پنهنجي هستي کي وڃائي اصل ٿي .
ان ڳرڻ ڪانپوءِ نرالا ڪم ڪيا ، فيض ان جي سان سوين سبزا ٿيا .
هو ڪڏهن پاڻي، ڪڏهن ٿو برف ٿئي ، اصل مان پيدا ٿو هر هڪ ظرف ٿئي .
چند پاڻي آهي نوڪر جي مثال ، آب جاري آهي رهبر جي مثال .

برف ۽ پاڻي جو ھڪڙو آھي حال، جئن قمر ۽ بدر جو آھي مثال،
راه مولىٰ ۾ فنا ڪر جسم و جان، ھن جھانن ۾ ملي جئن توکي مان.
آھي بيشڪ عاشقن جو ڪم جلڻ، پنھنجي ھستي کي جلائي ڇڏ سڄڻ.
ري جلڻ جي ڪين ملندين يار سان، ري جلڻ جي ڪين ٿيندين راز دان.
آب کان نڪري حباب آھي ٿيو، آب ۾ آيو ته آب آھي ٿيو.
بحر ۾ آيو حباب ۽ لھر ٿيو، لھر مان ساڳيو ڦري ۽ بحر ٿيو.
جي مٿو ٻاھر ڪندو ٿيو حباب، بحر ۾ ھوندو ته رھندو فيضياب.
نوڪر ۽ آقا جو فرق آھي اھو، کول عبرت جون اکيون ڪر غور ڪو.
غرق ٿي توحيد جي درياه ۾، جيئن رسين الله جي درگاه ۾.
عشق جي آڙاهه ۾ خود کي جلاءِ، ٿي ڇڙي مان باز، پنھنجا پر ھلاءِ.
جيڪڏھن ڪجھه لوڻ پاڻيءَ ۾ پوي، سو ڳرڻ کان پوءِ ڏس ڇا ٿو ٿئي.
جي وڃي ٿي لوڻ جي ھستي مري، خود بخود پاڻي ٿو بڻجي ان گھڙي.
عبد جي معبود سان ڳنڍجي وڃي، غير کان آجو ٿي حق بڻجي وڃي.
جئن سھاڳو ٿو ڪري چاندي صفا، تئن ڪري ٿو عشق ھي ھستي صفا.
تون سھاڳو ڄاڻ مرشد جي نظر، جنھن ۾ حق جو فيض آھي سربسر.
تنھنجي ھستي آھي چانديءَ جي مثال، عشق ۾ آھي سھاڳي جو ڪمال.
جو خدا جي راه ۾ ٿئي ٿو فنا، سو فنا مان ٿو ڪري حاصل بقا.
اي سڄڻ، ھن خاڪ جي پتلي کي ڳار، عاجزي ڇڏ، بي نيازي ۾ گذار.
مرد ھڪڙي کي پلو گھوڙو ھيو، جنھن کي ھو پاڻي پيارڻ ٿي ويو.
جئن جو دريا جي ڪناري تي پڳو، وھٽ کي پاڻي پياري خوش ٿيو.
اوچتو گھوڙي کي لوڙھي لھر وئي، مرد جي دنيا ٿي ساري زھر وئي.
غرق ٿيو درياه ۾ گھوڙو بيگمان، وائڙو مالڪ ٿيو ھن حال کان.
پاڻ کي درياه ۾ اڇلائين ڪٽي، جيئن ڪڍي گھوڙي کي پنھنجا ھٿ ھٽي.
پر نه گھوڙي کي پڳو، بيوس ٿيو، خوب غوتا کائي، خود واپس ٿيو.
ويڙھجي لھرن ۾ ويچارو ويو، ھاءِ پنھنجي حال کان بي حال ٿيو.
نيٺ ٻوتن ۾ سندس اک وئي کلي، اوچتو ھن ھڪ ٻھر جي پت ڏٺي.

پٽ سموري سخت هئي قلعي مثال ، ان منجهان ڪنهن جو نه نڪرڻ هو محال.
ڪنهن نڪتو پٽ منجهان مجبور ٿيو ، جسم ان جو ويو ڳري وهلور ٿيو.
ان جو سارو جسم پاڻي ٿي پيو ، موج درياه ۾ وري مارڻ لڳو.
ڪجهه ڏهاڙا هو رهيو هن حال سان ، آب شيرين عام ٿي پيتو اتان.
تن بدن ان جو ڳري ۽ پاڻ ٿيو ، سر فرازي ڪان تڏهن آگاه ڪيو.
آب جاري ٿيو انهيءَ ديوار مان ، جسم پهو پيدا ٿيو ان جاءِ تان.
نام ٿي ويس ”بادشاه - عارفين“ ، سڀ سڏين پيا ان کي ”شاه-عاشقين“.
ي سچ هن راز کان آگاه ٿي ، عبد جو اولو چڙي الله ٿي.
فڪر سان حاصل سمورو حال ڪر ، دور ساري غير واري قال ڪر.
پنهنجي ساري ڄاڻ حاصل ڪر صفا ، ڪير آهين، تنهنجي هستي آهي ڇا؟
جسم جي چولي کي ڦاڙي دور ڪر ، پاڻکي تون هو بهو منصور ڪر.
عاشقن جو شاه سو منصور هو ، عارفن ، جنهنکي ڪيو منظور هو.
عشق جي سوليءَ مٿان هسوار ٿيو ، عاشقن جي صف منجهان نروار ٿيو.
جنهن سمورا سير سلطاني ڪري ، ٻاهر آندو عشق جي تلوار کي.
اَت هيا عارف بمع شبلي جنيد ، ٿيا سڀئي حيران، پاتائون نه پيد.
شير دل آئي وڏا واڪا ڪيا ، شاه آڏو سڀ سپاهي ٿي لڳا.
عاشقن جي راه ۾ هن سر ڏنو ، پنهن جي جسم ۽ جان کان آجو ٿيو.
خاڪ واري جسم کان هو پاڪ ٿيو ، آسمانن تي انهيءَ جو ٺاڪ ٿيو.
ٿوڙ هستي کي رکي پنهن جي شناس ، لاهه لحظي ۾ هي پانهنجي جو لباس.
پير هيٺان هي سڀئي عضوا سڀي ، رک قدم پنهنجا بقا جي ملڪ تي.
صاف دل ٿي، پاڪ رک پنهنجي نظر ، يار کي ڏس، غير کان دل دور ڪر.
جسم کي ڇڏ، دل جي اک بيدار ڪر ، پنهنجي دل کي جسم کان بيزار ڪر.
ديد پنهن جي ديد ان جي سان ملاءِ ، دل ۾ ويهي پور دلبر جا پڄاءِ.
هي زمين ۽ آسمان ويا ميڻجي ، بيخودي سالڪ کي هن مستي ڏني.
ڪر عدم جي بن ۾ هستي کي فنا ، جيئن فنا کان پوءِ حاصل ٿئي بقا.
ڪئن ٿين ڪاغذ ۽ پاڻي هڪ ٻئي ڪنا ، هي ڳري ۽ هو ڪري هن کي فنا.

ڪر انھيءَ ڪاغذ کي ڦاڙي ۽ تباھ،
پت ٻيو ڪاغذ ۾ پاڻي ذات ـ حق،
عام رب جي راھ روزو ۽ نماز،
جان ڳاڙڻ ڪانسوا ڇا حاصلات؟،
اي سڄڻ هن راھ ۾ ٿي وڃ فنا،
درحقيقت آهي ڪاٺو جسم جو،
هي ڏيو ڪاٺي ۾ مخفي ٿو رهي،
ٿي وڃي ظاهر هي روحاني ڏيو،
غور ڪر ۽ ڄاڻ هر هڪ رمز کي،
"عبده" جو قول آهي شاھ جو،
شاه بيشڪ پاڻ کي ٻانهو سڏي،
ٻئي ڪي ٻانهي جي سڏڻ جي ڇا مجال،
عارفن سمجهو محمد کي خدا،
جي لڪي آني جي اندر ٿو رهي،
بعد مدت جي اهو آنو ڦٽي،
ڪيئن اڏامي ٿو هوا ۾ شاد ٿي،
هر گهڙي جهڙي طرف ڏي ٿئي تيار،
ان جو آني ۾ ڪٿي پرواز هو،
اي سڄڻ، هن جسم جي آني کي پيچ،
مرغ آهين پاڻ کي آنو نه ڄاڻ،
بي خبر ٻڌجين ته آنو ٿي رهين،
مرغ آهين تون جڏهن لاهوت جو،
عرش اعليٰ جي مٿان پرواز ڪر،
چو وسارين ٿو بلندي جو مڪان،
هڪ جڳهه، جنهن کي همالہ ٿا چون،
ات هميشه برف اڀڙي ٿي وسي،

پاڻ تان هن جان و تن جو بار لاھ.
پير عبدالحق پڙهايو هي سبق.
خاص ڪن ٿا جان ۽ تن کي گداز.
جان ڳاڙڻ سان ملي ٿي حق جي ذات.
چڙھ بلندي کي ۽ پستي کي صفا.
روح جنهن ۾ آهي نوراني ڏيو.
پيچ اهو ڪاٺو ته سارو غم وڃي.
دور ٿئي سارو هي جسماني ڏيو.
ڪر تصور شاھ جو هستي چڙي.
عام ماڻهن واسطي آهي اهو.
پر اسان چئون ٿا ان جي شان کي.
آهي بيشڪ شاه اعظم باڪمال.
ان جي خدمت ۾ ڪندا سڀ ڪجهه فدا.
سو هوا ۾ ڪٿ اڏامي ٿو سگهي.
ٻر هٿي پنهنجا اڏامي ٿو پکي.
جيئن وڃي ٿو قيد کان آزاد ٿي.
پل اڏامي، ان جو آهي اختيار.
ڪٿ سندس سرسوز ۽ آواز هو.
عرش اعليٰ تي اڏامي جلد وڃ.
ڪر يقين ۽ پاڻ کي جلدي سڃاڻ.
مرغ ٻڌجين جي خبر پنهنجي لهين.
تو اچي هت آشيانو ڪيئن ڪيو؟
آشياني ۾ وڃي آواز ڪر.
ڪيئن وٺيو تو کي هي پستي جو مڪان.
جت پچن انسان جو آهي ڪٿن.
جو نٿو ان جاءِ تي هر ڪو رسي.

جو هجي طالب اهو بيشڪ وڃي، اڳ ۾ ليڪن ڪوٺ هستي جو پڇي.
پنهن جي هستي جا ڪيڏي ڏاڍا چڏي، عشق جي آئين تي پختو رهي.
پاڻ ٿي دنيا ۾ اهڙو پاڪباز، ٻن جهانن کان رهي جيئن بي نياز.
هڪ تکو گهوڙو ڪيڏي ٻڌجي سوار، ٿيو همالہ جي طرف طالب تيار.
ران هيٺان پنهن جي گهوڙي کي رکي، ويو گهوڙيءَ ۾ برف جي پاسي وڌي.
برف جي دريا ۾ آيو سر بسر، برف ڏاران ڪين ڪجهہ آيس نظر.
جسم ڳاري جان جاني سان گڏي، ويو ڳري گهوڙي سميت ان جاءِ تي.
فضل ڪر بندي مٿان، بنده نواز، پنهن جي پيارن جي طفيل، اي ڪارساز.
عاشقن جي صف ۾ شامل رک سدا، ماسوا کان بي نيازي ڪر عطا.
اي سڄڻ، هي راهہ آهي پرخطر، پير ۽ سر کان سوا ٿيندو سفر.
هٿ اچي ۽ جسم کي فاني ڪجي، پوءِ حاصل راز روحاني ڪجي.
ڏس سپيءَ ۾ پنهنجو گهر موتي ڪيو، پنهنجي جوهر کي منجهس مخفي ڪيو.
پيچ سپي ۽ هٿ ۾ ڪر موتي اهو، جلد ٻڌجي ويهہ واپاري وڏو.
هي سپي موتي ڇپائي ٿي چڏي، پنهنجي هٿ سان ڪر اهو پردو پري.
بي بها موتي جو ملهہ آهي اٿاهہ، هٿ اچي توکي تہ ٻڌجين بادشاهہ.
جسم تنهنجو پڻ سپي وانگر ٿيو، ٿوڙ ان کي فيض حاصل ڪر سگهو.
ڪيئن ملي موتي سپي ٿوڙڻ بنا، پاڻ کي دوئي جا پردا تو ڏنا.
چڏ هي فاني جسم، ماڻي وٺ بقا، پنهنجي هستي کي وساري چڏ صفا.
ڪيئن ٿو هستي ساڻ حاصل ٿئي خدا، چڏ اها هستي تہ هو ناهي جدا.
ڪر خدا جي راهہ ۾ خود کي تباهہ، ويهہ ٻڌجي دو جهان جو بادشاهہ.
جسم جي هر ڪار کي بيڪار ڄاڻ، عاشقن کي صرف سوليءَ تي سڃاڻ.
خاڪ جي ڪوذي ۾ پاڻي ٿو رهي، ڪيئن ٿئي ظاهر نہ جي ڪوزو پڇي.
آب آهين پاڻ کي ڪوزو نہ ڄاڻ، پيچ اهو ڪوزو حقيقت کي سڃاڻ.
جسم ڪوزو آهي، پاڻي پاڪ ذات، ذات کي مخفي رکيو آهي صفات.
پاڻ کي ڪوزو بنائي تو چڏيو، خاڪ ۾ خود کي ملائي چڏيو.
آب آهين تون لڪر خود کي نہ ڄاڻ، آفتاب آهين، ڪڪر خود کي نہ ڄاڻ.
اڳ ۾ جيڪو آب جاري ٿو رهي، سو ڦري ازخود ڳڙو ٿي ٿو پوي.

جي ڳڙي کي ٿي لڳي ڪوسي هوا، جهٽ ڳري ۽ آب ٿئجي ٿو صفا.
اڳ ۾ توڙي پوءِ پاڻي ٿو رهي، ڪا گهڙي ساعت هو صورت ٿو مٽي.
اي سڄڻ، ڪر جسم فاني کي فنا، جيئن حقيقي ذات سان مائين بقا.
پيچ ڪٽي هن جسم واري ڪوٽ کي، شاه ٿئجي وچ ڇڏي هن اوٽ کي.
شيخ جامي جيئن ڏنو اسرار کي، جهٽ ڪيائين بند هر گفتار کي.
اڳ لکيائين ٿي ڪتابن جا ڪتاب، پر تيس هاڻي سمورا بند باب.
هن ڪتابن سان صفا ناتو ڇنو، ويو لڙهي پاڻي ۾ انجو هر پنو.
شيخ کي حاصل ٿي حق جي آگهي، هن صفا دنيا جي هر لذت ڇڏي.
پيو پتو ان کي جڏهن الله جو، ٿيو وڃي طالب عبيدالله جو.
ان جي ذات آهي ڪٿي توڙي سڄي، هوئي آهي عرش تي چا فرش تي.
عزم سان ڏس ڪوهه ڪيئن ٿو ڪونجي، اڻ ڏٺل پاڻيءَ کي ٿو ظاهر ڪجي.
اڳيم ڪيڄي ٿو مٽي کي سر بسر، پوءِ پاڻي ٿو اچي سڀ کي نظر.
ان طرح سان غير تي آڻي يقين، آب حاصل ٿو ڪجي کوٽي زمين.
ڪر پري پردو مٽيءَ جو ڏس خدا، جسم جي اولي کي لاهي پس لقا.
ڦاڙ چادر کي ۽ ٿي وڃ بي حجاب، ابر ۾ آهي لڪل هي آفتاب.
ڇڏ انهيءَ هستيءَ، کي حاصل ڪر خدا، پاڻ سان هر وقت واصل ڪر خدا.
پاڻ کان ڪر دور هي ڪاري بلا، شهوت ۽ حرص و هوس واري بلا.
جلد ماري ڇڏ هي شهوت جي بلا، تون متان ٿئين هن بلا ۾ مبتلا.
ڪيئن هوا ۾ ٿو هوا ڪافور ٿئي، جسم ڪافوري ٿو جهٽ پٽ دور ٿئي.
ڪيئن هوا سان هيڪڙائي ٿو رکي، اي سڄڻ! تون ڄاڻ هن اسرار کي.
ذات ٿئجڻ سان وڃن ٿيون سڀ صفات، جسم کان آجو ڪري ٿي جڳ ۾ ذات.
مان نٿو کولي پڌايان هي بيان، چو ته هت مجبور ٿئجي ٿي زبان.
مڃ نه مڃ، منهنجو سخن آهي اهو، مان پڌائي ٿو ڇڏيان رستو سڌو.
ديندارِيءَ ۾ هيس سالن جا سال، هو سدا تسبيح ۾ منهنجو خيال.
سر وظيفن ۾ کپائيندو رهيس، من کي مسجد سان ملائيندو رهيس.
زهد تقويٰ ۾ هيس شام و سحر، سوز - غم جي ڪين هئي مون کي خبر.

بندگي حق جي ڪرڻ سالن جا سال، ڪين هو منهنجو رياضت ۾ مثال.
مون ڪيو ٿي ذڪر اثباتي مدام، آفرين هر ڪنهن ڪئي ٿي صبح و شام.
نسث ورتم پير عبدالحق جو در، جت ڪيم نيڪي بدي کي در گذر.
بحر ـ وحدت ۾ هٿايائين ٿپي، پوءِ بخشيائين هيءَ دولت درد جي.
مون تي ايڏي عشق جي امداد ٿي، دل جو ويرانو ويو آباد ٿي.
دينداري جو تڏو پنجي ويو، مذهبن سان واسطو منجي ويو.
هي مسلماني ڪٿي ۽ مان ڪٿي، يار جو حسن آهي هر هڪ جاءِ تي.
هر طرح هستي جي سامان کي ڇڏيم، ڪفر توڙي دين و ايمان کي ڇڏيم.
دل الهي عشق سان معمور ٿي، غير جو سودا ويو ڪافور ٿي.
خاڪ جي پتلي جي هستي ٿي فنا، عشق سان هر چيز اڏري وئي صفا.
عشق جو مهراڻ موجون ٿو هڻي، ان جي آڏو ڪير پنهنجو سر کڻي.
موج خوني آهي بيشڪ بي پناه، ڪير سر ڪوڙو ڪري ٿيندو تباه.
رت ۾ رڳجي تيز پاڻي ٿو رهي، پنهنجي خوني وهڪرن سان ٿو وهي.
مونکي ان مهراڻ ۾ مرشد وڌو، غوطو نيڪي، بدي ۽ جان جو.
جسم جو پانڌو توجهه سان پڳو، هن ٿيڻ سان جو هيو سو هو ٿيو.
ڪنهنکي ناهي منهنجي حالت جي خبر، ٿيا فنا اعمال منهنجا سر بسر.
مونکي فرمايو هي منهنجي پيشوا، پير عبدالحق حقيقي رهنما.
هن مٽيءَ جي مٽ کي پيرن ۾ ڪري، هٿ ڪري وٺ جلد حق جي ذات کي.
خاڪ جي پتلي کي اکير ڏي ڌڪو، "مان اسان" وارو حجاب آهي وڏو.
هڪ ٿي ويندا پاڻ ۾ ذات ۽ صفات، دور ڪر هر وهم کي ڪر چپ چپات.
آفتاب ۽ روشنيءَ کي ڄاڻ هڪ، پنهنجو جلوو ٿا پسائين پاڻ هڪ.
جيڪو موجود آهي سو نابود ڪر، جيڪو نابود آهي سو موجود ڪر.
پاڻ ساري پاڻکي موجود ڪر، هوڏ هستيءَ جو هجو نابود ڪر.
هن فنا مان جلد حاصل ڪر بقا، وٺ مزو هن مٽي جو پس پنهنجو لقا.
مهربانيون پير جون ڪهڙيون لکان، جنهن ڪيا ايڏا ڪرم منهنجي مٿان.
جڳ ۾ اهڙو ڪير ٻنجي ٿو سگهي، لامڪان تي جو رسائي ٿو ڇڏي.

SOORIH SINDHI ADAB

جسم و جان ودين و دل کي هٿ ڇڏي، خاڪبازي کان مٿي ڪر ڀاڻ کي.
لامڪان تائين وڃي پرواز ڪر، جئن پوي هر راز جي توکي خبر.
خاڪ جي هستي کي جلدي دور ڪر، ڀاڻ پنهنجو نور سان معمور ڪر.
رک مٿي مخلوق کان پنهنجو خيال، عرش و ڪرسيءَ کي ڪري ڇڏ پائمال.
دار تي منصور جئن هسوار ٿي، دم اناالحق جو هڻي نروار ٿي.
جا بجا تون ٿي تو ڏسجين سربسر، تن بدن واري پياني دور ڪر.
تون ٿي تون آهين اکين آڏو سدا، ڀاڻ کي ڏس، دور ڪر دوئي صفا.
ڄاڻ صورت کان سواءِ پنهنجو جمال، ڀاڻ جئن حاصل ڪرين پنهنجو ڪمال.
ڇڏ وڃائي پنهنجي هستيءَ جو وبال، رک نظر ۾ صرف پنهنجو ٿي خيال.
ڀاڻکي پنهنجي نظر ۾ محو ڪر، جئن ڏسين درگاه رب جي سربسر.
پٽ وري دل جي نگاهن جي دري، ماڻ ويهي دوجهان جي سروري.
جسم کي گم ڪر نگاهن کي سڃاڻ، عقل ۾ ايندي نه هن معنيٰ جي ڄاڻ.
گم ڪري ڇڏ خاڪ جي پتلي جو گوڙ، بحر وحدت جي ۾ ان کي جلد پوڙ.
تنهنجي اندر جي اکين ۾ هر زمان، نور جو هڪ بحر آهي بي ڪران.
ڀاڻ کي هن بحر ۾ داخل ڪري، ڪر فنا هن خاڪ واري جسم کي.
تنهنجي هستي آهي خيمو خاڪ جو، تون انهيءَ خيمي کي ڦاڙي ڪر ڦٽو.
آهي ان خيمي جي اندر حق جي ذات، ڏس انهيءَ کي ڪر مٽيءَ جي سٽ کي مات.
ڪر يقين ٻيو ناهي هو تو کانسوا، ڀاڻ کي چئي سڃاڻي بس لقا.
تون ڪڏهن اڏرين ٿو هر هڪ عرش تي، ۽ ڪڏهين ڦيرا ڏئين ٿو فرش تي.
تون گداگر، بادشاهه ۽ تون وزير، تون ٿي دربان، تون ٿي بڻجين ٿو امير.
جو ڪجهه آهي، تون ٿي آهين جا بجا، وچ ۾ آهي ڪين ٻيو تو کانسوا.
جئن جو پنهنجا ۾ هلائي ٿو خيال، لامڪان تائين پڄائي ٿو خيال.
آهي موجان موج هر دم بحر ۾، سر بسر سالڪ لڙهي ٿو لهر ۾.
زور سان هڪ موج ٻاهر ٿي ڪڍيس، ٻي تقڙ ماري تري ۾ ٿي هنيس.
هو ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر وڃي، جهٽ لڙهي لهرين ۾ ان جو سر وڃي.
بحر سارو نور جو آڙاهه آهه، ڪير ويندو جنهن کي پيارو ساهه آهه.

SOORIH SINDHI ADAB

جو وڃي ويجهو وڃائي پنهنجو ساھ، جان پنهنجيءَ کي جلائي ٿئي تباھ.
بحر - اعظم جو عجب آهي لقا، ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.
بحر - اعظم آهي بيشڪ بي ڪنار، ڪين ٿيندو ان جي موجن جو شمار.
ان جي موجن ۾ جڏهن پهتو خيال، موج سان ٿي موج ويو منهنجو خيال.
ان خيالي موج جو آهي لقا، جيڪا پاڻي ٿي وهي ٿي جا بجا.
منهنجي اهڙي گردش احوال آھ، حال ڪان ٻاهر هي منهنجو حال آھ.
هن طرح ظاهر ڪيان ٿو حال ڪي، جئن پڇاڙي جو پتو جڳ کي پوي.
ناهي پيو ڪجھ بحر - اعظم ڪانسوا، موج ۾ هڪ موج آئي ٿي صفا.
بحر جي موجن جي طغياني ڏٺم، موج بڻجي خود پريشاني ڏٺم.
هت مزو ۽ معرفت آهن مدام، جسم جو ۽ جان جو ناهي مقام.
ڪير آهي معرفت جي عيش سان، ڪنهن کي طاقت ناهي جو کولي زبان.
ھِہ گهڙي حيرت ۾ حيران ٿو رهان، لامڪان جو مرغ بڻجي ٿو اڏان.
خاڪ جي پڃري منجهان نڪتس مگر، مان انهيءَ حيرت ۾ آهيان سر بسر.
مون اشارن ۾ گهڻو ظاهر ڪيو، پر نہ ڪو سيڪو راز کي سمجهي سگهيو.
مون کي مرشد راھ ڏيکاري ڇڏي، دل وٺي سڀني خيالن تان کڄي.
منهنجو مرشد ٿو درازن ۾ رهي، پير عبدالحق هدايت ٿو ڪري.
جيڪڏهن هڪ وار ڪو هن کي ڏسي، پاڻ پنهنجو پاڻ ڪان ٻاهر رهي.
هي "خدائي" دم غلامي جو ڀري، ان جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري.
چو نہ چشمن سان ٻهاريان بارگاھ، مان سندس خادم، هو منهنجو بادشاھ.
پنهنجي هادي جي حڪايت ڇا ڪيان، ٿي نہ سگهندو ان جي وصفن جو بيان.
وڻ قلم ۽ بحر مس بڻجي پون، پير منهنجي جي صفت پوري نہ ڪن.
ختم ٿي ويو خير سان نامهٔ گذار، درد وارن لاءِ ٿيندو دلنواز.
هت قلم جو سر صفا ڪڄي ويو، جو لکڻ ۾ آيو سو لکجي ويو.

★

عشقنامو

عشق مان آدم خدا پيدا ڪيو،
ان کي مخلوقات ۾ اعليٰ ڪيو.

پنهنجي مخفي راز جون رمزون رکي،
ان ۾ سونپيائين امانت عشق جي.

گهر وٺي دنيا ۾ هو آباد ٿيو،
انت ۾ بي انت آيو، شاد ٿيو.

سچ سراسر آهي جيڪي ٿو چوان،
ڳجهه ڳجهاند ر ڳالهه ظاهر ٿو ڪيان.

آدمي ناهي اهو الله آهه،
جا بجا موجود شهنشاهه آهه.

پاڻ خلقي سڀ جو مظهر پاڻ ٿيو،
دور دوئي کي ڪري ڏس، ناهي ٻيو.

جوڙ جوڙي پاڻ هر شئي ٿيو خدا،
ان کي ٻيو چائڻ خطا آهي خطا.

پاڻ خالق هوش انساني ڏکي،
آدمي جي نام سان آيو هتي.

گودڙي ۾ لعل آيو هت لکي،
جوش ڪاٺي مٺي صراحي ۾ پئي.

جو ڪجهه آهي سو اهو آهي هتي،
ظاهر ۽ باطن ٻيو ناهي هتي.

دو جهان جي مير يعني مصطفيٰ،
سربسر اسرار جنهن ظاهر ڪيا.

سو محمد ۽ احد هڪ چاڻ پڪ،
هڪ ٿيا سي هڪ ٿيا، آڻج نه شڪ.

جنهن ڪيا اسرار ظاهر بيشمار،
جنهن "انا احمد" چيو ٿي بار بار.

سو محمد ۽ علي ٻئي هڪ ٿيا،
شڪ نه آڻج هن عقيدي ۾ صفا.

"عشقنامو" نام ٿيو هن نظم جو،
هن قلم کي حڪم رحماني ٿيو.

چند بيتن ۾ ٿيو پورو ڪلام،
تنهنجي ڪاغذ کي پڙهن جئن خاص عام.

منهنجي هٿ ۾ اوچتو آيو قلم،
جنهن نکي ڪاغذ مٿان روداد غم.

دل ۾ دريا ٿيو روان اهڙيءَ طرح،
موج ۾ موجون اچن جهڙيءَ طرح.

ٻڌ درا مُنهنجي زباني هي بيان، عشق جي رمزن کي ظاهر ٿو ڪيان.
تاج شاهي عشق جو سر تي رکي، آدمي عالم کي بخشي روشني.
بيت ۾ گفتا نہ آهن مون وٽان، هي ڳجهيون ڳالهيون ڀلا آيون ڪٿان؟
ڪنهن وٽان هي راز ظاهر ٿي پيو، ڪير آهي، جنهن اهو گفتو ڪيو؟
هن حقيقت سخت عبرت ۾ وڌو، مون کي عبرت بعد حيرت ۾ وڌو.
ايترا ظاهر ڪيا اسرار ڪنهن، هي سڀئي نڪتا ڪيا نروار ڪنهن؟
مون کي سمجهايو هي منهنجي پيشوا، پير عبدالحق حقيقي رهنما.
حق جو گهر آدم جو گهر ٿيو بيگمان، ان جي ذات پاڪ جو آهي بيان.
تون نہ آهين، آهي هو ڇڏ هاءِ هاءِ، بحر وحدت ۾ اها هستي وڃاءِ.
دل ۾ حق جي هيڪڙائي ٿي رهي، ٻن ڄڻن ۾ پر ٻيائي ٿي رهي.
معرفت ۾ آهي وحدت جو مقام، گفتگو ۾ آهي ڪثرت جو ڪلام.
معرفت ۾ آهي هر ڪنهن کي بقا، جو نٿو سمجهين، اهو آهي خدا.
پنهنجي ٻولي پاڻ ٿو ٻولي ٻڌي، پاڻ دلبر ٿو ڏسي ۽ وائسي.
ان جو گفتو آهي هي منهنجو بيان، ان جي رمزن کي ٿي ظاهر ٿو ڪيان.
چاڻ ڳجهہ الله جو انسان کي، جنهن ڪيو ظاهر خدا جي شان کي.
پاڻ سڀ ڪنهن کي سچائي تو ڪڍ هن، ڪين ڪنهن شئي کي بہ چاڻي ٿو ڪڍهن.
چا ٻڌيو ان جو مقدر، يار ڏس، ظلم توڙي جهل ان جي ڪار ڏس.
ظلم معنيٰ نفس پنهن جي کي کهڻ، جهل معنيٰ پاڻ کان پاسي رهڻ.
هڪ ”الستي عهد“، ٻيو ”قالو بليٰ“، عشق ڌاران ٻول ٻيا ڪنهن جا هيا.
عشق جڻ نروار هي نڪتا ڪيا، عشق وارا پنهن جي هستيءَ کان هٽيا.
آدمي واقف ٿيو هر رمز کان، حڪم جو ٻندو ٿي ٻيٺو بي گمان.
ان کي حق بخشيو نيارو ذوق شوق، جنهن کي ڇنجي عشق وارو ذوق شوق.
لامڪان جو راز انسان ۾ رکي، آگ لاتائين انهيءَ کي عشق جي.
آدمي آهي برابر نور پاڪ، بيخبر ٻٽجي متان سمجهہ س خاڪ.
عرش وارن جو نشان آدم ٿيو، ان منجهان پيدا سڄو عالم ٿيو.
ان منجهان پيدا اهي آثار ٿيا، ان منجهان ظاهر سڀئي اسرار ٿيا.

آدمي ڪونين ۾ ممتاز آهه، لامڪان جي ملڪ جو شهباز آهه.
آهي هر هڪ رمز جو هو رازدان، سيڪو واقف ناهي ان جي راز کان.
ملڪ جو مالڪ اهو معبود آهه، جمله عالم جو بشر مقصود آهه.
آدمي ۾ عشق جو غوغا ٿيو، راز مولا جو منجهس پيدا ٿيو.
عاشقن کي عشق حيراني ڏني، پاڪبازن کي پريشاني ڏني.
عشق مستيءَ جو ڪٿي نعرو هنيو، زير-آتش هر دو عالم کي ڪيو.
مسجد و مندر ڪيا ويران عشق، مفتي و قاضي ڪيا حيران عشق.
عشق آيو عقل پاڇوڪڙ پڳو، امر ان جي سان ادب راهي ٿيو.
آسمان تان عشق ڏوڙايو بشر، هت مٽيءَ جي ملڪ تي آيو بشر.
جئن اڏامي عشق جو گهوڙو هليو، آسمان سان نعل ان جو ٿي لڳو.
چوطرف ان نعل جو چمڪو ٿيو، ان منجهان خورشيد روشن ٿي ويو.
آسمان کي عشق گردش ۾ وڌو، ان پٺيان سج چنڊ کي چڪر ٿيو.
لامڪان کان عشق جي شهباز جو، عرش اعليٰ-جي مٿان پرواز ٿيو.
عرش اعظم جي اچي عظمت ڏني، حق جي ڪرسيءَ جي وڏي وسعت ڏني.
آسمان واري بلندي کي ڏسي، پاڻ جنت ڏي وري آيو وڏي.
جا گهڙي جنت ۾ هو، نعمت هيس، هن مٽيءَ جي ملڪ تي محنت سليس.
هن جڳهه تان هن جڳهه تي جئن پڳو، بس سراسر رنج و محنت ۾ رهيو.
هت اچي جوڙ پائين محبت جو مڪان، خاڪ جو پتلو پريائين درد سان.
آهي محنت ۽ محنت جو خيال، موج ۽ دريا جي صورت جي مثال.
عشق ۾ مجنون سوين سلطان ٿيا، هن جهان ۾ هر طرح حيران ٿيا.
عالم و قاضي سوين حيران ٿيا، مفتي و ملا سوين مستان ٿيا.
عشق جي سلطان جو خيمو لڳو، جو به آيو سو اچي قابو ٿيو.
عقل کي هڪدم هٽائي ٿو ڇڏي، دين و ايمان کان جدائي ٿو ڇڏي.
ناهي طاقت عقل کي هن جاءِ تي، عشق جو شهباز اڏري ٿو مٿي.
عشق آڏو عقل عاجز ٿو رهي، عقل کي ٿو هڪ اشاري سان ڪهي.

عقل شاه - عشق جو دربان آهه، هي سپاهي آهي، هو سلطان آهه.
عشق کلهن مخفي نه آهي ڪوئي راز، هن جهانن ۾ هو آهي شاهباز.
عشق آهي ذات حق جي سربسر، ان جو صورت کان سواءِ ديدار ڪر.
جو نه ٿيندو عشق جو عالي مقام، عشق آهي هن جهانن جو امام.
جو ڪجهه آهي، عشق آهي جا بجا، دور ڪر سڀ وهم وارا وسوسا.
عشق ڏاران جڳ ۾ ٻي ڪا راه ناه، عشق آهي شاه ٻيو ڪو شاه ناه.
عشق هر ڪنهن جي مٿان غالب ٿيو، معرفت وارو سندس طالب ٿيو.
جنهن اچي هن عشق جو درشن ڪيو، دين ۽ اسلام کان ٻاهر ٿيو.
جسم کي ۽ جان کي فاني ڪري، عشق آڻي ٿو بقا جي ملڪ تي.
عشق آهي ذات، مولا ٿو ڏئي، ناهي اهڙي چيز جا لکجي سگهي.
عشق جو درياه آهي بي ڪنار، موج تي موج آهي جنهن ۾ بي شمار.
عشق ازخود هر گواهي ٿو ڏئي، هڪ گدا کي بادشاهي ٿو ڏئي.
عشق جي آتش ٿي ساڙي سربسر، جسم، توڙي جان دل، توڙي جگر.
عشق واري باه ڀڙڪا ٿي ڪري، دل پتنگن جئن انهيءَ ۾ ٿي پچي.
عقل چئي ٿو پڙهه وظيفا روز شب، عشق چئي ٿو ڇڏ خساري جو سبب.
عقل چئي ٿو طاعت ۽ تقويٰ ڪجي، عشق چئي ٿو پاڻ کي رسوا ڪجي.
عقل چئي ٿو هر وظيفو ياد ڪر، عشق چئي ٿو درد کي آباد ڪر.
عقل چئي ٿو ڪر سدا عجز ۽ نياز، عشق چئي ٿو رهه هميشه بي نياز.
عقل چئي ٿو ڇڏ نه روزو ۽ نماز، عشق چئي ٿو ڄاڻ هر هڪ رمز راز.
عقل چئي ٿو پاءِ پيريءَ جو لباس، عشق چئي ٿو هي وڪڻ ڪنهن ۾ نه قاس.
عقل چئي ٿو تون زريءَ جو پوش پاءِ، عشق چئي ٿو پاڻ تي واري وساءِ.
عقل چئي ٿو هر ملامت دور ڪر، عشق چئي ٿو ڪفر کي مشهور ڪر.
عقل چئي ٿو ڪر ڪتابن سان رهاڻ، عشق چئي ٿو رک ربابن سان رهاڻ.
عقل چئي ٿو ڇڏ نه پنهنجو ننگ و نام، عشق چئي ٿو لاهه هي ڦاسڻ جو دام.
عقل چئي ٿو ڪين لاهي ڇڏ نقاب، عشق چئي ٿو رهه هميشه بي حجاب.

عقل چئي ٿو زهد سان تسبيح پڙهه ، عشق چئي ٿو جلد ڪر سوليءَ تي چڙهه .
عقل چئي ٿو رهه برائيءَ کان پري ، عشق چئي ٿو ڇڏ گڏي نيڪي بدي .
عقل چئي ٿو عيش جو خانو بڻاءِ ، عشق چئي ٿو گهر کي ويرانو بڻاءِ .
عقل چئي ٿو پارسا بڻجڻ کپي ، عشق چئي ٿو بينوا بڻجڻ کپي .
عقل چئي ٿو عابد ۽ زاهد ٿجي ، عشق چئي ٿو دور ڪر هن وهم کي .
عقل چئي ٿو علم جي تحصيل ڪر ، عشق چئي ٿو محو ٿي وڃ سربسر .
عقل چئي ٿو قاضي و ملا ٿجي ، عشق چئي ٿو "لا" منجهان "الا" ڪجي .
عقل چئي ٿو مات سان ڪر ڪار ڪم ، عشق چئي ٿو مار "سبحاني" جو دم .
عقل چئي ٿو رهه هميشه تون خموش ، عشق چئي ٿو جوش مان ڪر مئي کي نوش .
عقل چئي ٿو پاڻ کي موجود ڄاڻ ، عشق چئي ٿو جڳ سڄو نابود ڄاڻ .
عقل چئي ٿو هوڏ ۽ هستي ۾ اچ ، عشق چئي ٿو موج ۽ مستي ۾ اچ .
عقل چئي ٿو عالمن جو ڪر لباس ، عشق چئي ٿو پي شراب ۽ رک شناس .
عقل چئي ٿو ذڪر ڪر تسبيح ٺاهه ، عشق چئي ٿو جلد ڪر جنٺي کي لاهه .
عقل چئي ٿو تون جماعت سان رهاءِ ، عشق چئي ٿو درد کي رهبر بڻاءِ .
عقل چئي ٿو هار ۽ سينگار ڪر ، عشق چئي ٿو حال کي هموار ڪر .
عقل چئي ٿو جا بجا مشهور ٿي ، عشق چئي ٿو جڳ سڄي کان دور ٿي .
عقل چئي ٿو پاڻ وٽ ميڙو مچاءِ ، عشق چئي ٿو پاڻ کي سڀ کان بچاءِ .
عقل چئي ٿو ٻڌجي وڃ ماڻهن جو پير ، عشق چئي ٿو رهه محبت ۾ اسير .
عقل چئي ٿو ويهه مسجد ۾ مدام ، عشق چئي ٿو مئڪدي جو ڪر سلام .
عقل چئي ٿو ڪر طهارت هر گهڙي ، عشق چئي ٿو جسم کان آزاد ٿي .
عقل چئي ٿو ڪر سوال ۽ ڏي جواب ، عشق چئي ٿو سڀ جي آڏو ٿي خراب .
عقل چئي ٿو نيڪ پنهنجو نام ڪر ، عشق چئي ٿو پاڻ کي بدنام ڪر .
عقل چئي ٿو هوش رک ، هشيار ٿيءُ ، عشق چئي ٿو مست و عاشق، يار ، ٿيءُ .
عقل چئي ٿو دين کان آگاهه ٿيءُ ، عشق چئي ٿو فقر جو همراهه ٿيءُ .
عقل چئي ٿو پاڻ کي مرشد بڻاءِ ، عشق چئي ٿو وهم اهڙي کي وڃاءِ .

عشق بيشڪ هر طرح هشيار آهه، عشق پنهنجي پاڻ کان بيزار آهه.
عشق رب جا راز پيدا ٿو ڪري، عاشقن کي پاڻ شيدا ٿو ڪري.
عاشقن کي عشق حيران ٿو ڪري، سالڪن کي پڻ پريشان ٿو ڪري.
عشق هر راحت وڃائي ٿو ڇڏي، نيڪنامي کي جلائي ٿو ڇڏي.
عشق جي نعرن جي آهي ڌم ڌڙي، ”لي مع الله“ ۽ ”انا الحق“ هر گهڙي.
عشق جڏهن ماري ٿو ”سبحاني جو دم“، جڳ ۾ هي غوغا ٿو پڌجي دم بدم.
عشق واري ٿو ڇڏي هرهڪ ڪتاب، هر دوڪانداري ڪري ٿو هو خراب.
عشق جڳ ۾ آهي بانڪو بادشاه، هڪ ٿو سمجهي هر مڙهي ۽ خانقاه.
عقل ۾ آهي بيائي جو اڪر، عشق ۾ توحيد آهي سر بسر.
عقل ۾ آهي هميشه افتخار، عشق ۾ آهي سراسر انڪسار.
عقل کي آهي ڪمينن جو سلام، عشق جو آهي سدا عالي مقام.
دم ”انا الحق“ جو لڳي ٿو عشق ۾، ڪوٽ هستيءَ جو پڄي ٿو عشق ۾.
عشق جي درياه ۾ موجان موج آهه، لامڪان تائين انهيءَ جو اوج آهه.
عشق جي چوغي ۾ ”هوحق“ جي پڪار، عشق ۾ ”مان‌مان“ جي وائي کي وسار.
”لوڪشف“ جو راز ظاهر ٿو ڪري، عشق ٿو بي ميم احمد کي سڏي.
ڪاميابي عشق جو دستور آهه، پر ملامت ۾ سدا مشهور آهه.
عشق هرهڪ علم ظاهر ٿو ڪري، گفتگو جا رنگ ان ۾ ٿو ڀري.
جان کي جوهر اچن ٿا عشق سان، ني سچا انڊا پون ٿا عشق سان.
عقل دنيا جي پٺيان آهي تباه، عشق آهي دو جهان جو بادشاه.
عقل آهي خود پرستيءَ جو مقام، عشق آهي موج مستي جو مقام.
عقل دائم آهي دنيا جو غلام، عشق جو دنيا ۽ عقبيٰ کي سلام.
عقل هر جا گهر بڻائيندو رهي، عشق ويرانا وسائيندو رهي.
عقل جي آڌو رهن ٿيون صورتون، عشق ميٽي ٿو ڇڏي سڀ مورتون.
عقل جي آڌو رهن ٿا سئو نقاب، عشق لاهي ٿو ڇڏي هرهڪ حجاب.
عقل سجدن ۾ ٿو سمجهي پنهنجو سود، عشق هر شئي جو وڃائي ٿو وجود.

عقل چاهي ٿو ته رکجي سر بلند، بي نيازي عشق کي آهي پسند.
عقل جي آهي سدا قيل و مقال، عشق آڻي ٿو صفا احوال حال.
عقل آهي مس پياڻي سان پتل، عشق آهي هيڪڙائي سان پتل.
عقل اٽڪيل ٿو رهي تقليد ۾، عشق هردم ٿو رهي توحيد ۾.
عقل ڏيکاري ٿو جسماني جمال، جان و تن تي عشق آڻي ٿو زوال.
عقل سان دنيا جو درشن ٿو ڪجي، عشق سان پسجي ٿو حق جي ذات کي.

ڏينهن جمعي جي ڪيم پورو ڪلام،
”عشقنامو“ ختم ٿيو، بس والسلام.

★

دردنامو

اڄ وري آيو نرالو هڪ خيال،
ٻڌ ٻڌايان ٿو انهيءَ جو نوڪي حال.

درد جي توري ذري تي بار بار،
آسمان تائين ڪرين ٿو تون پڪار.

حيف، آنجي شان کي ڄاڻين نٿو،
درد ۾ غم جو مزو ماڻين نٿو.

درد ڌاران جڳ ۾ ڪائي راه ناه،
درد آهي شاهه ٻيو ڪو شاهه ناهه.

درد موليٰ سان ملائي ٿو ڇڏي،
پل ۾ پرور وٽ پهچائي ٿو ڇڏي.

سربسر آهي سعادت درد ۾،
هر طرح آهي هدايت درد ۾.

درد هر منزل مٽائي ٿو ڇڏي،
دو جهان ۾ عشق لائي ٿو ڇڏي.

درد سان مٽجي ٿو شاهي جو غرور،
تخت جو ۽ تاج جو سارو غرور.

جي نٿو حاصل ڪرين تون درد کي،
آهي صد افسوس تنهنجي حال تي.

ڪشف جو توڙي ڪرامت جو ڪمال،
درد ڌارن پاڻ آڻيندو زوال.

درد حقيقت درد سڀ جو يار آهه،
درد جنهنکي ناهه سو بيڪار آهه.

پير کي هيڪر ڪچهري ۾ ڏٺم،
درد ري جنهن وٽ نه ڪو گفتو ٻڌم.

عام توڙي خاص هر هڪ پر خمار،
ان جي محفل ۾ رنو ٿي بار بار.

پاڻ نهٺن سان وهايائين ٿي نار،
تر ڪيائين ٿي زمين کي بار بار.

بيخودي جي حال ۾ مرشد اچي،
عشق جي تلوار دل سان ٿي ڪڍي.

جنهنکي جادو جي نظر سان ان ڏٺو،
سو صفا سرمست ديوانو ٿيو.

عشق جو خنجر نظر آئي نگاهه،
يار جو مظهر نظر آئي نگاهه.

درد سان ٿي آه نڪتي پهر ڪان،
رهنمائي ٿي ڪيائين آه سان.

راهہ ڏيکاري ٿي مرشد عشق جي، غم توڙي خاص جي دل ٿي لٽي.
صبر ۾ اڃ شور چڙ اي جان نثار، ورنه همت ايندي قيامت آشڪار.
جوش ۾ هي جان منهنجي ٿي جلي، سوز ۽ ساڙي ۾ هي دل ٿي سڙي.
مهر سان مرشد ڏنو مون ڏي جڏهن، درد جو ديرو لڳو دل ۾ تڏهن.
اصل ۾ جنهن تي ڪيائين ٿي نظر، سو ڪري پٽ تي پيو ٿي سر بسر.
ڏس ڏنائين غم پرايو عشق جو، عاشقن تي آهي سايو عشق جو.
درد وارو مرد منصب دار آهہ، درد جنهنکي ناهي سو مردار آهہ.
درد سان هر معرفت ٿئي ٿي وصول، سان ٿو سمجهان ان کي مولا ۽ رسول.
درد ڏئي ٿو هر خبر الله جي، آهي ان ۾ ٻنهي جهان جي بهتري.
پاڻ اول توڙي آخر ٿو رهي، پاڻ ٿو ٻولي، ٻڌي، توڙي ڏسي.
ڪنهنجي هستي ناهہ مولا کانسواءِ، آسمان توڙي زمين تي جابجا.
جئن ڏٺم ان ڦينهن مرشد جون اکيون، تئن حياتي ۾ نہ هرگز مون ڏٺيون.
فيض واري ديد کي جئن مون ڏٺو، درد دل ۽ جان منهنجي کي لڳو.
خوفناڪ ان جي نظر مون کي لڳي، جا زمين کان آسمان تائين پڳي.
هر طرح سان جال جو غلبو ٿيس، منهن ڪڏهن ڪاڙهو ڪڏهن پيلو ٿيس.
جئن ٻڌايائين ٿي ڪولي داستان، درد سان ظاهر ڪيائين ٿي بيان.
منهن پڪهرجي ٿي وڍس بي اختيار، جوش جذبي سان ڪيائين ٿي پڪار.
هر هميشه ان جي اک آلي رهي، انجي مجلس مست متوالي رهي.
يار سڀ مدهوش مستي جي ڪري، خود پرستي کان هيا هردم پري.
درد وارو جو ٻہ آيو ٿي اتي، ان ڏي مرشد هٿ وڌايو ٿي اتي.
ڪس وڌهارنو ٿي سائين پاڻ سان، پاڻ ٻڌهي ٿي ڪيائين آجيان.
ان جي دلجوئي ڪيائين ٿي گهڻي، آبرو عزت ڏنائين تـــي گهڻي.
جيڪڏهن آيو ٿي ات بيدرد ڪو، پور فرمايو ٿي "هي گهرجي نٿو".
درد وارو پاڻ وٽ منظور آهہ، درد ري سائڻو مٽي جو سور آهہ.
درد وارو شال محفل ۾ هجي، دل نٿي چاهي ڪڏهن بيدرد ڪي".
جڏهن ٻوي ٿي ياد مونکي هي گهڙي، سو جڳ مون تي وجهتو چانئجي.

جڏهن ڪيائين ياد محفل پير جي،
جو به آيو تنهن جماعت ۾ بشر،
درد جون دانهون، ڪري عاشق اهو،
روح ۽ راڙو هيو هيهات هئي،
رڙ ڪري هر هڪ رنو ٿي سر بسر،
جنهن مٿان ٿي پير ڦيرائي نظر،
آن جي سامهون منهن ڪرڻ جي ڪا مجال،
شير وانگر مست ديواني نظر،
دل جي درياء جوش کاڌس ٿي گهڻو،
پئي ڏهاڙي مون کي هيئن مرشد چيو،
پنهنجي هستي سان ڪندين جيڪي ثواب،
سر بسر سيئي ثوابن جا حجاب،
جو سچي دل سان نمازون ٿو پڙهي،
بي خيالو تنهن نه پڙهه هرگز نماز،
بيخودي ۾ نيڪ پڙهجي ٿي نماز،
ڪير آهي جو تلاوت ٿو ڪري؟
ڪير طاعت ۾ جهڪائي ٿو ڇڏي؟
پنهنجي هستي کي ڪڏهن وچ ۾ نه آڻ،
تون ڪڏهن ناهين اهو آهي خدا،
"مان امان" سڀ ڪجهه الهي کي ڄاڻ تون،
سر جهڪائي ٿو پڙهي بعضي نماز،
بيخودي ۾ رهه سدائين ڇڏ خودي،
خود بخود تسبيح ڦيرائي ٿو پاڻ،
نڪ پيشاني تي لائي ٿو ڪڏهن،
هر وکي ۾ ملڪ جو مالڪ سڃاڻ،
ٽن ٻڪني راهه کان تون منهن نه موڙ،

جان ۽ دل کي وڃي ٿو غم وٺي.
دل ڦرايائين ٿي پنهنجي سر بسر.
لامڪان ڏانئون ٿي لحظي ۾ پڳو:
ڪين ڪنهن کي ڪاٻه وائي وات هئي.
جان ۽ تن جي نه هئي ڪنهن کي خبر.
سو حواسن کان رهيو ٿي بي خبر.!
ڪير اڏو ٿي ڏسي ان جو جمال.
سڀ کي حيرت ۾ وڌو ٿي سر بسر.
فيض بخشيائين ٿي ماڻهن کي گهڻو.
"پاڻ کر تون پنهنجي هستي کي فنو.
تنهنجي رستي ۾ آهي ڏهندا حجاب.
ٻڌجي ويندا جان تنهنجي تي عذاب.
ڪهڙن ان تي ڪا ملامت ٿي اچي.
ڇڏ هجت کي پڙهه ڪر جائز نماز.
پر خودي ۾ غير ٿئي ٿو ساز باز."
ڪير وٺي ۽ وظيفا ٿو پڙهي؟
ڪير آهي جو ڪنبائي ٿو ڇڏي؟
پاڻ کان ٻاهي ٿي دلبر کي سڃاڻ.
پر ڪٿي آهي خدا توکان جدا.
پاڻ کي هرگز نه وچ ۾ آڻ تون.
ناز ۾ بعضي رهي ٿو بي نياز.
لهه خبر الله جي اسرار جي.
جان پنهنجي تي جڏهن پائي ٿو پاڻ.
پنهنجو رخ رنگين ٻڌائي ٿو ڪڏهن.
هر ذري پرزي ۾ ان جي ذات ڄاڻ.
جا بجا هر شئي ۾ آ جاني جي جوڙ.

آهي سارو جڳ الاهي مولا جي ذات،
پنهنجي هستي ساڻ جو ڪجهه، ٿو ڪرين،
جي خدا ساڻ صرف هڪڙو دم رهين،
پاڻ چائين هت ڪم پروردگار،
هت ڪري وٺ راهه وحدت جي اها،
جاڻ هڪ وحدت ۽ ڪثرت سر بسر،
جڳ ۾ تون ۽ تو ۾ آهي جڳ سڄو،
در حقيقت آهي سارو جڳ خيال،
اصل ۾ آهي جو پاڻي پير هت،
سخت حيرت جي جڳهه آهي اها،
جسم ٽوڙي جان باقي ڇا بچي،
هاه ڪير آهي خيالي هي جهان،
بحر وحدت جي اٿل ڪاڏي جڏهن،
"مان، اسان ۽ تون" ٿياسون ڪم صفا،
غسل واري وٽ ڏسي مردي جو حال،
سان ٿيس مردو اهو آهي حيات،

جاڻ هرجا ذات ان جي جون صفات،
ڪجهه نه آهي راهه، ڪهڙي ٿو وٺين.
بيخودي ۾ پنهنجي هستي کي ڇڏين.
ايترو ئي آهي ڪافي "آشڪار"
ڪر انهي ۾ سير ڪثرت جو سدا.
عشق جي منزل ۾ ڪوئي شڪ نه ڪر.
رک، پڪو پختو عقيدو هي سچو.
وهم آهي ان جي ساري قيل قال.
اندر ۽ باهر سمائي ڪير هت.
هن جڳهه، ٿي پير ۽ سر گم ٿيا.
هن جڳهه، ٿي هي نڪو هو ٿو رهي.
گفتگو ساري پلا آئي ختان.
غرق ٿيس حيرت جي موجن ۾ تڏهن.
جا بجا ڏٺو بحر اعظم جو لقا.
پنهنجي هستي جو وٺي ڇڏ تون مثال.
هو هلائي ٿو هلائيو ڏينهن ۽ رات.

رهبر نامو

غور سان ڏِٺ هي حقيقت حال جي،
ڇڏ وساري ڳالهه ٻي هر ٽال جي

ڪير آهي جو هي گفتا ٿو ڪري،
ڪير ظاهر ٿو ڪري اسرار ڪي.

مان نٿو ٻوليان اهو ٻولي ٿو پاڻ،
مان نٿو ڳوليان اهو ڳولي ٿو پاڻ.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان نٿو سمجهي سگهان.

غرق آهيان بحر حيرت ۾ ڪڏهن،
محو آهيان عين عبرت ۾ ڪڏهن

هي اثر عبرت ته ڇا آهيان هتي،
ڪم جي شيءِ يا ڪا به شيءِ ناهيان هتي

ظاهري زهد ۽ عبادت دور ڪر،
ڪوٽ هستيءَ جي ڪي ڇڪنا ڇور ڪر

درد سان پرپور آهي هي ڪتاب،
صدق دل جي سان پڙهي ٿي ڪامياب

آهي نامو رهبري جو هي ڪتاب،
جو هٽائي ٿو سڏي سارا حجاب.

ڇون نه آهين جا بجا آهي اهو،
ڏس اکيون کولي کڻي ساڃي اهو.

هي سخن هرگز نه آهي مون وٽان،
پاڻ ٻولي ٿو اهو ڏِٺ اي جوان.

مان خيال آهيان پڇايان ٿو خيال،
مان ڪڏهن وڇڙيل ڪڏهن واصل بحال.

وصل آهي پاڻ کان پاسي رهڻ،
هجر آهي پنهنجي هستي ۾ هجڻ.

دور ڪر هستي ته هو بڻجي پوين،
ڇو ٿو هستي سان ٻيائي ۾ رهين.

پاڻ پاسي ڪر خوديءَ کي باهه ڏي،
تو اکيان هر ڳالهه روشن ٿي پوي.

پاڻ کان جي پاڻ کي غافل ڪندين،
پاڻ کان ويندين خدا حاصل ڪندين.

جيڪڏهن ڪو وڏهين جي ڇنب ڪي،
ڇنب گرهڻ ۾ ڏسي قيدي سڏي.

سو حقيقت ۾ غلط آهي صفا،
ڇنب ناهي قيد ۾ ڄاڻي خدا.

آسمان جي برج اندر ٿو اچي
ڪي گهڙيون پردي ۾ پنهان ٿو رهي.

برج کان ٻاهر اچي ٿو هو جڏهن
روشني پنهنجي پسائي ٿو تڏهن.

پنهنجي حالت جي مٿان افسوس ڪر،
ڄاڻي پنهنجي شان جي تو کي خبر.

تون به آهين چنڊ جئن روشن مگر،
تو ٿي ڇانئيل آهي هستيءَ جو ڪڪر.

برج وانگر تنهنجي هستي تي رهي،
تنهنجي جوهر کي ڇپائي ٿي ڇڏي.

دور هستيءَ کي ڪندين جي پاڻ کان،
تنهنجي ذاتي روشني ٿيندي عيان.

مان ٻڌايان ٿو وري هڪ ٻيو مثال،
جنهن جو دل ۾ اوچتو آيو خيال.

برج تنهنجي جسم جو آهي مثال،
جسم سان تون ڪئن ڪري سگهندين ڪمال.

ٻن گهڙين جي واسطي هي پاڪ نور،
خاڪ جي پڃري ۾ آيو بي قصور.

خاڪ جي پڃري منجهان آزاد ٿي،
نور ساڳيو نور رهندو شاد ٿي.

درد ريءَ حاصل نه ٿيندو مرتبو،
درد ريءَ ٻجهي نه سگهندو مرد ڪو.

حق جو طالب ٿئين ته حاصل درد ڪر،
درد سان اي يار خود کي مرد ڪر.

درد جو طالب سچو رهه پاڻ تون
پاڻ کي مردن جي صف ۾ آڻ تون.

معرفت جو در کلي ٿو درد سان،
مرتبو اعليٰ ٿئي ٿو درد سان.

درد وارن کي ملندي حق جي راهه،
درد سان ٿئي ٿو گداگر بادشاهه.

ڪفر ۽ اسلام جون واٽون وسار،
درد حاصل ڪر هميشه خوش گذار.

درد رهبر ٿي ڏسي ٿو حق جي راهه،
بينوائن کي ڪري ٿو بادشاهه.

درد آڻ جي جو ذرو حاصل ڪري،
پيچ الهيءَ هستيءَ جي ڪاري ڪوٽ کي.

درد ريءَ هرگز نه ٿيندي حاصلات،
درد آهي عاشقن سان ڏينهن رات.

درد سان پئي ٿو پتو اسرار جو،
جان ۽ دل کي ملي ٿو ڇا مزو؟

موج ۽ مستي اچي ٿي درد سان،
جنهن جي ساري ڳالهه تو سان ٿو ڪيان.

وجد واري راهه ۾ آڻي ٿو درد،
عبد کي درگاهه ۾ آڻي ٿو درد.

ڪي گهڙيون ٻجون ٿا غم سان بي زبان،
ڪي گهڙيون غم سان رهون ٿا خوش بيان.

آهي سڀ ڪان درد جو در جو مٿي،
چو جو حق جي ذات ان ۾ ٿي رهي.

هن ربا واري عبادت ڪئي ڇڏي،
مڪر جي پيري مريدي ڪر پري.

پنهنجي هستي جي حقيقت ڄاڻ تون،
چيز يا ناچيز آهين پاڻ تون.

اڪ ۾ پنهنجو پاڻ اي طالب سڃاڻ،
سؤ لباسن جا پرين پهرين ٿو پاڻ.

آهي سڀ ڪجهه دار تون آهين ڪٿي،
ڪجهه به ناهين ڪين آهين تون هتي.

تون هجين ها هو هجي آهي خيال،
ڪٿي آهي هت جدائي يا وصال

ڪجهه ٿئو ٿئي ذات حق جي ڪان سوا،
مونکي سمجهايو هي منهنجي پيشوا.

ڏس اکيون کولي ته تون آهين ڪٿي،
جا بجا هر رنگ ۾ هو ٿو وسي.

لوڙ دنيا جا سمورا واسطا،
دور ڪر دل جي پريشاني اها.

خاڪ جي پڃري کي اک ۾ تون وسار،
دم اناالحق جو الهيءَ ڪان پوءِ مار.

هي مڪان تنهنجو نه آهي هوش ڪر،
لامڪان جا مرغ لهه پنهنجي خبر.

دام ٽوڙي خاڪ جي پڃري کي ڀڃ،
عرش اعليٰ تي اُڏامي جلد وڃ.

وهم جي صورت ۾ ڪم آهين صفا،
ڇڏ اها صورت مٽيءَ جي بيوفا.

اصل ۾ هي تنهنجي هستي آهي ڪين،
ذات ان جي آهي سڀ ڪجهه ڪر يقين.

تنهنجي هستي نيستي وهم ۽ خيال،
ان جي هستي هر طرح آهي بحال.

تنهنجي هستي ناهي هستي ان جي آهه،
تنهنجي هستي ناهي هستي ان جي آهه.

پاڻ عاشق آهي ۽ معشوق پاڻ،
جان و دل چا نيڪ و بد سڀ آن کي جاڻ.

هر گهڙي هن جو نرالو شان آهه،
پاڻ پنهنجي حسن تي حيران آهه.

پاڻ کي پنهنجو پسائي ٿو جمال،
حال ۾ ڇا قال ۾ آهي بحال.

هو ڪڏهن ٿو پيو ٿو پلجي پڄري،
هو ڪڏهن گفتا ڪري ٿو شهر ۾.

هو ڪڏهن چئي ٿو ته مان آهيان ڪٿي؟
ڪور آهيان مان؟ ڪڏهن هو ٿو پڇي.

رب ارني خود پڪاري ٿو ڪڏهن،
لن ترانِي خود پڪاري ٿو ڪڏهن.

جو چوان ٿو سو انهيءَ جو شان آهه،
حاضري ۾ جسم، دل، ڇا جان آهه.

ڪين ڇانئج غير جسم ۽ جان کي،
ڇا حواءَ ڇا آدم ۽ شيطان کي.

آدم ۽ جبرائيل ابليس ابليس ۽ حوا،
هي سمورا روپ آهن يار جا.

صرف هڪ نالي سنجهان نالا ٿيا،
دور ڪر تون پاڻ کان سڀ وسوسا.

هن بنا ڪنهن کي ڏي ڪونهي اختيار،
هو ڪڏهن ڏک ڏئي ڪڏهن بخشي قرار.

گفتگو ساري سندس آواز ڄاڻ،
هي سمورا راز ان جا راز ڄاڻ.

هي سموري چال ان جي چال آهه،
شاعري منهنجي انهيءَ جو قال آهه.

حق بنا ڪا شيء نظر ايندي ڪٿي،
حق اناالحق ٿي چوي هر شيء هتي.

عبد جا آواز بولي ٿو ڪڏهن،
خود خدا ٿي راز کولي ٿو ڪڏهن.

هر گهڙي آن جو نرالو شان آهه،
آن جي رمزن ۾ سمورا راز ڄاڻ،
هر عمل ۾ يار شامل تو رهي،
رنگ ڇا بيرنگ ۾ آهي اهو،
ڄاڻ پنهنجي ني ڄاڻون ٻاڻي ڪڏهن،
منهنجو مرشد پير عبدالحق ٿيو،
مونکي ڏيکاري انهيءَ هي حق جي راه،
ڪوڙ توڙي هٺ وڏائي کان هٽي،
مونکي سمجهايون سڄي رمزون تمام،
هڪ ذرو آهيان انهيءَ خورشيد جو،
مونکي سمجهائي ڏني مرشد جڏهن،
خاڪ جو بوتو وساريم خير سان،
پاڻ کان هر حال ۾ تون دور ٿي،
ڄاڻ کي ڇڏ ڄاڻ کان آزاد ره،
تون نڪي مالڪ نڪي آهين غلام،
اوچتو قطرو سمايو بحر ۾،
بحر آهيان مونکي تون قطرو نه ڄاڻ،
شور واري بحر اندر ڪر هيس،
بحر سارو مون ۾ غائب ٿي ويو،
عام توڙي خاص دانو تو سڏي،
بحر آهي ڏار قطرو ڏار آهه،
هر طرح سان منهنجي هستي دور ٿي،
آهي سڀ آن بحر جي هستي هٽي،
حال ريءَ هن قال جو احوال ناه،
قال توڙي حال ساکي ڳالهه ڄاڻ،
موج جئن مهراڻ ۾ ڪاڏي آئل،

جان سان آهي ڪڏهن بي جان آهه.
هر صفت ۾ ذات آن جي کي سڄاڻ.
پاڻ ٻولي تو ٻڌي تون پاڻ کي.
هو ڪڏهن مومن ڪڏهن ڪافر ڪٿو.
هر گهڙي تسبيح ڪڙ ڪائي ڪڏهن.
جنهن ڪيس انڪار هو احمق ٿيو.
آهي بيشڪ عارفن جو باشاه.
ان جي معني جي ٻاڪ سرڪي مون ڇڪي.
هو خريدار آهي مان آهيان غلام.
پاڻ جنهن بدڪار کي بهتر ڪيو.
جوش ۾ ايڏو ته آيس مان تڏهن.
جسم جو جامو لٿو منهنجي مٿان.
غير ڇڏ خود ذاڪر ۽ مذڪور ٿي.
عين حق حاصل ڪري آباد ره.
ڪجهه به ناهين تون آهو آهي مدام.
بحر وارو دم هڻي تو لهر ۾.
منهنجي خاطر خوف ۽ خطرو نه ڄاڻ.
اوچتو موجن منجهان ظاهر ٿيس.
منهنجي نظرن جي مٿان پردو پيو.
ڪير ڪوئيندو ذرو خورشيد کي.
رمز کان هرڪو نه واقفڪار آهه.
مونکي پنهنجي کان ملي آزاد کي.
مان ڪٿي آهيان ڪٿي آهيان ڪٿي؟
هي سمورو حال آهي قال ناه.
حق انهي ۾ آهي تون ويساه آڻ.
جهنگ جي ٻاهي ڪيائين منهن آچل.

پوڙ اندر جهنگ سارو آب ٿيو، بعد ۾ سر سبز ۽ شاداب ٿيو.
جي نه ڪائي ها اٿل درياه پاڻ، ڪئن ڪري ها جهنگ ڏي سوڪاهپاڻ.
اڪ ۾ ڏس منصور ڪئن پنجاه سال، هر ڪلي ۾ پاڻ ڪئي ٿي قيل قال.
هن سليو ٿي راز سڀ توحيد جو، جئن پوي مخلوق کي ان جو پتو.
ليڪ آن تي حال جو غلبو ٿيو، تنهنڪري هن دم اناالحق جو هنيو.
قال بهتر آهي پر ويساه سان، حال ۾ آئي ٿو جيڪو راه سان.
اصل ۾ هي قال سارو حال آه، سون سليو تو سان سچو احوال آه.
بد دعا نوڙي دعا جي ڇڏ پچر، حق جي رستي مان رڪاوٽ دور ڪر.
خلق ڇڪجي ٿي اچي ويساه ۾، روڪ بڻجي ٿي طلب جي راه ۾.
جئن دعا تنهنجي ٿئي ٿي مستجاب، تئن تڪبر ٿو ڪري توکي خراب.
چو وڏائين ٿو وڏائي جو خيال، ڇڏ خودي کي بيخودي کي ڪر بحال.
جاڻ تون علت اها ابليس جي، لعنتي جيڪو بڻيو خود کي ڏسي.
هي خدا جي راه ناهي هوش ڪر، صرف سالڪ تا رڪن اهڙي خبر.
هڪ وجود آهي گهڻا هر گز نه جاڻ، دور ڪر سڀ وهم وحدت کي سڃاڻ.
غير ناهي ڪو به موسيٰ کان سوا، صرف هڪڙي ذات آهي جا بجا.
اهل وحدت تا چون ٿوري تڪي، جنهن جي هستي ناهي سو آهي ڪٿي؟
جيڪي آهي سو فقط الله آه، هر جڳهه تي پاڻ بيپرواه آه.
غير سمجهي تون سڌان ڪائين خطا، صرف هڪڙي ذات آهي جا بجا.
هي غلط رستو خطا جي راه آه، سو به موجود آهي سو الله آه.
جي نه اهڙي ڳالهه کي تون سمجهندين، ڪئن خدا جي ذات کي حاصل ڪندين؟
پاڻ ڏي ڏسبو ته ڪئن پسبو خدا، پاڻ کي ڇڏبو نه پوءِ ڏسبو خدا.
جنهن ۾ آهي عشق سا دل آهي دل، عشق جنهن ۾ ناهي سا دل آهي گل.
جنهن کي دل ۾ دلربا جو درد ناه، تنهن کي دل ڪانهي اهو خود مرد ناه.
درد سان جيڪا به دل آباد آه، ٻن جهانن ۾ اها دل شاد آه.
جنهن به دل ۾ درد جا ديرا لڳا، دين و دنيا کان مٿي آهي اها.
عشق واري راه کان پاسو نه ڪر، جئن ٿئين دارين ۾ تون بهره ور.

عشق جي ڦندي ڦاٿي ٿو ڇڏي، شان شاهن سان ملائي ٿو ڇڏي.
درد واري دل هميشه شاد آهه، ڇو جو دنيا کان صفا آزاد آهه.
جنهن به دل ۾ عشق پنهنجو گهر ڪيو، تنهن وڃايو وسوسو هر ڳالهه جو.
دل به هڪ آهي ته هڪ آهي خدا، عشق پڻ هڪ آهي بيشڪ جا بجا.
جنهنجي دل ۾ عشق پنهنجو گهر ڪيو، سو سدا ثابت قدم محڪم ٿيو.
ٻن جهانن ۾ خدا جي راز کي، دل جي آڏو عشق ظاهر ٿو ڪري.
پاڻ پرواني جي پر ڪر اختيار، حسن واري شمع تان ٿي وڃ نثار.
عشق ڌاران دل کي ويران ڄاڻجي، خاڪ ۽ پاڻيءَ جو سامان ڄاڻجي.
عشق ريءَ اي دل سهين ٿي تون عذاب، بي سبب ٻڌجين ٿي بيگاني خراب.
عشق جي تاثير سان آباد ٿي، وٺ حياتيءَ موت کان آزاد ٿي.
دل مثل آهي، جي ان ۾ ناهي درد، عشق وارن جو رهي ٿو رنگ زرد.
درد ڏئي ٿو دل کي پنهنجي روشني، ان جي گلشن ۾ رهي ٿي تازگي.
دل هميشه عشق سان آهي حيات، عشق آهي سر بسر موليٰ جي ذات.
جنهن به دل ۾ عشق جي غير گهر ڪيو، آهي ان ۾ خاص گهر الله جو.
جنهن به دل ۾ ناهي ذرو درد جو، سا سڙي دل آهي بتخانو وڏو.
جنهن مثل دل جا گهڻا ٽڪرا ٿيا، تنهن جي خيمي ۾ کهلي حق جي هوا.
هر مثل شيءِ آهي بيڪار ۽ خراب، پر مثل دل سان نه آهي هي حساب.
هت مثل دل کي وڃن ٿا چاهه سان، هت قتيل دل سانڍجي ٿي ساهه سان.
جو وڃي ٿو دل اها سو يار آهه، هر دو عالم ۾ سندس ديدار آهه.
جو الاهي عشق سان مخمور ٿيو، ڪوٽ ٽوڙي واڻ کان سو دور ٿيو.
اوچتو ان کان ڇٽي وئي قيل قال، حال جو غلبو ٿيو ان تي بحال
عشق جي هستي سندس هستي لٽي، بيخودي ۾ پاڻ کان هو ويو ڇٽي
ڪي گهڙيون ٻڌجي وڃي ٿو بيزبان، ڪي گهڙيون ازخود رهي ٿو خوش ٿي
عاجزي ۾ پاڻ کي آڻي ڪڏهن، بينيازي جا مزا ماڻي ڪڏهن
درد مان دانهون ڪري ٿو هو ڪڏهن، چپ رهي ٿو فڪر ۾ قابو ڪڏهن
ڇان بعضي آهه زاري ٿو ڪري، مُرڪندي بعضي بهاري ٿو ڪري

ڪا گهڙي نازڪ نچي تو ناز سان، ڪا گهڙي ويهي رهي تو راز سان.
هو ڪڏهن ننگو ڪڏهن پائي لباس، ڪنهنکي ناهي انجي رمزن جي شناس.
هو ڪڏهن بازار ۾ جلوا ڪري، هو ڪڏهن توحيد جون رمزون ڏسي.
هو ڪڏهن وڃ اڳ جي محفل ڪري، هو ڪڏهن سڀ سان ڪڏهن سڀ کان پري.
پاڻ صدقي تو ڪري جامو ڪڏهن، خود هئي تو دم انا الحق جو ڪڏهن.
هو ڪڏهن عبرت ڪڏهن حيرت ۾ آهه، هو ڪڏهن الفت ڪڏهن عزّت ۾ آهه.
هر طرح هر حال ۾ هادي سچو، هئي ڪڏهن ۽ هوندن ڪڏهن آهي اهو.
هي خدائي ٿيو غلامن جو غلام، صبر سان ويهي چوي ٿو هي ڪلام.
پنهنجي هستي کي پري ڪر پاڻ کان، خود بخود هرگز نه ڪر ظاهر بيان.
پاڻ جاري ٿو ڪري هر گفتگو، هر جڳهه تي يار آهي روبرو.
جڏهن تون ڇائيندين پنهنجو وجود، جهت خدا سان گڏ وڃي ڪندين سجود.
نفي ۽ اثبات سان آهي وجود، حق جو سجدو ٿيو ته پوءِ ناهي وجود.
هر طرح هر حال ۾ سالڪ سچو، ڪنهن کي مولي کان سوا چاهي نٿو.
جنهن کي مولي جي طلب هوندي مدام، سو نه گهرندو شرارت جو مقام.
عام خاطر اسم سان گڏ جسم آهه، خاص خاطر جسم ڪونهي اسم آهه.
جسم تن جو گم رهيو چالي خدا، عشق بچيو باقي سڀ ڪجهه ٿيو فنا.
گل سڄهان تن ڪل حقيقي هٿ ڪيا، خاڪ جو بوتو بڻجي روشن ٿيا.
ڪيل دل واريون اکيون دلدار ڏس، هر طرح هر رنگ ۾ هڪ يار ڏس.
تو وڃايو آهي پنهنجي پاڻ کي، غير ڪونهين تو تڏهن تون پاڻ کي.
جا بجا جلوه نما الله آهه، ظاهر ۽ باطن خدا همراه آهه.
تنهنجي ٿيندي اک ڏسي تي عام رنگ، آپ آپ هائي جو ظاهر آهي رنگ.
اڳ ۾ رک علم اليقين سان واسطو، پوءِ اچ عين اليقين ڏي تون سگهو.
تون جڏهن حق اليقين حاصل ڪندين، ڪاميابي سان مٿي منزل ڪندين.
جابجا تو کي اچي جو ڪجهه نظر، آهي سو الله تون ويساهه ڪر.
حق بنا ڪنهن ڏي نه ڏس ڪجهه هوش ڪر، رک مٿي هڪونئين کان پنهنجي نظر.
حق بنا ڪا شيءِ نه ڏس ڪر اعتبار، جا بجا آهي اهوئي آشڪار.

جو ڪندو انڪار سو ٿيندو خراب ، باھ دوزخ جي ۾ ڪاٿيندو عذاب .

"مان اسان" جي قيد ۾ جيڪو پيو ، باھ دوزخ جي ۾ سو داخل ٿيو .

هن حقيقت کان نہ جو واقف ٿيو ، ڪين ٿيندو ان جو اعليٰ مرتبو .

راھ موليٰ جي سڏي ترس اک پٽي ، مڪ، بہ ٿيندي مٽ ڪڏهن شهباز جي .

ڇڏ ڪٿي اي دل عبث گفتار کي ، هٿ ڪري وٺ يار جي اسرار کي .

دور ڪر اي دل صفا نيڪي بدي ، حق جي طرفان هٿ ڪريوٺ رهبري .

هر طرح حرص ۽ هوس کي دور ڪر ، بدنظر ڪنهن تي نہ وجهہ اي بيخبر !

ڪر قتا اي دل سڀني وهم ۽ گمان ، توکي جئن حاصل ٿئي حق جو نشان .

جيستائين پاڻ کان ٿيندين نہ ڏار ، تيستائين ڪين ملندو توکي يار .

جي ڇڏيندين پنهنجي هستي جي پچر ، جا بجا توکي سڄڻ ايندو نظر .

عاجزي ڏارن نہ آهي ڪا ڳلي ، عاجزي سان ٿي نهي ٿي بندگي .

حق جي رستي ۾ ڪپي ٿي عاجزي ، جنهن بنا آهي صفا بيهودگي .

بيڪس ۽ مسڪين عاجز ٿي گذار ، هي سچو گفتو پڌي ڪر اعتبار .

ڪر غريبي بيڪسي کي اختيار ، پنهنجي موليٰ سان وبجهو ٿي گذار .

هوڏ هستي ۽ حسد جي ڇڏ پچر ، ٿي ۽ ڇڪو وحدت جي مٺي جو جلد ڪر .

جو جڳائي توکي، سو ڪر ڪار ڪر ، رک الستي عهد پنهنجي تي نظر .

انڪساري ڪر خودي کان رھ پري ، حق جي رستي ۾ قتو ڪر پاڻ کي .

عمر پنهنجي انسڪاري سان گذار ، بندگي سان زندگي پنهنجي سنوار .

زندگي ڇا جنهن ۾ آن جو درد ناھ ، درد ريءَ دارين ۾ ڪو مرد ناھ .

درد حق جي کان سواءِ ڇا زندگي ، آهي اهڙي زندگي شرمندگي .

پاڻ پلڻُن سان ڦري وينديءَ خيال ، بڻجي ويندين ڪافر ۽ مرتد مثال .

پر جي اندين بيخودي جي راھ ۾ ، پهچندين الله جي درگاھ ۾ .

جو يگانو ٿي ڪندو حق جي طلب ، درد جون دانهون ڪندو سو روز شب .

خود بخود حق پاڪ ٿو توحيد ۾ ، چست ۽ چالاڪ ٿيو تجريد ۾ .

واقفي جنهن جي رهي توحيد ۾ ، سو پڪو تجريد سان تفريد ۾ .

مرد بڻجي پاڻ جهڪي ٿيا فنا ، تن ڏٺي محبوب جو ماٺو لقا .

مرد آهين تون نہ ٻئجي رهہ نہ زال،
پاڻ کان ٻاهي رهي ٿي بيمثال .

مان نہ آهيان، مان نہ آهيان بيگمان،
جوڪجهہ آهيان ڪجهہ بہ ناهيان ڪير مان؟

هر طرح سان يار جو ديدار آهہ،
خالق ۽ مخلوق سڀ ڪجهہ يار آهہ .

خالق ۽ مخلوق هڪڙي ڳالهہ چاڻ،
ناهي تن جي وچ ۾ ڪو ٻيو شڪ نہ آڻ .

فرق ناهي وار جي هڪ تار جو،
هر طرح بندو خدا سان هڪ ٿيو .

وٺ خدائي ۽ سچو وارو مثال،
آهي ساڳي شيءِ وڇوڙو ۽ وصال .

ذڪر ڪر اي يار ذاتي ذڪر ڪر،
ذڪر سان هر وقت وٺهي فڪر ڪر .

نيٺ ذڪر ۽ فڪر وڃندا بند ٿي،
دل وظيفن ذان صفا وڃندي ڪڇي .

پاڻ هر شيءِ تان هٽي ويندو خيال،
حال رهندو ڪين رهندي قيل قال .

واردات آهي عجب من حال جي،
هوش بعضي آهي بعضي بيخودي .

منزلون ساري چڙهي تو هي خيال،
خاڪ ۽ پاڻي تي آئي ٿو زوال .

سڀ اُٿي ويهي رهي تو يار سان،
دور ڪرڻو آهي پردو پاڻ کان .

رهہ بقا ۾ يار پنهنجي سان سدا،
پر فنا ۾ پڻ نہ ٿي ان کان جدا .

نفس سان جيڪو ڪندو ٿي نيڪي جو ڪم،
ليکيو بيجا، ڪڏو تنهنجو سو ڪم .

يار سان ڪڏ جي ڪندو ٿي جي ڪم ڪڏو،
ڪم چڱائي جو اهو ٿي ليکيو .

نيڪ بد کي پنهنجي طرفان تون نہ چاڻ،
حق جي طرفان ٿي ٿهي کي سمجهہ پاڻ .

چاڻ هر نيڪي ٿئي الله کان،
سڀ ڪي ٿئي ٿو صرف ان جي حڪم سان

چاڻ حق سان هر ڪني ڪم کي چڱو،
حق ٻنا ٿئي ٿو چڱو ڪم پڻ ڪنو .

راز مخفي يار جو ظاهر ڪيم،
پنهنجي طرفان ڪين ڪجهہ هرگز چيم .

پڙ سخن ۾ راز کي ڪولي ٿو پاڻ،
هي خدائي ناهي خود ٻولي ٿو پاڻ .

جي پڇين مونکان تہ تون قدري نہ ٿيءُ
راهہ مولي جي ۾ تون جبري نہ ٿي .

پنهنجي مختاري ۾ قدري آهي خوار،
پاڻ تي جبري کي ناهي اختيار

پاڻ تي قدري رکي ٿو اعتماد
آهي جبري کي خدا ۾ اعتقاد .

محو مختياري ۾ قدري تو رهي،
پاڻ کان بيزار جبري ٿو رهي .

ڪين هوا سان ڪک اڏامي ٿو سگهي،
خود آڏامڻ جي نٿو طاقت رکي .

جيڪڏهن درياهہ ۾ ڪک ٿو پوي،
جابجا پاڻيءَ ۾ وهندو ٿو رهي .

ڪڪ تري ٿو ڪين پنهنجي زور سان، ڪيس ڀالي تو وهائي شور سان.
جال هي قدري ۽ جبري جو ٿيو، صاف دل سان مون بيان توسان ڪيو.
آهي قدري ڪان اڇا جبري چڱو، هي خودي سان هو خدا سان گڏ ٿيو.
پاڻ سان آباد قدري تا رهن. پاڻ ڪان آزاد جبري تا رهن.
جبر توڙي قدر سا ڪبي ڳالهه، جاڻ شڪ انهيء وحدت جي رستي ۾ نه آڻ.
ڪنهن سمي غزني ۾ هڪ گمراه هو جو نه حق جي راه ڪان آگاه هو.
هڪ ڏهاڙي جڏهن ٿي آيو راه سان اوچتو ڊوڙيو وٺي هڪ جاء تان.
هن چيو اڳ ۾ هي پاڇو ٿو ڊڪي آن پٺيان منهنجو بدن پيو ٿو هلي.
هڪ سياڻي شخص هي گفتو پڌي آن آياڻي کي چيو هڪ دم ڪلي.
بيخبر سمجهين نٿو هن ڳالهه کي حيف آهي تنهنجي اهڙي حال تي.
جو چوين ٿو سو غلط آهي خيال تنهنجي ناداني ڪيو آهي ڪمال.
پاڻ پاڇو تنهنجي تابع ٿو رهي هر طرف تي تنهنجي پويان ٿو هلي.
خود بخود پاڇو ڪري ٿو پيروي هي سراسر ڳالهه آهي عقل جي.
جي رهين ٿو تون ته پاڇو ٿو رهي تو بنا پاڇو نٿو هستي رکي.
جي هلين ٿو تون ته پاڇو ٿو هلي، جي سمهين ٿو تون ته پاڇو ٿو سمهي.
جي پڇين ٿو نه هو پڻ ٿو پڇي هر طرح رفتار تنهنجي ٿو رکي.
ڪٿي نه پاڇو ٿو رهي توسان ڪٿو، تون اڃا هن ڳالهه کي سمجهين نٿو.
تنهنجي هستي ناهي سپڪجهه يار آه تون نه آهين جا بجا دلدار آه.
هر طرح آهي خدائي سان خدا، هي حقيقت پڌ سڄڻ مونکان صفا.
شهر غزني ۾ هيو هڪ ماستر، دل جي دنيا جي نه هئي جنهنکي خبر.
شوق سان ٻارن کي پاڙهيندو هيو، الف بي تي جو سبق ڏيندو هيو.
تن ۾ هڪڙو ڇوڪرو هو باخبر، جنهن پڙهيو ٿي هڪ الف وارو اکر.
هي ڏسي هو شوڪجي ويو شور سان، ڇوڪري کي ڏڪ هڻائين زور سان.
پوء چيائين تون پڙهين ٿو هڪ اکر، ڇونٿو بي تي پڙهين اي بيخبر!
هن چيس استاد هي چاٿو چوين، ريء الف بي تي ۾ اڳڪي ٿو پوين.
ماان پڙهان ٿو هڪ الف وارو اکر، ڪين آهي مونکي بي تي جي خبر.

ملڻ الف جو ورد جاري ٿو رکان،
جلد ڪر بي ٿي جو بت برباد ڪر،
حق چڙي بيسود بي تي ۾ نه ڪڙھ،
ڪول منطق طھر کي پڙھ ۽ پراءِ،
جلد ”وصلات نامه“ جو پڙھ هڪ پنو،
يا ته ”رهبر نامه“ کي پڙھ بار بار،
عاشقن وٽ ويھ ڪر صحبت سچي،
حال حاصل ڪر گھڻو، آباد ٿـــي،
وچ وچي احوال پڻ عشاق جو،
غم حڪايت سـان هميشه ٿـو وڌي،
عشق جي ڳالهين ۾ رحمت ٿي رهي،
يار پنهنجي جي حڪايت خوب چاڻ،
عشق ۾ آهـي هدايت ۽ ڪـمـال،
عشق ٻن کي هڪ ٻنائي ٿو ڇڏي،
عشق بخشي ٿو بلندي جو مقام،
عشق آڻي ٿو ملامت ۾ ڪٿي،
مـرد هڪ واپار جـو سانگو رکـي،
ميڙ مالهن جو اچي هن وٽ متو،
هو وري زر بفت جو ڪپڙو وٺي،
ڪن اچي ورتو ته ڪي موتيا ڏسي،
پنهنجي گھر موليا آنهن مان ڪيترا،
ميڙ مان ٿورن اهو سودو ڪيو،
بند ڪپڙي کي ڪري هيرا وٺي،
هن چيو: سودو هي آهي بيبها،
نيٺ هي سودو وٺي ويا بادشاه،
هڪ وظيفا پيو ڪرامت جو ڪمال،

انهن ڪٿي ۽ مان ڪٿي ڏس غور سان.
پت سڪندر جي پڇي دل شاد ڪر.
وچ وچي عطار جي نامي کي پڙھ.
عشق واري بحر ۾ هستي وڃاءِ.
جنهن پوي توکي پتو اسرار جـو.
يا وچي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي گذار.
عارفن جي ڳالھ پڻ تن ڪان پڪي.
ڇڏ خوديءَ کي غم ڪان آزاد ٿي.
درد پنهنجي ۾ اضافو ڪر سگهو.
فيض ڪٿي ڪنهن کي شڪايت مان ملي.
خاص الفت جي عنايت ٿي رهي.
هر طرح ان ۾ هدايت خوب چاڻ.
عشق بخشي ٿو ولايت ۽ ڪمال.
پــاڙ دوئي جي پٽائي ٿو ڇـڏي.
مهربانيون عشق جون آهن مدام.
هر گھڙي جنهن ۾ هدايت ٿي رهي.
ڏوھ بصرن جو وڪر وڃو ڪڍي.
جهٽ وڪامي ويو سندس سودو سچو.
هلڻ وڪري لاءِ ويو هٽ ڪڍي.
عام کي طاقت وٺڻ جي ڪين ٿي.
دل شڪسته ٿيا خريدي ڪان سوا.
حيثيت ۽ حوصلو جن کـــي هيو.
پــاڻ سوداگر اچـــي ويو وري.
ڪير وٺندو بادشاهن ڪان سوا.
عام توڙي خاص ورتي پنهنجي راهه.
مون ڏنو تو کي پنهي سودن جو حال.

عشق وارو آخري سودو صفا ، ڪنهن نه ورتو بادشاهن کان سوا .
عشق آهي زهر مهري جي مثال ، جنهن اڳيان بدرد جي ناهي مجال .
حج زڪواتن ۽ وظيفن جو ثواب ، هٿ ڪري سيڪو سگهي ٿو بي حساب .
عشق جي وبجهو نه ويندو عام ڪو ، واسطو جڳ سان نه آهي عشق جو .
ڪئن ڀلا ڪو عشق جي آڏو اچي ، شينهن جي سامهون نٿي ٻڪري بچي .
صاف شرح غوثيه جو هي بيان ، ترجمو قرآن جو آهي عيان .
جي ننا پنهنجو وجودي سير ڪن ، پوءِ ڪٿي ڪوڙا ٻه هو سجدا ڏين .
سير ظاهر جي ۾ آهن مبتلا ، اصل ۾ الله کان آهن جدا .
آهي قدسي ڳالهه جو مطلب اهو ، ٻڌ ٻڌايان ٿو سخن توکي سچو .
جيڪڏهن ڪو آدمي اهڙو هجي ، محو ذڪر ۽ فڪر ۾ وينو هجي .
۾ لئو شامل رکي دل جو حضور ، چاڻ ان کي ظاهر ۽ باطن ۾ دور .
ڪين آهي ان کي "محڪم" جي خبر ، فڪر آن جو ٿو رهي زير و زبر .
وٺ پتو مولڪان حقيقي سونهن جو ، جنهن جو هر دل ۾ سدا ديرو لڳو .
جو ننو ديدار دلبر جو ڪري ، سو رهي ٿو پنهنجي مقصد کان پري .
جي نه دل ۾ سمجهندين دلدار کي ، نور جو شعلو نظر ايندئي ڪٿي .
هي سمورو ظاهري آهي سفر ، مرد موليٰ جا انهيءَ تي غور ڪر .
سان پري آهيان سندس تعميل کان ، دين کان، تسبيح کان، تحليل کان .
سون چڙي روزن نمازن جي ٻچر ، زهدو تقويٰ کي وساريم سر بسر .
واسطو آهي انهيءَ جو جسم سان ، بندگي غالب رهي تي جنهن مٿان .
جي انهيءَ ڪڏ جي تري ۾ تا ڪرن ، هي ننا الله پنهنجي سان ملن .
عام نيڪن جون چڱايون ۽ ثواب ، خاص ڀيتل مرد سمجهن ٿا خراب .
جئن جو هڪ هسوار پاڻيءَ ۾ ڪريو ، پنهنجي پيرن کي رڪابن مان ڪڍيو .
بس گهوڙيءَ ۾ ان جو گهوڙو ويو ٻڏي ، پاڻ آيو خير و خوبي سان بچي .
خود چيائين شڪر موليٰ جو ڪيان ، مهرباني ڪئي خدا منهنجي مٿان .
مونکي بخشيائين حياتي آب ۾ ، منهنجو گهوڙو غرق ٿيو گرداب ۾ .
هو ٻڏي ويو مان بچي نڪتس هتي ، هو ڪٿي آهي نه مان آهيان ڪٿي .

ٻڌ سمورو راز ره ويساه ۾،
غرق ٿيندين جسم سان پڪ ڄاڻ تون،
جسم تنهنجو آهي ڪوهوڙي جي مثال،
ٻس وڃان هن جسم خاڪي جو حجاب،
جي اهو هوندو ته ٿيندين تون خراب،
جسم جي جنجال کان آزاد ره،
جسم جو بوتو صفا برباد ڪر،
هي سموري ڄاڻ اونداهي جي راهه،
ان جي رمزن کي سڃاڻيندين جڏهن،
حيف هي رمزون نٿو سمجهي سگهين،
اڄ ذرا ٽوڙي ته ڏس هن دام کي،
دام اهڙي کي جي ٽوڙيندين صفا،
جنهن جو ڪجهه دونهون هوا ۾ ٿي هليو،
"اي سيه پوشاڪ وارا ڳالهه ڪر،
ڏس ته ڪهڙي جاءِ تان آئين هتي؟
هن چيو، "اي گودڙي وارا گدا!
ڪا اڃان ٽوڙي وڃڻ جي سڌ نه آهه
هاءِ ڪاڏي ٿو وڃان ناهي پتو!
هي خبر ناهي ته مان آيس ڪٿان!
بن وجود آهيان ڪٿي آهي وجود،
بود ۽ نابود جو ناهي پتو،
ڪير آهيان پاڻ ڇا آهيان سچ،
ڇا مجال آهي جو ڪجهه دونهون ڪري،
تون نه آهين آهي سڀ ڪجهه هڪ خدا،
بنسري کان هنن ٻڌو هڪ هوشمند،
ڪنهن ڪري ٿي هي جدائي جي پڪار،

بيخودي سان اڄ خدا جي راهه ۾.
پنهنجي هستي کي ٻري ڪر پاڻ تون.
دور ڪر هي هوڏ هستي جو وبال.
جي هٽائيندين ته ٿيندين ڪامياب.
يار جي رستي ۾ آئينده حجاب.
دوست جي درگاهه ۾ آباد ره.
پاڻ کي الله سان آباد ڪر.
آهي نازڪ حق جي آگاهي جي راهه.
دم انالحق جو هڻي سگهندين تڏهن.
دام دوئي جي ۾ قابو ٿو رهين.
ڇا خبر هن مام جي ڪنهن عام کي.
سرخرو دارين ۾ ٿيندين صفا
هڪ گدا ويجهو وڃي ان کان پڇيو.
تون هتان ڪاڏي وڃين ٿو ڪر خبر؟
هن جڳهه تان تون وري ويندين ڪٿي؟
غور سان ٻڌ، منهنجي غم جي ماجرا.
پنهنجي هستيءَ جي هجڻ جي سڌ نه آهه.
علم ڪجهه ناهي سفر جي جاءِ جو.
مان نه آيس هن هوا يا خاڪ مان.
ڪين آهي منهنجي هستي کي وجود.
مونکي حيراني ۾ هن حيرت وڌو.
سچ پڇين مونکان ته ڪجهه ناهيان سچ.
ڪجهه نه هوندي ڪنهن هجڻ جو دم ڀري.
تنهنجي هستي آهي آن سان اي گدا.
ڪنهن سبب کان تون رهين ٿي بند بند.
شوق منهنجو ٿو وڌي بي اختيار.

بنسري ان کي وراڻي ھي ڏني،
ڪير آھي جنھن جو ھي آواز آھ ؟
ھن پڇيو ٻيھر تہ ھي ڇاتي ڪرين؟
ھن چيو، اي ھوش وارا غور ڪر،
ڪير آھي جو ھي غوغا ٿو ڪري ؟
غور سان ڏس مونکي وچ ۾ تون نہ آڻ،
بيخبر ٿي پنھنجي ھستيءَ کان شتاب،
پاڻ ٿو ٻولي ٻڌي توڙي ڏسي،
”مان امان“ واري خودي کي ڪر فنا،
تون نٿو ٻولين. اھو ٻولي ٿو پاڻ،
”القوال“ اندر وڏو تجار ھو،
سبز خط سان منھن منورجو جمال،
ھڪ ڏھاڙي پاڻ سينگاري بدن،
پنھنجي ڪپڙن تي مڙھيائين ڪيترا،
پنھنجي زلفن کي ڏنائين پيچ وتاب،
سرس سھڻا ٿيا سندس رخسار ٻئي،
آرسي ڏي منھن ڪيو جنھن قربدار،
پنھنجي صورت کي ڏسي مدھوش ٿيو،
ڪيترو ئي وقت ھو حيران ھيو،
راھ تي ٻيٺي رنائين زار زار،
ھٿن ڪيائين ٿي جدائي جي پڪار،
ھن طرح جو يار پنھنجو ٿو ڏسان،
مان رھان ٿو مست ھن جن حسن تي،
ھو ڪڏھن رقصان ڪڏھن پرجوش ھو،
پٽي چيائين، ”ڪير حيران ٿو ڪري ؟
خود ڏسان ٿو پر نٿو حاصل ڪيان،

مونکي ناھي ڪا خبر آواز جي.
پچ انھيءَ کان جنھن جي ھٿ ۾ ساز آھ.
ڏوڪ سان سيني کي ساڙي ٿي چڏين.
ناھي مونکي ڏوڪ واري جي خبر.
ھوش مان آواز پيدا ٿو ڪري ؟
جو بہ آھي سو سمورو آھي پاڻ.
پاڻ کان پاسي رھي ٿي ڪامياب.
تون نہ آھين پاڻ سڀ ڪجھہ ٿو ڪري.
پنھنجي ھستي کي وساري ڇڏ صفا.
تون نٿو ڳولين اھو ڳولي ٿو پاڻ.
جنھن جو ھڪ پٽ سونھن ۾ سردار ھو.
ور وڪڙ سڀ وار واسينگن مثال.
قيمتي ڪپڙا ڪيائين زيب تن.
لعل ۽ الماس موتي بيبھا.
تن مٿان ڇڙڪيائين خوشبو ۽ گلاب.
مست خوني نيڻ ٿيا نروار ٻئي.
پنھنجي صورت کي ڏنائين بار بار.
بيخودي ۾ خود بخود خاموش ٿيو.
پنھنجي صورت جي مٿان مستان ھيو.
درد جون دانھون ڪيائين بيشمار
آھي ڇا جو غم جڏھن گڏ آھي يار.
چو نہ اوريان حال ڪنھن ھشيار سان.
پر نٿو دلدار مونکي ھٿ اچي.
خود ڪڏھن نالان ڪڏھن خاموش ھو.
وصل ۾ ڇا جو وڇوڙو ٿو رھي.
مست کو واقف ڪري ھن راز کان.

اوچتو هڪ اهل دل آيس نظر،
ڪاٿ صورت ناهي تنهنجي درميان،
توکي پنهنجو حسن حيران ٿو ڪري،
ناهي ڪو محبوب ٻيو تو کان سوا،
در حقيقت تون ڏسين ٿو پاڻ کي،
دم به ناهي ڌار توکان بيمثال،
اي سجڻ ڪر دور دوئي کي سکهو،
عاشق ۽ معشوق خود کي پاڻ ڄاڻ،
رات هيڪر ڏينهن کي ڏاڍيان چيو:
پاڻ ۾ گڏجي رهون آباد ٿيون،
مان وڃان ٿي جي اچين تو تون هتي،
ڏينهن ٻولائي ٻڌايون رات کي،
مان نٿو ترسان نه تون آهين هتي،
تون رهين يا مان رهان هڪ جاءِ تي،
ٻن منجهان هڪڙو فقط رهندو هتي،
ڄاڻ هڪ، ٻن کي نه ڏس ٻن کي نه ٻول،
جنهن کي دوئي آهي سو برباد آهه،
توکي مون کولي ٻڌائي سڀ خبر،
ڪير آهين تون ڪٿان آئين هتي،
تنهنجي هستي ڪون هئي اڳ ۾ ڪٿي،
تنهنجي هستي ناهي سڀ ڪجهه يار آهه،
"مان اسان" جي ڳالهه واري ڇڏ صفا
جسم کان آزاد ره بيباڪ ٿي
پوءِ پڇايا پاڻ ۾ جهڙن ملي
سج پڇيان هرگز نه چينداسون ڪڏهن،
سج پڇيان آذري ڏسون ٿا اڄ شتاب،
سج ڪٿي آهي ڪجهو سڀني ڪلام،
سج سڏن ٿا جنهن کي سو آهي ڪٿي،

جنهن جي تو کي اها ناهي خبر.
پنهنجو درشن ٿو ڪرين تون اي جوان.
پاڻ آهين مست عاشق پاڻ تي.
کول اک ۽ پاڻ کي ڏس تون ذرا.
خود بخود عاشق رهين ٿو پاڻ تي.
پاڻ ۾ ڏس پنهنجي دلبر جو جمال.
ڄاڻ پنهنجو پاڻ کي آهين اهو.
شڪ نه ڪر تون پنهنجي وحدت کي سڃاڻ.
مان وساري ٿي ڇڏيان غم هجر جو.
هجر جي تڪليف کان آزاد ٿيون.
هڪ نه ٿينداسون نه گڏباسون ڪٿي.
مونکي تون حاصل ڪري سگهندين ڪٿي.
منهنجي هوندي ڪير ٻيهي ٿو سگهي.
پاڻ گڏجي ڪين سگهنداسون ڪٿي؟
ڪر پري وحدت ۾ هرهڪ وهم کي.
حق جي رستي ۾ ڪڏهن ٻن کي نه گهول.
ڪين وهمن کان ڪڏهن آزاد آهه.
پر اجها توتي ذرو ناهي اثر.
ڏس ته ڪهڙي جاءِ تان، آئين ڪٿي
پوءِ هستي ۾ هئين آئين هتي.
تون نه آهين درميان دلدار آهه.
ڪجهه به ناهي ذات حق جي کان سوا.
"مان اسان" واري خودي کان پاڪ ٿي،
ملڪ پنهنجي ۾ رهون آزاد ٿي.
جاڳنداسون ڪين سمهنداسون ڪڏهن.
من ڪري مولا اسان کي ڪامياب.
جي هجي ها، سڀ ٻڌون ها لڻ جو لام.
جي هجي ها هو نه ڏسجي ها هتي.

سج ڪٿي ڪونهي ڇڏيو ان جي پچر،
نيٺ سڀ آڏري هليا ڇمڙا سڏو،
پاڻ کي هوندو هيئنر سج ويجهڙو،
بعد ۾ سڀني ڇڏيو آهيون پري،
سج اسان کان پوئتي رهجي ويو،
هر بيابان ۽ جبل جهاڳڻ لڳا،
ايتري ۾ ڪنڀ سڀني جا ڪٽا،
سج برابر آهي روشن سر بسر،
هر جڳهه تي آهي ظاهر هڪ خدا،
اک فقط ديدار سان اک تي رکي،
ڏس اکيون کولي خدا جي ذات کي،
هن طرح مجنون جو اڳ ۾ حال هو،
وهايائين اکين مان آڻ ميو،
جو ڦڙو آن مان زمين تي ٿي ڪريو،
عشق مان آهون سدا ڪيندو رهيو،
خط لکي ليلي جي پاسي بيشمار،
عمر الهي تنهنجا هميشه ٿو سهان،
ڪين قاصد ٿا اچن هت قرب جا،
حال کان بيحال آهيان ڇا ڪيان،
ڪونئو تو کي پڌائي منهنجو حال،
حال نازڪ آهي هيڪر ڏس اچي،
عشق ۾ سڀ هوش راهي ٿي ويس،
پوءِ زباني حال آن پٺي موڪليو،
نيٺ ويس سڀ سنيها ۽ سلام،
روز شب ليلي پڪاريندو رهيو،
نيٺ اهڙو حال آهيو ان مٿان،

آهي ڪوڙي ڳالهه ان جي سر بسر.
سج کي ساري، چاهه مان سڀني ڇيو.
دير ڪاهي جلد ان کي جاهيو.
سج ڪٿي هوندو اڳي يا پوئتي.
منهنجي دل جو هي خيال آهي پڪو.
ور هٿي منهنجا سڀئي ٽڪجي پيا.
سڀ پليد آخر ڪري پٽ تي پيا.
پر اهو انڌن کي ڪٿان ايندو نظر.
ڏس اکيون کولي الهيءَ کي جا بجا.
آهي خالي ڪل نٿي جوڪا ڏسي.
اي گدا، ڪنهن کي نٿو اندو ڏسي.
رت رنو تي برت ۾ پامال هو.
سرخرو سارو بيابان ٿي پيو
آن منجهان ليلي جو نالو ٿي جڙيو.
درد غم جي چاشني چکندو رهيو.
روز قاصد موڪليا ٿي قربدار.
پر نٿو مونڏي اچي ڪو تو وٽان.
هي وٽي اينڏي وجهن نااهي روا.
چاهه ۾ آهيان چريو سان ڇا ڪيان؛
خاڪ سر ۾ آهي ڪر منهنجو خيال.
سر ني واري ٿي وسائي بيڪسي.
سڀ لکڻ نوڙي پڙهڻ وسري ويس.
جنهن ڪري آخر مصيبت ۾ آڙيو.
ياد آهس صرف هڪ ليلي جو نام.
ان جي نالي کي پڪاريندو رهيو.
چپ ڪڍائين اوچتو هر ڳالهه کان.

پاڻ ڪسي لاءِ ڇپائين برملا، ڄاڻي ٻي لاءِ ڪٿي سونڪان سوا.
عشق پنهنجو اوج ڏيکاري ٿو پاڻ، خود بخود پنهنجي خودي ماري ٿو پاڻ.
عاشق واري شاهه ڏيکاريو ڪمال، ڪئين نه هستي کي ڪيائين پائمال.
بيخبر ٿئي ٿو پنهنجو پاڻ کان، دم اناالحق جو هڻي ٿو هر زمان.
خود فنا ٿئي ٿو بچي باقي ٿو يار، جو نه ٻولي ٿو ته بس بي اختيار.
پنهنجي هستي کي هٽائي ٿو ڇڏي، دين و مذهب کي مٽائي ٿو ڇڏي.
حق بنا ڪا شيءِ نٿي باقي بچي، تنهنڪري آن ٿي نٿي تهمت اچي.
هي وجود آهي وجود الله جو، هن گدا ۾ شان آهي شاهه جو.
پنهنجي هستي کان پري منصور ٿيو، دم خدائي جو هڻي منظور ٿيو.
مرتبو ماڳيو هيو عطار جو، جيڪو محرم راز هو اسرار جو.
شمس پڻ اهڙي طرح عارف هيو، حق جي رمزن کان صفا واقف هيو.
عشق جا ڪم ڏس عجب سرڪار آهه، تخت بعضي آهي بعضي دار آهه.
ڪنهن ڇيو ڇيرن کي آهي ڇا سبب، جو رهو ٿا هن جڳهه تي روز شب.
هر پکي آزاد آهي شهر ۾، شاد ۽ آباد آهي شهر ۾.
ڇو وسايو ٿا هي ويرانو وطن، آهي قبرستان بيگانو وطن.
هي ٻڌي ڇيرن ڇيو اي بيخبر! ٻڌ اسان جي ڳالهه ۽ ڪجهه غور ڪر.
آهي ويرانو برابر هي مڪان، پر ڪو ديوانو ٿو ڄاڻي ان جو شان.
در حقيقت هي وطن آباد آهه، جو اچي ٿو هت اهو آزاد آهه.
هت اچي موٽي نٿو ڪو شهر ڏي، جاءِ جو ڄڀسون تڏهن هن جاءِ تي.
شهر سارو موٽ هيڏي ٿو ڪري، روز ايندو ڪو رهي هن جاءِ تي.
هن جڳهه تان ڪونٿو واپس وري، پر هتي هرڪو اچي ٿو گهر ڪري.
ڪيستائين ڪي رٿي چاهيندو فنا، هت فنا ناهي مگر آهي بقا.
هي نصيحت آهي تنهنجي واسطي، ڪر خبرداري ٻڌي هن ڳالهه کي.
ره ڇرباني ۾ سمائو صاف ٿي، اصل ۾ آهي اها مردانگي.
هي مجنون مونکي ته ديوانو ٿي ره، دو جهان ۾ مرد مستانو ٿي ره.
سب ڇرباني آهي مستي کان سوا، ڇو نه آن ۾ آهي غفلت برملا.

ڀاڻ کان آزاد مستي ٿي ڪري،   دور دنيا جي ڪمن کان ٿي رکي.
جاهل عاشق ٿي ڇڏي وهم ۽ گمان،   جڏهن ويئون دنيا جي ڏندن کان امان.
ڪر ڦٽا دنيا جا ڏندا شاد ٿـــي،   پنهنجي هستي کان صفا آزاد ٿي.
آهي دنيا جو سورو ڪم خراب،   حي پاڻو پائين ته پڇ ان کان شتاب.
رهه اڪيلو تــون يگانو يار ٿي،   دو جهان ۾ صف شڪن سالار ٿي.
ڪم زماني جو پريشان تو ڪري،   خود پڇاڙيءَ ۾ پشيمان تو ڪري.
حق جي رستي کان جو هوندو باخبر،   سو ڇڏيندو جڳ جي ڏندن جي پچر.
پنهنجي هستي کي وساري ڇڏ شتاب،   ورنه ٿيندين سخت رسوا ۽ خراب.
مان صفا ڪولي ٻڌايان ٿو خبر،   هر طرح سان ڇڏ زماني جي پچر.
ڪــر ڦٽي فتني ڪڏهن فرزانگي،   جي چڱو چاهين ته وٺ ديوانگي.
جو نه هن رستي ۾ ديوانو ٿيو،   شاهي لائق بادشاهي جو اهــو.
جو زماني کان صفا آزاد آهه،   ان جي دل ۾ دلربا آباد آهه.
يار ناهي دور، ويجهو تــو وٽــــي،   پر نٿو سمجهي سگهين تون راز کي.
ڀاڻ کي سمجهين ٿو ڪجهه اي بيخبر!   ڪوڙ ڏي ناحق پڙهين ٿو تون ڪمر.
جيڪڏهن چاهين ته سڀ ڪجهه يار آهه،   بيخبر! تنهنجي خودي بيڪار آهه.
ڀاڻ کي ٻاهر ڪندين جي ڀاڻ کان،   ذات مولا جي نظر ايندي عيان.
شام اندر هـڪ وڏو تجار هو،   اُٺ مٿان تنهن کي گهڻو ڪجهه بارهو.
خود ويو ٿي روم ڏي سودو ڪرڻ،   قيمتي پوشاڪ جو وکرو ڪرڻ.
پر قضا سان اُٺ مري ويو اوچتو،   راهه ۾ جنهن بـــار ڪيرائي وڏو.
درد سان دانهون ڪرڻ مالڪ لڳو،   منهنجو سهڻو اُٺ مري ويو اوچتو.
قيمتي ڏاڍو هيو ڪم ڪار ۾،   تيز هردم ڏئي رهيو رفتار ۾.
ڪيترا پئسا ڏئــي ورتو اهــو،   تيــز تــر سهڻو سٺــو ۽ سيبتو.
سخت حيرت ۾ جهانئين رڙ ڪري،   ڪير آهي جو ڪٿي هن بار کي.
ڪم ڪندو يار ڪهڙو يار آهه،   هي اهوئي اُٺ اهوئي بار آهه.
منهنجي اب کي ڪهن طاقت هئي آها،   ڪنهن نه ڪنهن هستي جي قوت هئي آها.
اي سڄڻ! ڪا شيءِ نه مخفي ٿي رهي،   جا هميشه ڪم سورا ٿي ڪري.

آهي سڀ طاقت انهي جي سر بسر،
جسم تنهنجو آهي اُن آٿ جي مثال،
جڏهن فنا جي شيء کي، حاصل ڪر بقا،
نون تو سمجهين سان هلان تو پنهنجو پاڻ،
تون نٿو ٻولين، اهو ٻولي ٿو پاڻ،
هي سوري ٻلو جي رفتار آهه،
روز شب موليٰ جو نالو ياد ڪر،
جڏهن وظيفن جي سڄي چڪتاڻ تون،
تون نه نورو جاڻ حق جي نام کي،
ڪهڙ ۾ جڏهن … خواجه فريد،
اي حقيقي رهنما … رهبري،
اي خدا جا دوست منهنجا مهربان،
التجا اٿ جي وٽي وڏي شيخ کي،
ڏس ڏنائين ان کي حق جي راهه جو،
صدق سان طالب طلب ورتي تمام،
ڪجهه ڏهاڙن بعد هو آيو وري،
پير پنهنجي کي چيائين عجز سان،
هي ٻڌي خواجه چيس: منهنجا ٻچا!
ڏس نه تون جا جي ڪري مرتد ٿئين،
هن چيو حضرت صفا سچ تو چوان،
هر ڪهڙيء ۾ جا ٻيا جاهي ڏٺم،
هر دڪان جاهي ڏٺم بازار جو،
ذڪر هر ڪنهن ڏي ڪيو الله جو،
دل ٽڙي وڏي منهنجي سچ پچ سان ڪان،
سون ته مخفي طور مرشد کان ٻڌو،
هي سخن خواجه جڏهن هن کان ٻڌو،

دم جي هر ڳالهه جڏهن ويساهه ڪر.
رک نه اُن ۾ پروسي جهڙو خيال.
جئن ڏسون ظاهر ۾ سورج جو لقا.
خود چوان تو خدا ٻڌان ٿو پنهنجو پاڻ.
نون نٿو ڪولين، اکيون کولي ٿو پاڻ.
هر نمولي ۾ سندس گفتار آهه.
اُن بنا هر چيز کي برباد ڪر
حق جي نالي کي غنيمت جاڻ تون.
معرفت جو عام اُن مان تو ملي
التجا ان وٽ اچي ڪئي هڪ مريد.
دو جهان ۾ ٿئي بلندي بخت جي
ڏس اهو نالو جو هر دم پيو وٺان.
ڪيس چاتائين مريدن کان مٿي.
پاڪ سمجهي اسم پڙهه الله جو.
… هر هر جپيائين حق جو نام.
با ادب … رهيو پانهون ٻڌي.
دل ڪئي آهي خدا جي نام کان.
ڪافر ۽ مرتد ٿئين تو بي‌خطا.
چو تو ناحق ڪفر جو ڪلمو پڙهين.
پر ذرا دل سان ٻڌو منهنجو بيان.
هر جڳهه الله جو نالو ٻڌم.
جا بجا فرزند هي نالو هيو.
هر گلي ڪوچي ۾ هي نالو هيو.
هر جڳهه تي نسر هي آيو ڪٿان؟
شهر ۾ اڳوات ڪنهن ٻڌو ٿيو.
درد ڪلن هڪ دانهن نڪتس اوچتو.

SOORIH SINDHI ADAB

مي چوائين ان کي پڌ اي بيخبر!
هڪ سرو لو هٿ ڪلي اچ جلد ڪر،

هو سرولي کي ڪلي آهيو سگهو،
پنهنجي مرشد وٽ آهي حاضر ٿيو.

ظاهري سر جو ڏکر جوڪو هيو،
پاڻ خواجه پنهنجي هٿ ۾ سو ڪيو،

پنهنجو هٿ پاسي ڪيو خواجه جڏهن،
بـــي بها موتي سرولو ٿيو تڏهن.

بس اني ان کي چيائين اي بچا!
پڇ وڃي بازار ۾ ان جي بها.

هي پڌي بازار ۾ آهيو وري،
سڌ رکيائين ڪين اصلي راز جي.

بس ڪهائين هر دڪان تان هي بچا،
ڪو ٻڌائي مونکي هن شيءِ جي بها.

اڳ ۾ حلوائي وڏي واڪو ڪيو،
ان جي پدران وٽ مٺائي جو ڏرو.

ٻئي چيس وٺ ٿوم بصرن جي ڏڙي،
ٻي دعا ان ڪان سوا وٺ هن گهڙي.

ٽئين چيس جي بار آهين هوشمند،
هن عوض ڪر کير جو پيالو پسند.

نيٺ هڪڙي جوهري ڪان هن پڇيو،
ڏي، خدارا هن جي قيمت جو پتو.

هن ٻڌايس، آهي موتي بـي بـهـا،
جو ٻه ملهه چوندين اهو ٿيندو بجا.

هي وڏي قيمت جو موتي ٿو لڳي،
سون چاندي ايتري آهي ڪٿي؟

جو چوين هن وقت سو توکي ڏيان،
ڪهر بها آن جي ته مان حاضر ڪيان.

سون سان آهي پريل منهنجو مڪان،
جو پڇين توکي اهو کڻ تون هتان.

ڪين آهي ايتري مون وٽ مڏي،
پر انهيءَ تان جان پڻ قربان ڪجي.

هي پڌي موتي کنيائين پاڻ سان،
گهر هليو آيو سڌو بازار سان.

پنهنجي مرشد وٽ وري وڃو اچي،
سڌ ڏنائين ڪين ساري ڳالهه جي.

پير فرمايس ته اي منهنجا عزيز!
صرف هڪڙي جوهري کي پئي تميز.

ڪرب سان هن قدر موتي جو ڪيو،
عام ماڻهن کي نه پيو ان جو پتو.

قدر جوهر جو ڪندو ڪو جوهري،
غير کي ڪهڙي خبر هن راز جي.

جڻن ڏٺو تو پاڻ معني جو مثال،
ڄاڻ ذڪر الله سي ناٿي جو حال.

عشق سان الله جو ناٿو آچار،
چو ته ان جو قدر ڪن ٿا قربدار.

جوهري وانگر انهيءَ جو قدر ڪر،
ڇڏ ڪٿي هڪوار ان تن جي پچر.

عام ڇا ڄاڻن اهي جـو مرتبو،
خاص ماڻهن کي پلا ڪهڙو پتو.

ورد ڪر هن نام جو تون صبح شام،
ذڪر ۾ ره مست ٿي بيخود مدام.

SOORIH SINDHI ADAB

بيخودي ۾ اچ اهو ڏاڍو ٻڪار، خود پرستي جي وظيفن کي وسار.
ذکر سان حاصل ڪري وٺ بيخودي، مهرباني جنهن مولي پاڪ جي.
پاڪ مزمل جڳ سچي جو ڪارڻي، مهر جنهن جي ٿي خدائي تي ڪئي،
مان سندس ادني غلامن جو غلام، هن رسالي کي ڪيم آخر تمام.
هن رسالي کي ڀلي سڀ ڪو پڙهي، مون لکيو آهي مريدن واسطي.

هي سخن آهي سمورو مستجاب،
مون هتي پورو ڪيو پنهنجو ڪتاب.

SOORIH SINDHI ADAB

استاد حامي مرحوم

نيٺ استاد حاميءَ به اسانکي ڇڏي ويو. وڃي اصلوکي ماڳ جا وٺ وسايائين. ڏاڍي تڪڙ ۾ ٿي ڏٺو. پاڻس ته آئو ويٺو هيو. جنهن کو ٽيشن تي ٽهڙ رکي گاڏيءَ جي اوسيئڙي ۾ هجي. ويو به اڪيلو ۽ اوچتو. وات ٽڪائي به ڪانه ڪيائين، ته ڪا هلندي جيڏيون؟ خير، جسي وڃان وڃان ڪن سي رهسي رهندا ڪيترو؟ هونئن به هتي رکيو ڇا هيو؟ صبح منجهند ۽ سانجهي. وري سورن پري‌جبل جيڏي رات! زندگي ته نه هئي ڪو نمجوڻ هئي. پارهوئي پنبٽ. وري ڪو هڪ اڌ سورهجي تڏهن به چنگو. هتي ته چڻ گداڙي ويامل هئي. اڄا بس شڪر، جو هر روح پنيان ڪو نه ڪو روڳ لڳل هيو. جنهن رڄ جسي لقاءَ ڪيڏ هرکو چرين جهان ٻوڙندو ٿي رهيو. ڪو دنيا جو پوچاري هيو. ڪو ڪنهن دبويءَ جو ديوانه هيو. ڪو ڪرسيءَ جو پروانه هيو. هرهڪ پنهنجي روح جي ورونهه ٿي ڳولي يا ڪو راهُ ٿي ريجهايو. پوءِ ڪنهن ڦيرٻون پاتي، مرليون وڄائي يا نرڙ نوائي!

استاد حامي اهڙين مڙني مشغولين جي جهنجهٽ کان آجو هيو. وتائي فقير جيان هو نه هيو ڪنهن جي تيريءَ ۾ نه ميريءَ ۾. هنجي ڪنهن جي آتڻ يا آڪاڙي ۾ ڪا گهري دلچسپي ڪانه هئي. هو ڪڏهن ڪڏهن ٻري ڪان پيهي جڳ جو تماشو ڏسندو ٿي رهيو. اهو به فقط رونشي خاطر. جيئن ڪو ٻهراڙيءَ جو ٻار ٻوٺڊي پير تي چڙهي ملاکڙه جو مزو وٺندو رهي. پوءِ کير ڪٽي ته ڇا يا ڪير هارائي ته ڇا. اهان به هارائڻ واري لاءِ ڪجهه هڏ ڪر ڪندو هيس. الله پاڪ کيس دل ٻي اهڙي نازڪ ڏني هئي. جهڙي نرمل ۽ ڪومل مکڙي. ڪنهن جو ڏک سور سهي نه سگهندو هيو. شاعريءَ کي به شايد انڪري نپايو هوائين ته جيئن سندس دل کي ڪو ڳٽو ملي جنهن وسيلي سندس غم جا غبار دور ٿي سگهن. عاشق مزاج به اي انت هيو. سونهن سندس روح جي غذا ۽ جيءُ جو جياپو هئي. آخري ڏينهن ۾ هڪ سٽ ور ور ڪري ٿي ورجايائين. "محبت نه جن جي من ۾ تن جي مٽي اٿاسي."

منهنجي استاد حاميءَ سان ڏيٺ ويٺ اڄ کان اڌاويهه سال اڳ خيرپور ميرس ۾ ٿي. جتي آءٌ نوڪريءَ سانگي وڃي دهرو دمايو هيو. ان دور ۾ منهنجي چاڻ سڃاڻ ۽ سنگت ڳچ اهڙن انسانن سان ٿي، جن جسي ياد ۽ ساٿ اڄ سوڌو پنهنجي زندگيءَ جو املهه سرمايو ٿو سمجهان.

مون ته استاد حاميءَ کي هردم کلندي ڏٺو. الله پاڪ کيس خلقيو ئي اهڙو خوش خلق هيو. ننڍ ۾ ٿوڙي سڃاڳ. معلوم ائين ٿيندو هيو ڄڻ کلي رهيو هيو. اسپتال ۾ بيماري جي بستري تي ته سندس ڳل عجيب لڳندي هئي. خاص طور جڏهن ڪنلڊ ڪئنسر جو مريض هجي. وري مرض جسي کيس ڄاڻ به هجي.

سموري زندگي ائين مرڪندي مشڪندي ۽ کلندي گذريس. ائين به نه هيو ته کو هميشه سورن جسي هنج ۾ رهيو. بلڪل نه. پليو نپنو ۽ پڙهيو ئي ڏکن ڏوجهرن ۾ هيو. گذريل سال ته مٿس قيامت ٿي گذري. سندس ڪٽنب جا چار ڏينا هڪ پٺي ڪيڏ اجهامي ڪل ٿي ويا. انهن ۾ هڪ ته سندس ڳڀرو پٽ هيو جو ڪاليجي شاگرد هيو. اوچتو مٿي ۾ سور پيس. چئن ڪلاڪن جي چٽ ڪهٽ ۾ نه تو ڏٺو نه مون ڏٺو. خيرپور جي خلق شاهد آهي ته استاد حاميءَ ڳوڙهو اکين نه ڳاڙيو. چسي "جنهن سالڪ ڏنو ان سنڀالي واپس ورتو. منهنجو اڌ يا ٽهائي؟ آءٌ وچوارو ۽ ٽياڪڙ ڪير جو ارهو ٽيان." هنيري البت آئو پٺو دلگير ٿي ڏٺو. پنهنجو غم ته خير ڪي هيس. چيائين ته نبين جي وصال واري عمر اٿم. ٽيهٺ سال پورا ڪري چڪو آهيان. وڌيڪ ڊرتيءَ تي ڊرٺو ماري ويهڻ جي آس بڪانه اٿم. ٻر يار امڙ جيئري اٿم. ڪراڙي پڌندي ته مري ويندي. صدمي سهڻ جوڙي آهي ئي ڪانه. ڳوٺ ۾ گهٽ آءٌ چو سندس دل ڏ ڪائڻ جو ٻهانو ٻجان؟" ائين چوندي سندس اکڙين، جي ڪامڻ ڪارٽ سايون ٿي چڪيون هيون، ڳوڙها تري آيا. پر اکيون ڇنڀيائين نه. متان ڳوڙها چلڪي قطار ڪري، هيٺ نه وهي ڇڙن.

حامي مرحوم هڪ مخلص ۽ محنتي انسان هيو. پارائي اسڪول جسي ماستريءَ سان زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. نوڪريءَ سان گڏ وڏي پڙهائي به جاري رکيائين. گرئجوئيٽ ٿيڻ بعد " ناز هاءِ اسڪول " ۾ ماستر ٿي خيرپور ۾ آيو. جڏهن ڪاليج قائم ٿسي ته سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ان مدت ۾ تحقيقي مضمون لکي علمي ڊاڪٽريءَ جي ڊگري به حاصل ڪيائين. چاليهه سالن کان وڌيڪ عمر جو عرصو علم ۾ سيڙايائين. خيرپور ضلعي ۾ ورلي ڪو لکيل پڙهيل نوجوان هوندو جو سندس شاگرد ٿي نه رهيو هوندو. سندس سموري عمر علم جي ڏس ۾ هڪ لڳاتار جدوجهد ۽ خدمت خلق هئي. ساڳي ريت ادب جي ميدان ۾ نثر توڙي نظم ۾ سندس نالو سنڌ جسي چونڊيءَ وارن اديبن ۽ شاعرن ۾ شمار ٿيندو هيو. سندس سنگت جو دائرو بس سموري سنڌ جي اراضيءَ تي ڦهلجيل هيو. هر هڪ سان ياري دوستي ملهائي ٻاٿ موڪيائين. پنهنجي گهراڻه، ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جي رهاڪن لاءِ ته حامي صاحب هر حاج ۽ هر مشڪل ۾ خواجه خضر جي حيثيت رکندڙ هيو. سنڌي ٻوليءَ جو سچو خادم، عاشق ۽ سنڌ جو صحيح معنيٰ ۾ سپوت هيو. سندس زندگي سهٽي سڦلي گذري.— ۽ پوءِ اڳيرو روانو ٿي. زندگي ڪا الله جي ڏنل موڪڙي ته نه هئي. پر هڪ قرض هيو. جو هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور واپس ٿيڻو هيو. اها اوڌر واپس ٿي. ليکو ئي ختم.

علي احمد بروهي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488